# هرگُنيو

مؤلف

## آخوند عبدالرحيم وفاعباسي

مقدمو

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو - حيدرآباد سنڌ

# هَرگُنِيو

# هَرَگُنِبو

مؤلف

آخوند عبدالرحيم وفا عباسي

مقدمو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

۱۴۱۴هه / ۱۹۹۳ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون　　　سال ١٤١٤ھ/ ١٩٩٣ع
تعداد　　　هڪ هزار
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
قيمت: ٤٠ روپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم - نيشنل هاءِ وي
حيدراباد، سنڌ
۽
مرڪزي ڪتاب گهر نمبر ٩٧٢
گل شاهه محلو، گاڏي کاتو
حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ڇپائي پڌرو ڪيو.

# عنوانن جي فهرست

| عنوان | صفحا |
|---|---|
| عمر مارئي | ١٧ |
| پنهون سسئي | ٢٨ |
| مومل راڻو | ٥٠ |
| ڪلياڻ | ٦٣ |
| سينگار | ٩٩ |
| سر سارنگ | ١١٥ |
| پورب رامڪلي | ١٢١ |
| سر سراڳ | ١٣٩ |
| ساهڙ ۽ سهڻي | ١٤٦ |
| آسا (مضمون ڪاپاٽي) | ١٥٣ |
| سر گهاتو | ١٥٨ |
| سر راڻ ڏياچ | ١٥٩ |
| سر ڪارايل | ١٦٠ |
| سر ڪاموڏ | ١٦٢ |
| سر ڪنيات | ١٦٥ |
| ڪاهوڙي | ١٦٧ |
| قصو پنهونءَ سسئيءَ جو | ١٦٨ |
| قصو جمجما سلطان جو | ١٧٧ |
| قصو ٻلي ۽ ڪوئن جو | ١٨٤ |

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .



# مقدمو

## مصنف پنهنجي هن ڪتاب جو مهاڳ جيئن لکيو تيئن هوبهو هيٺ ڏجي ٿو:

"بسم الله الرّحمٰنِ الرّحِيمِ

ڪتاب هرگنيو

ست هن ڪتاب جي متي ورچ سرن جي آهي

وچورتن جو ڌار ڌار لکيي پٽاندر آهي

فهرست

| سر جو نالو | بيتن جو تعداد | سر جو نالو | بيتن جو تعداد |
|---|---|---|---|
| ١. عمر ۽ مارئي | ٥٥ | ٩. ساهڙ ۽ سهڻي | ٣٥ |
| ٢. پنهون سسئي | ١٠٢ | ١٠. آسا | ١٩ |
| ٣. مومل راڻو | ٦٩ | ١١. گهاتو | ٦ |
| ٤. ڪلياڻ | ٢٧١ | ١٢. راءِ ڏياچ | ٢٣ |
| ٥. سينگار | ٤٦ | ١٣. ڪارايل | ١٤ |
| ٦. سارنگ | ١٦ | ١٤. ڪاموڏ | ٢٠ |
| ٧. پُورَبَ رامَ ڪَلِي | ٩٠ | ١٥. ڪنيات | ١٣ |
| ٨. سُرَاگُ | ٤١ | ١٦. ڪاهوڙي | ٧ |

پڌرو هجي تہ نمبر پهريان ڳڻپ سرن جي ۽ نمبر پويان ڳڻپ ڳائيتو بيتن جو آهي. منجهہ تاريخ نائين مهيني رمضان جي سن ١٢٧٣هجريه النبي صلي الله عليہ وسلم، مالڪ وقابض عبدالرحيم ولد جامع الڪمالات آخوند محمد وفا الحال ساڪن بندر ڪراچي تحرير".

هن مهاڳ مان ئي مصنف جي باري ۾ ڪجهہ روشني پوي ٿي جنهن جي آذار تي سندس تصنيف ڪيل "جواهر لغات

سنڌي اڪيچار“ جي مهاڳ ۾، جيڪو ڪتاب هن ڪان اڳ اداري طرفان ڇپجي چڪو آهي، سندس سوانح ڪي هيٺئين طور بيان ڪيو ويو آهي:

هن ڪتاب ”هرگنبي“ جي متئين مهاڳ ۾ هن پنهنجو نالو ”عبدالرحيم ولد جامعُ الڪَمالات آخوند محمد وفا، الحال ساڪن بندر ڪراچي“ ڪري لکيو آهي، پر ”جواهر لغات“ جي مقدمي ۾ مصنف پنهنجو پورو نالو ”عبدالرحيم پُٽر محمد وفا گُنبذي، هاڻي رَهاشُو ڪراچي“ ڪري ڄاڻايو آهي. جنهن تہ هن پاڻ کي ”گُنبذي“ ڪري لکيو آهي، ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ هو اصل ۾ ”گنبذ“ جي ماڳ جو وينل هو ۽ غالباً اتي ئي ڄائو ۽ اتي ئي وڏو ٿيو، تان جو ڪراچي آيو. ”گُبنذ“ جو عام سنڌي ۾ نالو ٿيندو ”قبو“، يعني تہ هو ”قبي“ جو وينل هو، پر سنڌ ۾ ڪيترائي ماڳ قبي جي نالي سان سڏجن ٿا. البت جن ڳوٺن ۽ شهرن تي قُبي جو نالو آيل آهي تن مان ”قبو سعيد خان“ (تعلقو شهداد ڪوٽ) وڏيڪ مشهور آهي. مرحوم محمد صديق ميمڻ پنهنجي ”سنڌي ادبي تاريخ“ ۾ اهو گمان ڪديو آهي تہ شايد مصنف ڪوهستان جو وينل هو. ان گمان جي تائيد ڪنهن حد تائين ان مان ٿئي ٿي جو ”ڪتاب هرگُنبي“ ۾ هن ڪاچي، ڪوهستان ۽ لس ٻيلي جي شاعرن جا شعر شامل ڪيا آهن.

سندس هٿ لکيل متين ٻن عبارتن مان پانئجي ٿو تہ هن ”لغات“ اڳ ۾ لکي ۽ ڪتاب ”هرگُنبو“ ان ڪان پوءِ لکيو. اهڙو گمان انهيءَ مان ٿئي ٿو جو ”جواهر لغات“ ۾ پنهنجي پيءُ جو نالو صاف سنئون سڌو ”محمد وفا عباسي“ لکيائين.

ان بعد جڏهن ڪراچي لڏي آيو ۽ ڪجهه عرصو ڪراچي ۾ رهيو ۽ پنهنجي ادبي لياقت سببان نالي ۽ عزت وارو ٿيو، تڏهن ڪتاب "هرگنيي" جو مهاڳ لکندي پنهنجي والد جو نالو به شان شرف سان "جامع الڪمالات آخوند محمد وفا عباسي" ڪري لکيائين. هن عبارت مان ظاهر آهي ته هيءُ خاندان هڪ آخوند (استاد) گهراڻو هو ۽ پنهنجي والد "جامع الڪمالات آخوند وفا" جو فرزند عبدالرحيم به "آخوند" ئي هو ۽ مڪتب پڙهايو هوندائين. سندس مرتب ڪيل ڪتاب "قصو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جو" جيڪو شايع ٿيو تنهن جي سرورق تي مصنف جو نالو "آخوند عبدالرحيم" ڪري ڄاڻايل آهي.

آخوند عبدالرحيم پنهنجو ڪتاب "هرگنيو" ماه رمضان ١٢٧٣هجري ۾ لکيو ۽ اهو مهينو مئي سال ١٨٧٥ع هو. "جواهر لغات سنڌي اڪيچار" ان کان ڪجهه وقت اڳ لکيائين ۽ ان جي لکڻ جو عرصو اندازً ١٨٤٥ع ۽ ١٨٥٢ع وارو ٿي سگهي ٿو. انهيءَ گمان جي تائيد ان مان ٿئي ٿي جو ١٨٤٣ع ۾ سنڌ تي قبضي بعد انگريزن فارسي کي سرڪاري زبان طور ختم ڪري ان جي جاءِ تي انگريزي کي اعليٰ سرڪاري زبان طور مقرر ڪيو. سنه ١٨٥٠ع کان پوءِ، سنڌ ۾ انگريزي سان گڏ سنڌي کي به سرڪاري زبان طور تسليم ڪيو ويو ۽ اهڙي پڌرائي سنه ١٨٥١ ۾ بمبئي سرڪار جي سرڪيولر نمبر ١٨٢٥ مورخه ٦ سپٽمبر ١٨٥١ع ذريعي ڪئي وئي. ان کان پوءِ سنڌي ۾ ڪتابن لکڻ ۽ پڙهائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. انهيءَ ڪري ١٨٥١ع بعد هڪ "سنڌي- فارسي لغات" جوڙڻ

جو ڪشالو بي فائدي هو. آخوند عبدالرحيم اها "لغات" ان کان اڳ ئي تيار ڪئي هوندي: يعني ڪراچي ۾ لڏي اچڻ کان اڳ آخوند عبدالرحيم "جواهر لغات، سنڌي اڪيچار" جو مصنف ٿي چڪو هو، جنهن ڪري غالباً ڪمشنر فريئر واري دور (١٨٥١ - ١٨٥٦ع) ۾ سندس علمي لياقت سببان ڪيس اهميت ملي. ان وقت کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي ۽ نصابي ڪتابن جي تياري جو سلسلو شروع ٿيو، جنهن لاءِ ڄاڻو ماڻهو گهربل هئا. اڳتي هلي تعليم کاتي لاءِ ورنيڪيولر ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن جي آڏو ڄاڻو اديب نوان سنڌي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪري ڇپائي لاءِ پيش ڪرڻ لڳا. آخوند عبدالرحيم بہ انهن مان هڪ هو.

آخوند عبدالرحيم وڏي خذمت اها ڪئي جو هن پهريون پيرو سنڌ جي عوامي ادب جو ذخيرو سهيڙڻ شروع ڪيو. ان سلسلي ۾ هن خاص طرح سنڌ جي الهنديين ڀاڱي، يعني ڪاڇي، ڪوهستان ۽ لس ٻيلي جي شاعرن ۽ سگهڙن جا جوڙيل قصا ۽ داستان توڙي ٻيا اعليٰ معنوي بيت گڏ ڪيا ۽ پوءِ انهن کي سُوڌي سنواري جدا جدا ڪتابڙن جي صورت ۾ "تعليم کاتي لاءِ ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽي" آڏو پيش ڪري انهن کي ڇاپائڻ لاءِ منظور ڪرايو. هن جيڪي ڪتاب مرتب ڪيا تن مان هيٺين جا نالا معلوم آهن:

١ - ڪتاب "هرگنيو" ٩ - رمضان سنہ ١٢٧٣هہ يعني سنہ ١٨٧٥ع ۾ مرتب ڪيائين پر اهو ڇاپي هيٺ ڪونہ آيو.

٢ - "قصو وڪيي ڏاتار جو" جيڪو آخوند عبدالرحيم ١۴ جون ١٨٧٠ع تي ناهي تيار ڪري ورنيڪيولر لٽريچر

ڪاميٽي آڏو پيش ڪيو.

٣ - ٤. ”قصو جمجمعا سلطان جو“ ناهيل شاعر مير جو ۽ ”قصو بهرام شاهه جو“ جوڙيل چتي کتي جو- اهي ٻئي قصا پڻ آخوند عبدالرحيم ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽي آڏو رکيا پر ڇپجي نه سگهيا.

٥ - ”قصو دلوراءِ جو“ جيڪو پڻ پهريون دفعو سنه ١٨٧٠ع ۾ ڇپيو.

٦ - ”قصو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جو“ جيڪو ١٨٧٠ع بعد به پيرا ڇپيو.

٧ - ”قصو عمر ماروي جو“ جيڪو پڻ ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽي چونڊيو ۽ ڇپيو.

٨ - ”قصو پنهون سسئي جو“ ناهيل محمد عارف ڪلهوڙي جو، جيڪو ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽي چونڊيو ۽ سنه ١٨٦٨ع کان اڳ ڇپيو.

٩ - ”قصو ٻِلي ۽ ڪُئن جو“ جوڙيل خيرشاهه جو جيڪو ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽي چونڊيو ۽ ١٨٧٢ع ۾ ڇپيو.

١٠ - ”قصو عجائب شاهه جو“ جوڙيل شاعر لونگ جو، آخوند عبدالرحيم ورنيڪيولر ڪاميٽي جي آڏو پيش ڪيو.

اهي قصا پوءِ پيهر ۽ ڪي ٽيهر پڻ ڇپيا، جيئن ته ”قصو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جو“ ٽيون پيرو سنه ١٨٨٤ع ۾ ڇپيو. اهو معلوم ناهي ته ان وقت آخوند عبدالرحيم جيئرو هو يا فوت ٿي چڪو هو. اندازاً سنه ١٨٥٠ع کان وٺي سنه ١٨٧٢ع تائين، يعني ”جواهر لغات“ جي تصنيف ڪان وٺي عوامي ادبي مواد وارن بيتن ۽ قصن جي تاليف تائين، ويهن

ڪان وڏيڪ سالن وارو عرصو سندس پرپور علمي ادبي خذمت وارو دور هو. سندس وفات جو سال معلوم ناهي، پر پاڻئجي ٿو تہ سنہ ۱۸۸۰ع ڌاري يا ان ڪان ڪجهہ وقت اڳ وفات ڪيائين.

آخوند عبدالرحيم "جواهر لغات سنڌي اڪيچار" سنہ ۱۸۵۰ع ڪان اڳ لکي. ان تصنيف وقت آخوند صاحب سنڌي الف- بي ۽ سنڌي صورتخطي بابت علمي لحاظ سان سوچيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪي نوان رخ روشن ڪيا. هڪ تہ خالص سنڌي اچارن وارن اکرن مان ڪن کي ڪي نيون صورتون ڏنائين، ۽ پيو تہ الف- بي جي ترتيبوار سٽاءَ قائم ڪيائين جيڪا "جواهر لغات" جي مقدمي ۾ پڻ ڏنل آهي. تيون لفظن جي صورتخطي ڏانهن چڱو خاصو ڌيان ڏنائين. هن "لغات" جي هڪ خاص خوبي اها بہ آهي جو ان ۾ ڪراچي شهر کان ٻاهر هلندڙ عام سنڌي ٻوليءَ جا لفظ بہ شامل آهن. اهو انهيءَ ڪري جو مصنف پاڻ ٻهراڙي جو هو ۽ اتي جي عام رائج ٻولي کان واقف هو.

سنڌي لغات جي تصنيف ۽ تاليف جي تاريخ ۾ آخوند عبدالرحيم جي لکيل "جواهر لغات سنڌي اڪيچار" پهريون وڏو ڪارنامو آهي. "جواهر لغات" جي شروع ۾ آخوند صاحب جو لکيل مقدمو پڻ سنڌي نثر جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هن لائق مصنف، خالص سنڌي اچارن وارن اکرن جي صورتن کي سنوارڻ ۽ سنڌي الف- بي جي شروع کان وٺي آخر تائين ترتيبوار سٽاءُ قائم ڪرڻ وارو جيڪو ڪارنامو سرانجام ڏنو، سو تاريخي لحاظ سان وڏي اهميت

وارو آهي. سندس الف- بي جي پٽي ۾ ڊاڪٽر اَرنِسٽ ٽُرمپ واري پٽي کي پيٽڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ٽُرمپ جيڪي ڪجهه حاصل ڪيو سو گهڻي حد تائين آخوند عبدالرحيم کان ئي حاصل ڪيو. ڪن جزوي تبديلين سان هن اها ئي الف- بي پنهنجي گرامر ۾ شاه جي رسالي لاءِ اختيار ڪئي. ڊاڪٽر ٽرمپ فقط ٻن اکرن کي، جن کي آخوند عبدالرحيم "گ" ۽ "ڄ" لکيو هو، "نج" ۽ "نگ" صورتن ۾ ڪري لکيو، مگر ٻيا سڀ سنڌي اکر ساڳيا آخوند عبدالرحيم واري الف- بي جا ڪنيائين.

ڪتاب "هرگنيبي" جي مهاڳ ۾ آخوند صاحب سورهن عنوان ڄاڻايا، پر بعد ۾ هنن عنوانن واري مواد جي پوءان چار قصا پڻ شامل ڪيائين: يعني قصو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جو، قصو سسئي ۽ پنهون جو، قصو جمجمعا جو ۽ قصو ڪوا ۽ ٻلي جو. انهن مان قصو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جو پوءِ جدا ڪيائين ۽ اهو جدا ڇپيو. ان جو يارهون ڇاپو سنه ١٩٢٨ع ۾ شايع ٿيو جنهن تان ان کي اتاري لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب نمبر ٣۴ "مشهور سنڌي قصا: ٻاهريان قصا ۽ عشق داستان" ۾ شامل ڪيو ويو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنه ١٩٦٣ع ۾ ڇپيو. ان کي هن ڪتاب ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي.

ٻيو ته "هرگنيبي" ۾ شامل ڪافي بيت راقم کي لوڪ ادب تي تحقيق دوران سگهڙن کان مليا، خاص طرح انهن ڪڇرين ۾ جيڪي لس ٻيلي طرف ٿيون. اهي بيت

ٻيلاڻ جا ٻول، ڪتاب هر رنگ، سنڌي سينگار شاعري ۽ ٻين ڪتابن ۾ اچي چڪا آهن. ڪن بيتن جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته آخوند عبدالرحيم اصل مواد کي ايڊٽ ڪيو ۽ پڻ ڪٿي مختصر ڪيائين ڪي سٽون يا بيت ڇڏي ڏنائين. باوجود انهيءَ جي گذريل اٺويهين صدي ۾ آخوند عبدالرحيم هڪ ڄاتو اديب ۽ محقق هو جنهن جدا جدا شاعرن جا بيت چونڊيا ۽ پڻ اڳين سگهڙن جا جوڙيل سنڌي قصا گڏ ڪيا ۽ انهن کي نئين سر مرتب ڪيو ۽ ڇاپايو.

٣ - آگسٽ ١٩٩٣ع ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

چيئرمين

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

گوڙل ڪنبي شاهه چوي چپ ڪي وائي وات
جوڙون هنڌ لڳائيون گهوٽ تنهين جي گهات
تنهن فهميدي فرحات دلبر ڏنيم دل کي

۳۳

جب گوري گهنا گري اتهه ڏونا اغماز
ڏهه ڏون ڏينهاني گري گامن سان قواز
چرنن طي چريا ڪيا پسُ وتن پرواز
آهو مين مشا هدي ڪن طاوس تواز
ترنگهن طرح تيا ستيها ڪن نيون نانگ نياز
سرو صنوبر سر زمين ڪم ڪيجن اور اوان چهري سيانا
جا اهڙي ڏوڻ دراز تنهن جيا ريوجي جلال جوي

۳۴

تليهر ترنگ بيٺي جهاڙي جهاڙ بهر
تنهين جو ورن وساڙان اگرو الڏه جهڙس انگ
ڪنگو ڪونن گرائيون بهرڻون بهوُنر بهونگ
قيصر لکي گامني تنهن ڪيا نيچا نين ڪرنگ

کھڙيو تنهن جو جلوو جوڀن روپ [illegible] جن ماه کھڙيو سر گنگ
سينن سينان سليمان جي سيسا يا سا رنگ
جڏهن پيٺا منجھ مهنگ تڏهن وڃون وسن آئيون

٣٥

ٿيا نگھر ڏهڙهن پاردهي لاس ٿهٿيفن تان
ڪنيل ڪنجل ارن اوده ڍهگ پاسري ڪٿهن

٣٦

اهو جتي آهي ماري بهي تنهن ماگتي
سب سري بهر مورجي اها سرس سوا
هاتهي شير طون شير سان لوڏئون ڪي نه لگاءِ لکهاءِ
سيج ڪناري جهڙجي بيٺهو پان پساءِ
آهي نس دن دائم دوس سين رسئا رنگ رچاءِ
جنگ سنبهيئي هڪ جاءِ هوا جانب سان جلال جيئي

٣٧

نونگ تليهر طرحان گگر ڪيس قريب جا
مسنگ ماه مڙدو مان ديکهيوان جو بهال بهلو گهون بها

# عمر مارئي

(١)

ڪڙي هئي ڪوهہ تي، عمر ڏنائين
ويس وَرِتَ هٿِن مان، رَتو رُنائين
چڙهندي چپيائين، تہ چِنو سگَ سرتيين.

(٢)

چڱ سڀرايون سومرا، مَ ڪر زور زبان
هڪ ظل ذوالقرَنِ ڪيڏانهن ويو ٻيو جمجما سلطان
جنهين جا جهان ۾ ڦريا ٽي فرمان
تن نہ نِيا پاڻ سين نغارا نيشان
هڪ عدل ٻيو احسان، ساڻ نينديں سومرا.

(٣)

چڱ سڀرايون سومرا، مَ ڪر چائُت چِت
جهنگان آئي جهليين، مون هيڪلائي هِت
پچائيندئي پادشاهہ جمع ٿيندو جِت
نگهہ ڪر نرت، متان ڪاهل ٿيين قطار ۾.

(٤)

چڱ سَڀرايون سومرا، عمر لگُ الله
ٿيم نہ ٿورا ڏينهڙا! ماڙي ڳاريم ماهہ
سڪ منهنجي ساءُ، مارو جي مس لهي!

(٥)

چڱ سڀرايون سومرا، ظلم ڪِي مَ جٽي!
چڏي ويندئي پٽ ۾ متان لوڙهہ لٽي

وجي رهندو نانوَ ڏٺي جو وسيلو وٺي
خبر هن ڪَٺيي، صحيح پوندئي سومرا.

(٦)

اسين پنهنور پن چرا، عمر تون آهين
ساعت جي سهاڳ ۾ تو پاڻُ پلو پائين
اوچ اڏايو ماڙيون تو چمن چٽائين
ترس ڪر تِنهن جو مٿان سپرَ جوَ سائين
اباٽي احمد چي جمَ لوئي لڄائين
مٿان مٿائين، پريون پنهنوارن جون.

(٧)

پريون پنهنوارن جون، موران تان مَ مٿيج
پرِجَ پنهنجي پاتشاہ! دانه دلاسا ڏيج
رِيتيون جي راڄن جون، قائم سي ڪريج
تنهين مَ ڏکهو ڏيج، جن ڪچو ڪنين نہ سُو.

(٨)

جن ڪچو ڪنين نہ سُو سَتين پُنين سينئن
آٿيو سي احمد چوي قيد وهارين ڪينئن
جيڻ ٿورا ڏينهن، ڪَرِ سَٽايون سومرا!

(٩)

ڪر سَٽايون سومرا، جيڻ نہ جانڪيتان
چوڙي چڏ عريب ڪي ڪدي ڪوٽن مان
اُدو لاهہ احمد چئي ماروئڙن مٿان
نہ هي پڻ سرتين سان، وَجي ڏونرا
چوندي ڏيهہ ۾.

(١٠)

جي ڏونرا چوندين ڏيهہ ۾، تن ڏيئي مُکا ڏَس
آيا اباڻا اُکري، اڄ ويڙهيچا وَس
اُنهين ڌانهن **احمد** چوي، آهيم سِڪ سَرس
ماڙين گهاريان مس، ٻنان سانپين سومرا.

(١١)

ٻنان سانپين سومرا، ماڙي مونجهائو
ڪَنديون مون قبول ڪيون تنبو تنهنجا، تو
رهان ڊينگر ڊول سين، ڪريان ڪَنهڙن ڪوهہ؟
کهڙو ڪيم ڏوهہ؟ جيئن جَهنگان آٽيو جهلين.

(١٢)

جهنگان آٽيو جهلين وجهو زورآورَ زنجير
سگ نہ ڪجن سومرا! ههڙي پت همير
سندا پاور پير، مون ڪي مارن ميڙيين.

(١٣)

پنهنجا ساريم سومرا، هو جي پهرن پٽ
پنهنوار
ڏکيا ڪاتيان ڏينهڙا، آءُ ويني اُنهيان ڌار
جيئن هِت سَهج ڪن ٿيون سومريون
هيرا ٻنديو هار
تيئن هُت پڪا پُوريون پادشاهہ اڄ پيي
سرتيون ڪَن سينگار
جيئن هِت پَٽ پٽيهر ٻانڌُٽيون ٻيا پيي
جورا ئي جنسار

تيئن هُت لويون ڏويون سومرا، تيون ڪَن
ڪَتين منجهہ خُمار
جيئن هِت انب آمان ۽ آمريون ٻئا پيي باغ
چگا بُلغار
تين هُت ڪيڙيون ڪاريون چاريون وٽ اباٽن آپار
جيئن هِت گل قُل جايون جافران ٻئا پيي
داؤدي دلدار
تيئن هُت تِڙن تيون تاڪامريون ٻئا پيي
گولاڙا گلزار
جيئن هت گُل گلاب جا، ٻئا پيي ڪِڙيا ڪنٹھار
تيئن هُت قوڳ قلاريا قر سين اج پيي لعل ليار
جيئن هِت چوِنڪيون چمن چؤدرا ٻئا پيي
ماڙيون مَحل مُنار
تيئن هُت اڏن پيهيون تن ۾ ويهيون رهن
ڍِنگهر جي ڍار
هِت ميان تو ڪئون وير وڏا هئا جن تي ڪيا
ڪوتن منجهہ قرار
سي سڀ مري ويڙا گُبري،هيءَ جوڙ ڇڏي جنسار
اگيان قبر پڇنديئي خبر هي حقيقت هيڪار
لَتيندَيئي لَتَ ڇڏيندين ڪَٿ سڻ ميان
سومرا سردار
هُوءَ تان پُسيءَ تي پَتن ۾ تا وِهسن وير وتار
سَت رڇي مَئون سومرا يلو! ٻُجَهن چو ٻڪرار
اُڌي سندي اُن ڪي پيئي ڪانہ پچار

سي عمر سب آجا كر دلاسي ڏرار
جن جا اهڙا ئي آچار، تن کي ڪڍ تون قيد
ڪبير شاهہ چوي.

(١۴)

ڪَرَهي ڪَرَهي سومرا کوهہ آنديئي ڪَرَهي
وَرَهي وَرَهي مَعلم پانهنجا تو ساهہ سکي وَرَهي
نرهي نرهي ناناڻن ري ڪن ڪم نہ کي نر هي
پانئي ٿي بر هي، منجهہ ڪوڻن ڪبير شاه چوي.

(١٥)

جام پريو جَل جو، تو مون ڏين مامَ وجهيو مِصري
تُنهنجا صاحب سومرا، تو من پائي مصري
جي هُين ويڙهہ وڙهڻ جي تہ آيا ڪٽي
ماروئڙا مصري
ماروئڙا مصري، ڪائين ڪين کٽي چوي.

(١٦)

رَهن ويچارا وٿ ۾ عمر تَل واريون
خاشون پليون ڪين کي تنِ کي تلواريون
عمر تلواريون، ناهنِ مارن وٿ مليرِ ۾.

(١٧)

عمر ساماٽي، بہ ور وَني هڪڙي
جي اِهائي ڳالهڙي تہ عمر ساماٽي
عمرَ ساماٽي تذهن اَن نہ مئين آجڙي.

(١٨)

وَرَن ور سي، سي وَرن پاس سُکاوليون

سي تنهين کي سيوَتيون، سيوَ تنهين کي سي
جنهن جون ڪرڙيون قوت ڪبير شاهه چوي سا
طامن ڪيئن ترسي
اها مُنج موتائي ماڙ ڏوُن جا آنديئي ڪوهه
تان خان ڪسي
سا مَر ساهيڙين سان وڃي وينگس ۾ ورسي
چيلا چوڙي چيڪ چڏي ور ڦوڳن ۾ ڦر سي
سا مَر راڄا راڄ رَسي، وڃي ٿئي سنمک ساهيڙين سين.

(١٩)

وِهان ٻاجهون ويڙهه ۾ انهين ري آن ڪا؟
جيئن هُت سرتيون ڪائن سومرا پيرون پٽ پڪا
هِت ميان تو ڪوُن وير وڏا هئا، جن تي ڪيا ڪوتن ۾
ڪڙڪا
اُهي سڀ لحظي منجهه لنگهي ويا، جن تي ساهُن ڪيا
سَڙڪا
تان هت ڪنهين ڪي نہ ڏنا تي، تو گهڻا هيئن دَر پُچو دڙڪا
سُرت پوئي ساڪِا، جيئن موڪل ڏيين تہ مِٽين مِڙان.

(٢٠)

سنهٽون لڏم سومرا سڻ تان خواب خوشي مان ڪينئن
چان ڪر وييس ويڙهه ۾، اتي اُنم مارن مينهن
اُهي ماڳ ملير جا، اُهي ڏوٿن سَندا ڏينهن
تان اتهين احمد شاهه چوي، تنهين دم جاڳيس تينئن
ڪي نہ سُتي ٿئي سومرا، هيئن ننڌَر نيَر ۾ نينهن
”ڪُلُ مَن عَلَيهَا فَانِ“ تون پُليين پورا ڪينن

سرتن مون کي ڇينهن! موڪل ڏي ته مٽين مڙان.

(۲۱)

عمر اوني آئيو ڪو هُتي جو هتِ
* هڪ ڪڙايس ڪونيين، ٻيو جهليس پيڙي پت
هاٿي سومرا سُپت، ڪر ته ڪونئين مؤن نِڪران.

(۲۲)

مُڪس ڏانهن ملير، ڏون سنيهڙا سرتيين
آمان ليمان ڪيوڙا ايڏي آهن انجير
چانور ڪايو چُورمان جيڪس هرِئيين ساڻ همير
ڪندا قوت ڪريڙ، هي تر ويڙءِ وَسرِي.

(۲۳)

تان چي چانور جي چڪِن، ڏجن ڏوراپا تن ڪي
هڪڙا ڪانا ڪرائن ۾، ٻيون ڪيون بيداديون ٻُڪَنِ
سرتن جا سرير ۾ تا دونهان روز دُکن
هي ڏکي منجهه ڏکن، آئين تِيون سخت سنيها
چائيو.

(۲۴)

مليريان ڏار، ڪِين جينديس جيڏيون
ساڏوبن جي سَدَ مران، ڏنگا جنهين ڏار
ڏني مون ڏينهن تيا، پت پهريا پنهنوار

---

*تنهن سڏيون سنگهارَن جون چيرن چڳيءِ پَتِ
گهارِيَم گهٽا ڏينهڙا جيئن ماڙين منجهايم مَتِ
جئن ڪَڙايَم ڪونيين تئن جهليم پيڙي پتِ
هڪ ماڙي ڳاريم مانه ٻيو پيڙي جهليم پتِ

ويڙهيون وڻ ولهار، ساريم سانيپڙن جا.

(٢٥)

مارن جي مذڪور جي سُڌ نہ سومرين
جيلانہ سؤنچو نہ آهن سرير ۾ تيلانہ ٿيون
البيليون اُتن
سَنُرُ سي سکن، جن کي ويڙهيچو وجود ۾.

(٢٦)

مارو رهن مني، ڪَوڙي رهن نہ ڪڏهين
تن عمر! اباڻن کي تيڙم ڏينهن ڏني
اُنهين ساڻ اُني، شل وطن ۾ وَس چران.

(٢٧)

نيرا ۽ ميرا ، مائٽ منهنجا سومرا
اُتيو ڏين آسُر جو پٽن تي پيرا
پرهہ جا پيرا ، شل ڏسان ڏاڏاڻن جا.

(٢٨)

اڄ نہ حوضين هُوءِ، مَنَهن ماروئڙن جا
اڳي ايندا ها آب تي، کَليون کنيو سر کوهہ
جيڪُس منجهؤن جوءِ، ويا مارئڙا ٿر اُڪرِي.

(٢٩)

اڄ نہ حوضين هاڻ، مَنَهن مارئڙن جا
لڏي گهرنئي ساڻ، ويا مارئڙا ٿر اُڪرِي.

(٣٠)

هن مند مارو سنرا، وَنهيان ٿيَنَ وٿاڻَ
اُهَي پيٽيون ۽ پاڻ، اڄي مارن موٽي اَڏِيا.

(٣١)

تر اُنا تاذل تي، اُنا مينهن ڳڙا
پوياڙيءَ پٽن تي حپانگارين چڙا
لاهيين ڪُرف ڪڙا، تہ ملان مارئڙن ڪي.

(٣٢)

زيريون ۽ زنجير، گچيءَ ڳانا لوهہ جا
چاري چوکي تن ۾ واهپ ڪن وزير
مارو منجهہ ملير، مون سان هتي هينئن ٿيو.

(٣٣)

جيڪي جنجيرن، مون سان ڪيو بند ۾
سا جي ڪريان ڳالهڙي وجي ويڙهيچن
تہ نير نانهن ٿين، ڪسُ نہ لڳي ڪونيين.

(٣٤)

"قيدُ المَاءَ" تيوم، تي هت اٺانگي گهاريان
"هُوَ نائڪ جسمي فَهُو لَدَيکَ" هنيون هُت سندوم
قادر شال ڪندوم، سان ميڙائو مارئين.

(٣٥)

جهڙو قيدالماء، تهڙو بند نہ ڪو بئو
"جف القلم بمَا هُوَ ڪائن" لهي نہ ترتياء
هاٺي عمر تو هتاء، تئي آجاٺي آجڙيين

(٣٦)

جڏهن "ڪن فيڪون" مَنُ تڏهانکي مارئين
تون ڪيئن وجهين تن ڪي سومرا شڪون
اهي هميرن هڪون، جاڙ جُسي ڪي پاتيون.

(٣٧)

سبي سيبا ڏي، نيگھه لوئيَ ڪَڇُئي
ڪَتَيءَ وٺون ڪُٺيون سَتي سيڙي سي
متان چونمر ڪي، تہ لڄاٽيئي ٿر جائيون.

(٣٨)

تُنبي تُنبي ڪالهہ، ڪَتيمر جا هٿن سين
سا ڪيئن لوئي لاهيان متان لڳن لال
ملان مارو شال، وجي ڏهيون ڏيکاريان ڏيهہ ۾.

(٣٩)

عمر اوٺي آئيو، مليران ماڙهو
وريو وَهارُو، هاٺي سي هيٺا ٿيا.

(٤٠)

عمر اوٺي آئيو، آنڌائيين اهڃاڻَ
ماروئڙن مليرَ ۾ وڃي ڪئا وٺاڻ
اُستُ جنين جو آذقو سي پريو پين پاڻ
سومري سُڃاڻ، لاٿن بند بجار چوئي.

(٤١)

پانڌي چئج پرَ ڪي، زور هٽي زانا
تہ هڪڙا پَيڪڙا پيرن ۾، ٻئا ڪرائن ڪانا
آن ري امانا، ٿي گھنگھر گھاريان ڏينھڙا.

(٤٢)

پانڌي پريَنءَ پھنور جا، جان ٿو وڃين وس
ساري ڏيج سنيھڙا منھنجا سرتين کي سرس
آئون اوهان جي آهيان گولي مٿي گس

ايـڏي جي اچڻ جا ويـنـي كـريـان وس
مـاڙيـن گھاريـان مـس، كـونـِيـنِ كـيَـسِ كاھِرِي.

(٤٣)

پانـڌي پـربـنء پنوَھر كي، چيم تـيـئن چـئيج
سندا سنگت ڏيـنـهـڙا ، ور م وسـاريـج
كـونـيـن كـُنـي آھـيـان، سگـھـي سار لھـيـج
مـُٺ مانـڌاٺي منجيـج، جان نِـيرَ منجھ نـئون كريان.

(٤٤)

تـر ٿـوھـر گـھـر جـھـوپـڙا ، پـارڻ جـنـيـن ٻـوهَ
اتـا مـيـنـھـن مـلـيـر ۾ ، تـھـكـڻ لـڳـا تـوهَ
رَات مـھـيـنـجي روحَ، سُـتي سـجـڻ سـاريـا .

(٤٥)

سـھـٽـو لـڌم سـومـرا ، لـوئـيء ۾ لـيـٽـي
مـَنـڌي پـايـو مـَٽ ۾ ، جـڻ ولـوڙيـان ويـنـي
پـكـن آئـون پـيـنـِي، ٿـيون كـيـرون ڏيـنـم جـيـڏيون.

(٤٦)

سـھـٽـو لـڌم سومرا ، كـٿـيء ۾ خاصـو
چان كـر وييس ويڙ ۾ ، ٿـيـو تـڙ تـڙ تماشـو
واريان جان پاسو، تان منھنجو جيءُ جنجيرن ۾.

# پنهون سسئي

(۱)

پـُت ڪـونـيـو پـانـهن جا آڻـي تـو آري
اچي تنهن اوطاق تي ٿي ڪوڏئون ڪچهاري
تہ پنهون نہ آندو پاڻ سان، هو جو آن جو اوجاري
سو وجي ٿيو ڏورانهين ڏيهہ تي ڪامل قراري
تہ اوهين آڻيو پائرا، پاءُ ڪي ويهو مَ وِسارِي
تڏهن هي تنهن دم تيار ٿيا پري اٺ باري
سي هَوليا هوت هُواني جُڙيا جنساري
تن سين تَڪا توڏا تڪڙا، ها ميا گهٽا مَهاري
هليا پَرَ پنيور ڏي، ڪري سنجهي سواري
آيا مير ملڪ ۾ عاقل اختياري
تن پچا ڪري پَريتِ جي وجي خَوش تي ڪينڪاري
هن پي چڱي جاءِ جِتن لئي ڪي تنهن دم تياري
سا پاڪر پايو پاون ڪي، ٿي زور ڪري زاري
تہ هن جو ساٿ سلامت آئيو، شل ڏورئون ڏيساري
ڪا مَنِ ڪيچيڙن ڪي شل هُئي مُورئون موچاري
تان مدي ڏيرن من ۾، تا گهمن چوڏاري چاري
هيءَ پي سُنتي وجي سيج تي ساجهر سواري
هي پي لَهِي سَجهہ سنجهي لڏئا، هئا شڪرا شڪاري
تن آڏيءَ رات انن جي، ڪٽي واڳَ پَري واري
هيءَ جان صبح جاڳي سسئي اُٿي آساري
تان هُنَ جو پرين نہ آهہ پلنگ تي، هو جو ساجن سچاري

سا ٿي پٿي پار پرِت ڪٽي، ڪنهن هوت ڏنو هاري
هيري لال جنوهر سان هئي سهجون سينگاري
سي سَپِ پٽيَ تي پرزا ڪري باني باڪاري
ڪيڏانهن سي ڪيچي وئا، جن باھ برھ ٻاري
سرُ پرُ سمجهم ڪينڪي سندين سا ساري
نہ تہ هوند جاڳيس پاس جتن جي، ڪيم نہ قراري
تان ڇپي ڙي ڪيئي نہ ڪبيرشاھ چئي هي هي هشياري
سا رُلي پوءِ رندن تي، جا ٿئي ور جي ويساري
رکان نہ رتي جيتري آءٌ ڪا متن مياري
آنهيان پورهيت چام پنهون جي، جو ساجن ستاري
هن جو انگ اڳيئي ان پر هو، قلم ايئن ڪاري
نا تہ ان ٻانيٺ هو بروچ ڪٽي لکيي لاچاري
پوء مادر آءٌ ماري، پيئر گهائي گهاو بروچ جي.

(٢)

جان مان جاڳي ڙي، تان اٺ نہ اوطاقن تي
هويس هوت پنهون سين، پنهجي ورسين واڳي ڙي
هاٿي ٿيا سرتيون سور فراق جا، آهي هي دل داڳي ڙي
سا پينر ڪينئن پنيور سگهان، تن ريءَ تاڳي ڙي
تي کهنديس ڪيچ ڪبيرشاھ چوي، تن لڪن لاڳي ڙي
سو ور ساڳي ڙي، ڏسان تہ ڏاهي ٿيان.

(٣)

جان مان جاڳي جيڏيون، تہ هوءَ وئا لڪَ لاڏي ڙي!
اِهي پَهَسَ پنهون وئا پلنگن تان اهي سرتيون ساڏي ڙي.
سي اديون احمد شاھ چوي،منهنجا ڪرهل ڪا ڏي ڙي!

ڪا ڏس ڏيرن جو مان ڪي هاڻ ما ڏي ڙي!
آن پي وينديِ ڏيهه وٽڪار ڏي، آهي هو جت جا ڏي ڙي!
هيءُ تَڙُ تاڏي ڙي! تو تنهن رند راهه رِڙهي هِنيون.

(۴)

ڪجهه وهه ڪرهن تي ڪري آيا، ڪيچ منجهان ڪيچي
مان پي سيج ستي هئي گهر سرتيون پنهون سين پيچي
تان هُوءِ ريچ ڪري ريچِي، وِچيئن رات وني وئا.

(۵)

تان چي ڙي هُوءِ جي لائن پيچ پريت جو، ان ڪي ڪيئن آرام
چا ڪون چوري چو سُتئنَ جاڻي ڏاران جام
هاڻي ڪيَنُ نه موڳي ڪاءُ تون، هتي تن توڏن ڏاران طام
جڙي جُنبي وج جَام، راهه رمي رند روهه ڏي.

(۶)

هوءَ جي لائن پيچ پريت جو، سي تان هيرُ نه نيڻ ننڊرينِ
تون سُر مَ پُر ساجهر وِئا پڳ ڪٽي پب پُڇينِ
هوءِ رَههَ راهي تيا روهه ڏي، تون پي رَهه مَ، راهه وَنينِ
اِهڙي پَهه پڇينِ، راههَ رَمي رندَ روههَ ۾.

(۷)

سا ڪَڙهي ڪُوڪي ڪَههَ ۾، رِڙهي رَههَ روڏن
ڪَڏي پار پنهون لئي، تنوارئو توڏن
پَجي پير پَرِت جا، تڪايا توڏن
ڏنُيس سختيون سيد چوي، چپر جي چوڏن
گَهِڙي گَسَ گوڏنِ، ڪري سُڏڪيون سڏڙا.

مـتـان مُگـت، **مير** چوي، اڄي پَونرن پيل پري
خبر ڏِئـون ڪري، ڪا ڪل سامي ڪاڪ جي.

(٩)

ڪـا ڪَل ڏئـون ڪـاپـڙي، سـامي ڪاڪ سندا
تـان چي راڻـا ڳالـهيـون راوَ تـُنهـيـن سيـن واتـين وڻ ڪـنـدا
ڪوَٽن وانگي ڪيل انـهـي جـا پـڙلا پـيا پوندا
اڳَـيان مَلهہ مـيـدان ۾ جي عـاقــل ٽـي ايـنـدا
مومـل اڪيـون **مـيـر** چئي، ثابـت سـي پـسـندا
ان ڪي چاڪ پـيا چـڪـندا، من ۾ روز مجاز جا.

(١٠)

مُومـل جـي مـجاز جـي لـڳي جـن لـُڙي
سي سـپ راڻـا راوَ هـمير هئا، تـن مان موتـيـو ڪونہ مُڙي
ڪِي ٽي ات **ڪـوڏڻ** چئـي، جهـونـجهـارن جُهڙي
سـي لـوڏيـاڻـا لـُڙهي، پـاڻـان پــراهـون ويا.

(١١)

جوڳي ٽي جرڪيو، سامي سونَ ڪنان سـئَو وار
رتـا راول ڪـپـڙا، گـهـٽـيـن پـرَيـن گـلـزار
هـڪڙو پوترڙو پاٽي جو، پيو مـنهن مُگت موچار
اتـي **الـهـنـو** چئي، گـڏيـس مـرد مـتـار
تنهن ڪي پاڻ پڇايـو پاتشاهہ سـومري سردار:
ڪـئـان ڪـڪـوريـن ڪاپڙي خاڪي خـبردار
رکَي چِت چيـتـار، گـٽـي بـڌايـو ڳـالـهـڙي.

(١٢)

جـوڳـيءَ ڪـان جَـباب، پـڇـائـــون پــاٽـــيءَ جـو

نانگي نيل پرَتئو، منجهان اوئيءَ آب
روءِ شبيه **شيرخان** چوي، جهڙي شرط شراب
طرح ڏسندي تاب، لرزو لوڏين کي پيو.

(١٣)

راڻا اهو نہ رت، آ ڪَڪو پاڻي ڪاڪ جو
سوڍاَ آه شربت، نسورو نينهن ڳاڏئون.

(١٤)

ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، لايائون لالي
ڪري ڪيپ ڪماريا، مَئي پي موالي
وتن وصالي، لوڏياڻي لوڏي ٿيا.

(١٥)

لوڏياڻي لوڏي ٿيا، وتن منجهہ وصال
اَرَتو اڄ اکين ۾، ڪاڪ پيتائون ڪالهہ
وڃي ويچارن وسري، صَبوح جي سنڀال
پهرينئن پاسي ٿيا اهي مامون مثال
جانب جي جمال، رنگي پسڻ ريتو ڪيو.

(١٦)

رنگي پسڻ ريتو ڪيا، ڪين اُباٽيا اوءِ
ڪني نہ ڪاري تنهن ڪي، جو رنگ هالاري هوءِ
توڙي ڏوبي ڏوءِ، تہ بہ لالي تنهَين نہ لهي.

(١٧)

تهڙيون سالون مٿن سائيون جهڙا پان پن
مکيائون مشڪ مان، چوٽا ساڻ چندن
سونهن ربي سون سين، تن ڪامڻ جا ڪن

(٨)

ڪري سڏڪيون سڌ، ڪارڻ ڪانڌ ڪَهن ۾ هوءِ تونڌا وئا تي تڪڙا، تن لِک نہ لاتي لڏ هن پاڻ پٽون ڪيو پرِ لئي، هَٽيو هاڙهي هڏ چئي مر ٿپرِ تڪر تي تڪرين، گوڏا گوڏن گڏ تنهن پانيو ڪونہ برهہ ڪان، تہ ڪو اڳيان ڪاڏو ڪڏ ڪيئن جيئن اصل عشِقوَنديِن جي آهي اِي اَڳڏ تڏهن قرب ڪيچي ڪي پيو سو اچي مليس آڏو اَڏ هُئِي هَڏ ڏِسِ نہَ واقف ڏڏ، پر ڪو تيڙو فضل فقير سين.

(٩)

پَٽون باندر پولٽڙا، جت ريجَ رانگَڻ رڻَ رَڪَ بانيَ بِلاڙيون نانگ نَيُنَ ۾ لُڪون جهولاَ جهَڪ شينهن سَوين شرَ ڪيترا، ڪن تڙون تالان تَڪ پلنگ شهہ گوش پٽن ۾، وجهن چٽا چيتا چَڪ تَنِ ماري منڌ مرُن ڪي دٻيون ڏوٻڻ ڏڪ بَچِي بَرَڪت بلائن ڪان هئي، ڪي پڙهي ورد وَرق سا پَهڻ پَٽيون پب پيچرا، ويئي لنگهي لَحظَي لَڪ اها جَهلي هوتُ هٿن ۾ ويئي، پِريت پَهَسَ پَلڪَ سا ملي پنهنجي حق، وَجِي ڪامڻ ڪبير شاهہ چوي.

(١٠)

پَٽيون پَٽ پَٽيون، تي پَٽيون، پَٽن ڪي پَٽ ڪري سَٽيون سَٽڪي سَٽ ۾ ڪَٽي سور ڪٽيون هَٽيون هَٽڪي ڪين ڪي، وٽي ورهہَ وَٽيون سا مَٽيون چَٽيون مرِنِ ڪي، وِجهي ڳَلِ ڳَٽيُون

تنهن تان ڪکر چانڱَ ڪبيرشاه چوي، اچي ٻڏيون ڄڻ چِٽيون
اها جَهت ۾ هوت جهٽيون، اچي ڪٽيون ڪلنڍي
ڪَٽَ ڏِي.

(١١)

ماڙُهن ڪيس مناهه، تہ وچ مَ هاڙهي هيڪلي
اڳيان بدو بچڙا، آهن مٿي رهہ زن راهہ
هو تان بي ننگا بلوچ ٿيا، جيڪي نہ گهيا منجهہ ڳاهہ
پيين نہ پيروشاهہ چوي، سنڌي ننگ نگاهہ
اوهين تان دل لايو داناهہ، تہ ڪيچن ڳالهہ ڪچي ڪئي.

(١٢)

ڪامڻ ڪوهيارن ڪي، ڪيئن چوين ڪَسُ ڙي
ڪارڻ ڪانڌ ڪبيرشاهہ چوي، ويهہ مَ، ڪر وَسُ ڙي
سنبري ساجهر ساٿين ڪي تون راهہ رَمي رَسُ ڙي
رند پنڌ روڏن جي رڙهي، ٿِيي گورن جي گَس ڙي
اڳيان آرياڻن جي، تون پَٽِي پُري پَسُ ڙي
جن جي جات سَڄي جَسُ ڙي، تن آءُ ڪيچن ڪوهہ چوان؟

(١٣)

ڪيچن آءُ نہ ڪَڙي، پر ڪنهن ڏُجهڻ ڏاوڻ چوڙئا
جو لالڻ آئيو متان لڪ لڙي
ڪنديس ڪانہ ڪڙي، محبت محبوبن سين.

(١٤)

ور ري ورنديس ڪين ڪي اوهين ساهيڙيون سمجهو!
هلو، تان هاٿي هلو، متان موڳيون پوءِ مُنجهو
سي سپ ميٺيندو مون پرين، جيڪا ڪِندي ڏک ڏنجهو

ڪوهيارل ڪبيرشاهه چوي ڳوليو ٿئي نہ ڳُجهو
اَٿوَ هوت اُجهو، ويندي گَڏبَوَ وات ۾.

(١٥)

وَر ري ورنديس ڪين ڪَي، اوهين ڳالهايو ڳالهيون
جي هُئيوَ هامر هلڻ جي، تہ چڙهيو ڀهتانا ڀاليون
هن مُنهنجي سگَ مقابل سرتيون، آهيو سپ ساجن جون ساليون
جيڪا تِي يَري پير پنهونءَ ڏانهن، تِنهن جون آهن
پلايون پاليون
اڳيان صاحب سنپاليون، تو سيني جي سامر ڪٽي.

(١٦)

وَر ري ورنديس ڪين ڪي، اوهين وَريتيون تہ وَرو
جيڏيون هن جبل جو، تانگهيندِيَس ترو
دوس ڏُڪائي هليو، ڪورو منجهہ ڪرو
گولِي تي گل محمد چوي، واحد لَڳ ورو
صاحب ڪيچ شَرو، ڪميٽيءَ جو ڪيچ وِجي.

(١٧)

ڪاڪيون ڙِي ڪا ڪن، جيئن هِي نين نماٽي پاڻ سان
جنهن کي هڪڙا چاڪ چاڪن تي، پئا چاڪ مٿي چاڪن
سا ڏڪيون ڏاڪن تي چڙهي ڏي ڏاڪ مٿي ڏاڪن
تنهن کي چيپون چاڪن، جنهن جو پيوند جام پنهونءَ سين.

(١٨)

آڏ ترا تئا آهُرا، سَوَ ڏونگر کي ڏاڪا
پِران ڪين بلوچ رَني اديون ڙِي آن ڪا
منهنجي پوي مانَ پنهَون کي، ڪوڪ وِجي ڪن ڪا

مون تي وسُ ڪرڻ واڪا، اڳيان ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.

(١٩)

ڪاجا ڪوڪ ڪِياس، جوش منجهان جبلات ۾
ڪندي پنڌ پهاڙ ڏي، اهڙا پور پياس
سي سڌ سچيڏنو چوي، سَائين سڀ سئاس
گوندر غم گياس، اچِي محب گڏيس مُهبار ۾.

(٢٠)

ٻاروچا ٻئا گهٽا، منهنجو ساه پنهون سين سِڄُ
پسِي عين عجيب جا ماڳ اجهامي مَچ
تون وَرَ ورِي اچ، ڪوهياراَ ڪيچ ڏٺي.

(٢١)

ٻاروچا ٻئا گهٽان، مُنهنجو آتل آرياڻِي
ٽِڪي ڪي ٽرن ۾ پهچائي پاڻِي
هيءَ جا وِنڌُ ر وڪاڻِي، تنهن کي رهبر رسج راهه ۾.

(٢٢)

ٻاروچاٰ ٻئا گهٽا، پر هڙو ڪو نہ ٽيو
عزت ياران اگِرَو، روشن رب ڪئو
ڍِنن ڍپ ويو، ٽيو وسيلو وٽ راهہ ۾.

(٢٣)

پنهون! پاڻ سڄاڻ، مون کي ڇڏ مَ ڇپرين
آن ڪُڙم مان ڪَڙي ٽي سنگ تنهنجي ساڻ
پِٽون ڪَنديس پاَڻ، ناتہ ڪميٽي ڪيچ نِيو.

(٢٤)

آڏو آريءَ جام جي، جبل جيڏوئي
وني وَرَ وات ٽيا بلوچ برِوهي

رُجن ۾ روئي، پهچان شال پنهون کي.

(۲۵)

پنهون ڪارڻ پب ۾ مَرُ متا ڏيئي
تہ سرتيون سيبيئي، واڪاٽيني ويٺيون.

(۲٦)

جڏهن "ڪُن فَيڪُونَ" ، تڏهن نيو آرياڻي ارواحُ
اَنگُ اڱيئي اَنگيو، منجهان ميثاقا هہ
"مَن طَلَبَ شَيئاً جِد و جَد" ائين اُتو علي شاهہ
اجان اِن حديث جو مون آسرو آهہ
پنهون جي پيزار تان ڪيم موت مباحَ
چُلي پيبس چپَّرين، جيڏيون دعا ڪجاهہ
جي مون وجي ساهہ، تان مَن مِهٽي ميٽِ ٿئي.

(۲۷)

پنڌ ڪريندي پر ڏان، ڪجن ڪي ڪوٺيون
باربنديس بروچ لئي، بَربن باهوٺيون
پاهڻ تن ڪي پٽ ٿئي، جي لئي لعلڻ لوٺيون
بانيڻ ٿئي بوٺيون، تہ مرڪينِس ڪتا ڪيچ جا.

(۲۸)

وَرَ رِي ورنديس ڪين ڪِي، سُٽِيوَ ساهيڙيون سَنگيون
هاڙهي سي هلنديون، جي ڪيون نينهن ننگيون
مون کي برهہ بلوچ جي، وِڏيون ويترِ پاڻَ وَنگيون
جبل ساڻ جنگيون، ڪنديس ڪوهياري لئي.

(۲۹)

ڪوهيارل ڪباب، سهجان ڪيس سرتيون

وڃي جنھن وِناڻ ڪِيو، سندمُ روحُ رَبابُ
”تونھين تونھين“ تن ۾، ٻيو جيءَ وٽ نہ آھہ جباب
تو ڪَنِ ھوتَ حسابُ، تو ھِي ڪان تـوھُ ٿئي.

(٣٠)

جيھر جاڳيئن جندُ مُون، تہ ھوند نہ پيئي ھڏ
روان ٿِي وَيک تـوَن اُٿِـي سـنـبـرِ سـجـت ڇڏ
ھيجوَن پنھنجي ھوت کي چڙھِي سُميرين سڏ
ڏرُ ڪيمرَ ڏڏ، ايـنـدو ڪرهُ ورائِـي ڪانـڌُ تو.

(٣١)

نيٽين ننڊ مَ ھير، جاڳ تہ جانب کي ملين
ٻج پنپور ڦٿوڪر پوري توکي ڪم ايندا ھت ڪير
بندُ ڪَمِ ڪَھُ گام ڪشي پُر پنينين پئو پير
ورمج ڪِي مَ ويھي ڪِٿ ويجھي ڏَمَ مَ دِمج ڏير
ڙي ڪامڻ ڪبير شاھہ چوي ڪنھن پالِ بلوچن پير
ٿي تنھن ساجن ساڻ سُمير، جنھن جھڙو ڪونھي جڳ ۾.

(٣٢)

نيٽين ننڊ مَ اور، جاڳُ تہ جانب کي ملين
ڪامڻ ڪبير شاھہ چوي ڪڻ نيڙو برھ پنپور
نينھن سندي ھڻ نوبت نِرمل گھرُ متانِ ٻيءَ گھوز
ٻير برھ ڪر چيز چيز ۾ واجي ھوت وَروز
ڏُڪڙ ڏَمامانِ واتِ وجائج ساٿ پٺيءَ سھ زور
سرمنڊلُ ڪڻ ساز صبرُ جنو ويھہ مُ ڪِي تَڪ تور
چنگُ چگِيانِ ھڻ نُقرو نوڙت ھرج نہ پونيئن ھور

سُر سنتار اگھورِ، چور تہ چانگن کي ملين.

(٣٣)

نيٺين ننڊ وسار، جاڳ تہ جانب کي ملين
کانہ رسي ٿي کھ ۾ کامڻ کا گونگن کي گينوار
جوڳڻ ٿيءُ جتن ليءَ ٻانيڻ پرت پُري پيءَ پار
چت کي چوتو چاڙھہ چتائي واڳ ونيِ ور وار
کمرِ ڪُلا با سبُ صبر جا هادي حمد سنيار
گونَدر جي ڏکَ گودڙي توکل تُنبي ڏار
درد سندا هَڻ ڏاڳا تنهن ۾ قلب ڪُهي من مار
سور سڳا، کر سيلهيون سک جون، هل تون
هاڙي هوت نهار
ڏک سندو کر ڏنڊ ڪُلهي تي، پڙھہ تون مالها مٺيو مٺيار
ڪُنڙَ ڪَنن ۾ وجهہ ورھہ جا، پَت پنهون سين پار
مُنگَٽ منتي ٻڌُ موڙ مرڻ جا اَزل ڪنان اڳ وار
فِکرَ فِراق سنديِ کا کوڙج کلنگي منجھہ ڪَپار
محبت جي هڻ مرلي موَسين، اهي سڀ ساج سينگار
عشق سندو ڪڻ برتڻ پوري نينهن پہ کري نروار
وجهہ پيپوت برھہ جو بَر ۾ هل تون ٿيج هشار
ووءِ ووءِ ڪِج وٺن ۾ وانکي غم سين ڏينهن گذار
روز رفيقي رهبر رڻ ۾ چست چڱا کڻ چار
پر پوري زهج پنجن سين، آيا ٿيهہ مرَ تار
الف گڏي پڙھہ ميمَ موافق اي تون سبق سچار
گھرج حليمي هوت کنان کٽي دان منجهان دربار
ٿينڌُي قلب قرار، گڏبئي کيچي کبيرشاھہ چوي.

(۳۴)

سا هورِي کيلي هوت لئي، رند راه پيلي روئي
کنهن اُتو توکي کامٽي، تُنهنجو پيءُ چليو پَر جوئي
کِري کُري پَر کوئي، کنهن ماري مونجهه مُهيم جي.

(۳۵)

چاهون چايو چين، ٿي ساهيو پڌي سندرا
کاف لنگهيندي کيترا. سا ٿَکي تا ٿِڙِي نَہ
هوري هوت پنهون لئي، ماڙي کي مسکين
هئي سَگي کين سندين، پر کي پيڙس پيچ پريت جَا.

(۳٦)

کرڙا ڏونگر کهہ گهٽي، ونگا واتن ور
هل ملنديئن هوت، کي ٿکي پس مَ ٿر
کانڌ پيچي ٿو کوهہ ۾ کميٽي تو کر
لهندءِ هول هَترَ، گڏبئي جت جمال چئي.

(۳۷)

هو ساجهر سورج کان نگّيا، نکري ٿيا نرگس
خيري ڏير نہ، خام هئا، پئا هيٺيءَ ساڻ هنبس
نافرمان نہ نهاري، واگهہ چڙي وئا وس
کَچنار نہ نئائون کامٽي، ٿئا جت جنگي بي جس
تُکمان تير تَتيءَ کي، چُپَڻ ٿئا چوڏس
سا جاءِ پَسي جلي گهٽو، ڏاهہ پُري تنهن ڏس
عشق پيچ اٿس، جانب ساڻ جلال چوي.

(۳۸)

کرڙي سور قريب جي، بُورَ کِئي بي حال

ڪُمَيت آيا ڏير هئا، جن ڪيڙس جند زوال
سا گرڙي ٿڪي ڪين ڪي، مشڪي ٿيس محال
سا چينو پڏيو چيلهه سين، ڪري سڏ سوال
جيئن سرخي سڪ جي، تيئن مجي پلايون پال
نيري حب هوت ڏي، ڪاري ڪي نہ ڪنگالَ
ابلق پسي نہ ڏري، ٿيس نہ جوڳ جنجال
ڏنس سمنڊ سچائي مون، ڪو سُجن ۾ سڪ پال
اهو محب مليس متوال، ڪڙ مؤن ڪبيرشاهہ چوي.

(٣٩)

آڏر نڏر ايري، سڌر ڪي سردار
هئي ڏاڙي ساري ڏيهہ جي، ڪنهن نہ ڪميٽي ڪار
جُتيءَ جوڙ نہ سڄٽين ڪا پاريائي پئزار
جڏهن گڏيس ڪانڌ ڪبيرشاهہ چوي تڏهن
ٽريس نيٽين ٽار
مڙيئي معذور جا سپ ڪاڄ ڪئا ڪلتار
ڪاجا ڪوڪ ڪنن تي پيس گوليءَ جي گفتار
تنهن ڪي آرياٽي اگوار، اچي محب رسيو مهبار ۾.

(٤٠)

اڏر نڏر ايري هئي هڏيئي هيٽي
سا نڪي واقف وٽڪار جي، نڪي سينڌي سگيٽي
جيلانهن هئي ور جي وهيٽي، تيلانهن محب مليس مهبار ۾.

(٤١)

اڏر نڏر ايري، هئي نبر نماٽي
تنهن سان باروچل باجهون ڪيون هوت ڏسي هيٽي

پيڻ ڪيائين پر تان، سر صدقي سَو وار
گبنديڱ گولي ٽڪي ڪين ڪي پرتون ووڙي ني وٽڪار
ٽيس پرٽيا قدم قريب ڏي، هَلي منڌ هشيار
نه ڙي رهندي ڪين ڪي، نار وجي نروار
اُٽي تِٽي پُڻ ڪٽي بام تي پڳ ڊوندي پاتار
ڏنائين ڏونگر م، تنهن ڏوس سندو ديدار
اهو پلي پَت پتار، ڪٽي رب ميڙيس رنگرينر چوي.

(۴۴)

ڏس چوڪو حُسن حبيب، پئو مُڳ مَڪائي ناگُلي
جُوار تنهن ڏي جولان سين، ڪهٽي ڪاڻ قريب
منجهه ماندائي مهت ٿيي، چيٽي گُند غريب
مُهر لڳيئي مرشد جي، نوازيئن نصيب
پاجهري مر ڪٽي پانهنجي ڪُرنگها نيڻ نجيب
آءُ دلبر ذوس محمد چوي، جان ڪريو راهم رقيب
چٽيين چِت عجيب، مثر، آءُ منهنجا پرين.

(۴۵)

چپر ڙي چاڪاڻ، تو هارئا هوت ٿتا ڪئا
هڪڙي ساعت جهلڻ هوءِ سپرين جان ڪيم روح رهاڻ
ڏونگر ڏمر چو ڪرين، آهيان مانجهاندي مهماڻ
جن جو هُئين پاڻ، تن کي لک لنگهايو چڏين.

(۴۶)

چپر چوريءَ ساڻ، مُنا مائني نه ڪيئي
جهليئي نه جت جنيم جا، وجهي ڏاگهن ڏاڻ
مون تان تونان پاڻ، لئي ڪوهياري گهوربو.

(۴۷)

جبل ۾ جا ٻول، سُيم لال پنهونءَ جي
پاريندو پپ ڏٽي، مون سين ٻاروچو ٻول
ويهه مَ وجهه وڙول، جاڳ تہ مِلين جت کي.

(۴۸)

جاڳي جت ڏنوم، عينن ساڻ اميں چوي
اونڌائو اندر جو تنهين ويل ويوم
سج جو اپريوم، تنهن چاڪ پريان جا چورئا.

(۴۹)

ڏونگر ڏکوين کي دلاسا ڏجن
تون پاٽان پهہ پجو ڏيين ادا آسونهين
ڇپر مازورين، پنيءَ پنوارون ڪِئُون.

(۵۰)

سڳا سَور تئاس، ويجها ورهہ مت سي
سڪ سَاهيڙي ساڻ تنهن هلي مَلهي مَادر ماس
گوندر پدر غريب جو ٿيو پريندي ٻي پاس
عشق سونهون ٿيس، اڳ ۾ برادر ٿي پاس
ڦهر سور قريب جي، مَنديا هٿ مٿاسِ
تڏهن واتين وٽ وندر جي، ڏِهہ جا ڏس ڏناس
انهي سنگت سڀي شاباس، جن نيئي ڏني
ٻانهن ٻروچ کي.

(۵۱)

پيءَ بنا پرديس ۾، پس دردن جا دستا
تنهن فڪر فوج فراق جي، ڪئا روح اندر رستا

سامَر سهج ڪري سڪ پال ۾، ٿي پڻ ڪان پيٽي
جنهن جو ڪوهيارل قبول ڪري تنهن جي هوهين
ٿُڪر مان ٿيٽي
جيلانهن هئي ور جي وهيٽي، تيلانهن محب
مليس مهبار ۾.

(۴۲)

آڳ اجهامي ڪين اندر جي، جا پاروچل تو پاري هئي
سُر پر ڪي نہ سُئي مان ساڄن، توڏن جا پہ تنواري هئي
تڏهن تنهين نيو توکي تڪڙو، ڇاجي ويل انهي ويساري هئي
مان جوڳڻ ساڻ جتن ڪيو جورو، آنُون تان نومون
ننڊ خماري هئي
ڪا ڪَل پيبم ڪانہ وڄڻ جي ناتي آءُ هڏ هوت
هوشياري هئي
تنهن مون پار ڪيا پريات پنهون، ات آڌي رات انڌاري هئي
صبح وسايم سر تي سپرين، وَجهي جا تت واري هئي
ماٺهن ڪيم منع، ڇئي مُنجهنديئن، آءُ تان
سرِتن پهون سيڪاري هئي
تان پِي موتيس ڪين، مرڻ مُون باسيو، ڪيئن
جاڪام لڳي سا ڪاري هئي
عشق سُنهايم وات وندر جيُ ڏس نہ ڪنهن ڏيکاري هئي
ڏاڍي برهہ بلوچ پرين آءُ محب گهٽو سا ماري هئي
جهٽڪيس پاس جهنگل دي جهوڪان، ڊار
آوهان جت ڊاري هئي
نيڻن روئي نيون وهايون، هنجهہ گهٽي ساهہ هاري هئي

جانب يار جبل ۾ جاني! آن ني بوتن ڪاڻ بيڪاري هئي
پرتئون پاتم پير پبن تي، ڇاڃي ننگ جي پني نهاري هئي
محبت تنهنجي مست ڪيس، ڇا بار گهٽي ڪان باري هئي
مرڻ جيڻ جي ميندين ۾ منهنجي يار پنهون
توسان ياري هئي
پر جو تون پرٺي پره پلاٽي هليين سا تو هُت
ڪن جي وجه وهاري هئي
جيئن وڃي لايئي ويرم ورڻ ۾، سا تو هت
کهڙي وهم وساري هئي
سرڪي سڪڻ جي هوت هٿن سين تو تان پرتئون
پاڻ پياري هئي
ڪيچي **ڪبيرشاهه** چوي آءُ تند تڳان تنهنجي تاري هئي
پر هاڻ برڪت تي جيئن بر ۾ گڏيين، آءُ تان
توري ور ويچاري هئي
مون پيي شڪر ڪيو جيئن ميس مهت سين،
ناتي تنهن جي محب مياري هئي
هاڻ پگ نه ڇڏيندي پورهيت تنهنجو ڏوبڻ جا تو ڏاري هئي
هي هڏ ڏک ڏکي ڏاري هئي، پر اڄ ٿي عيد
اچڻ سين تنهنجي.

(۴۳)

ڪتڻ منجهه قرار، آيس ڪين عجيب ري
اوڪي تي بلوچ لئي، ڪام لُڇيو ڪوهيار
تاٽي ڪڍ قريب ڏي، هلي منڌ هشيار
آرِس ڪيائين عجيب لئي باري برهه بسيار

جهيڙا ڏک يتيم سين، ڪن ڪاوڙ مُن ڪَستا
ساعت گهڙي سَو سالين گذري، تنهن مَن ڪئو مستا
ڪيم گام سَيي گستا، تان منهنجي پنهون جهڙو ناهه ڪو.

(٥٢)

جيڏيون جتاڻي، ٻـَڙي ٻانهي آهيان
عادت آريچن جي، سا مون سيباڻي
هيءَ حب هوتاڻي، سا مون مُئي مرندي نہ لهي.

(٥٣)

اهڙو تون نہ پريام، جو تون ويندين وسري
ڍَڪي ڪَڙڪَ ڪَڙَنِ سين، لتي لوڙهہ ڪندام
تان پڻ هڏ سندام، تاڻيندا تو پار ڏي.

(٥٤)

هوتن آن نہ هئي، ٻيئي مَن پنهون کي
ٻانيڻ ٻاروچن جي سَڳر منجهہ سُئي
ڪڏهن ڪانہ مئي، ڪا پنڌ ڪريندي پرين ڏي.

(٥٥)

جيڏيون مون کي ياد پيو، ٻاروچاڻو ٻنگ
کين چڏيندس ڪڏهن، تنهن پنهون جو پَرسنگ
پنهنجو نر سچاڻي ننگ، مانَ مهٽي هاب نہ ڪريين.

(٥٦)

هوت هـَلـَندي جي ڪيون، ٻہَ تي ٻگالهڙيون
وڃي وندر وٽن ۾ مون کي سَمَر سي تيون
ڪهُ سي راتڙيون، جي ٻِر پُڄاڻا پيئيُون.

(٥٧)

ڏونگر ڏک پَئي، مون تہ هي سانِ ڳالهہ ڪِي
پوءِ پڻ آءٌ مئي، سور پرائي پريںءَ جا.

(٥٨)

ڏونگر تون ڏاڍو، تہ ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين
مون تن اندر تيئن ٿيي، جيئن وڻ چيري واڍو
اهو ڪرم جو ڪاڍو، نا تہ پٿر ڪير پينڌ ڪري.

(٥٩)

چپر ٻُري چير، سُٽي مون ڪن پوي
ڏوران جن پلاڻئو، سي مون گهر ايندا هير
تنهن وير ڪندي ڪير، ٻُڌا پاروچن سين.

(٦٠)

سات سويرو لڏئو، چانگن چو چونڊياس
حُجاتا هوتن ڪي، ڏوراپا ڏيندياس
مُئي پجاتا مامرو، ڪنهن سان ڪونہ ڪندياس
ڪيچ وجي ڪهندياس، فريادون فراق جون.

(٦١)

آريچن انن ڪي، گل ٻڌيون گهنگهٽيون
مچون تن مين جون ياقوتن جڙيون
هٽي ويا **هوندن** چوي، آرياڻي پہ اڙيون
هن ويچاري ور لئي، ڪيون رائي منجهہ رڙيون
تڏهن هو يحي دوس دڙيون، اچي وهلو گڏيس واٽ ۾.

(٦٢)

اديون آرياڻن جي جيڪر هيس ذات

تہ پنهون پنهنجي وات، هوند سات لڏيندي سڌ ڪيو.

(٦٣)

اديـــون آريـــاڻـــن جي جيـــڪـــر هـــيـــس هـــڏ
تہ سات لـڏيندي سڏ، هوند البتہ آرياڻي ڪيئو.

(٦٤)

ڪـڪـورئـو ڪـوهـيـار، ڇپـر ڇاتـون مُـڪـيـون
وَهـيـون سـو وٽـڪـار، جتني پـيـر پـنـهـون جا.

(٦٥)

پُـنـهـون جت پُـنُـون، تت پُـنون ئـي ڪـون ڪـو
گلاب گُل چِنـون، تـڏه عَـالَـم سـپ عـطـر ٿـيو.

(٦٦)

پـنـهـونءَ جي پـا بـوهَ، جيـڪـر ڏنَـيـوَ جيـڏيـون
سـنجهـي ۽ صـبـوح، هـونـدنہ وِئـڙوَ وسـري.

(٦٧)

ڏوهـہ نہ ڏيـان جيـڏيـين، هـوت نـہ ڏنـائـون
مـون جـئـن رُنـائـون، هـونـد مـٿـي ڪيو هـٿـڙا.

(٦٨)

اڪـيـون آريءَ جام جـون مـون انـڌيءَ سـين آهـين
ڏسـيـو ڏيـڪاريـن، پـيـشـانـي پـنـهـون جـي.

(٦٩)

اڪيون آريءَ جام جـون مـون آهـن انـڌيءَ ساڻ
پـَسي ڪـيـائـون پـاڻ، پيـشاني پـنـهـون جـي.

(٧٠)

پنهون ٿـيس پاٿهي، وئي سـسـئي جي سونهن

"خَلَقَ الآدَمَ عَلَيٰ صُورَتِهِ" اها وَٽَن منجهہ ورونهن
چِريَ مجهان چُونهَن، ڏوري هٿ ڪيو.

(٧١)

هوت تنهنجي هنج ۾ پڇين ڪوه پَهي
"وَفِي أَنفُسِكُمْ أَفَلاَ تُبصِرُونَ" سوجهي ڪر سهي
ڪَڏهن ڪَانہ وهي، هوت پڇڻ ڪا هٿ تي.

(٧٢)

پنهون ٿيس پاڻهي، ويا سسئي جا سينگار
"وَنَحنُ أَقرَبُ اِلَيهِ مِن حَبلِ الوَرِيدِ" پيئي اي پچار
چِي وندر جا واپَار، سي سودا سريم هِتهين.

(٧٣)

جتي پُٽين پائيو، ڪنهي اب ڪوهيار
پنڌ مَ ڪر پهاڙ ڏي، وجود ئي وٽ ڪار
ڏاريا پاڻ مَ ڏار، پُڇ پريان ڪر پاڻ ۾.

(٧٤)

سيئي ساري سسئي، گهر ڪندون تون گهُور
ناحق ڏور مَ ڏُور، دران منجهہ دوست اٿئي.

(٧٥)

سوئي ڪريو ساڻ، سوئي ڳولين سسئي
ڪڏهن ڪنهين ڪي نہ ٿيو، چلڻ منجهان چاڻ
پڇ پريان ڪر پاڻ، تہ تون تيائين لَهين

# مومل راڻو

(١)

چنڊ نا سينديِ نِڪَتا، چارئي چڳتي روءِ
عطر مُشڪ عنبير جي تن ۾ باس موچاري بوءِ
لوڏي لڏاڻي هليا، جان ڏنائون جوءِ
راڻو روءِ بروءِ، ٿيو سوڍو شڪارن مان.

(٢)

راڻو روبو روجهه ڪي وينو وسامي
آلا سيئي آٽيين، منهنجا جوهري جي
اجان پنڌ پري، ته ڪَهندو اچي ڪاپڙي.

(٣)

راڻي سڏيو راول کي: اوراهون تون آءُ
ويراڳي! ان ولايت جو رند ڏسيئُون راهه
رات انڌاري رڻ ۾ ايڏهين ٿيو اُهاءُ
ڪيئن وچون وسڻ آئيون، ڪري شمس شعاع
ساميڙا سماءُ، ڏيو ميان ان مذڪور جو.

(٤)

چي منهنجي هن مذڪور جا پختا سٽ پار:
مومل محلي وچ ۾ تي وَرنهه ڪوليا وار
سونا قُل سَڳِن ۾ آتس ذاتير اپه زوار
عطر مشڪ عَنبير سين، هِيري ڳُتيس هار
ڪيڏارڻ ڪَني سان، ڏڙ ڪَري تي ڏار
ماريو مير مُهِينمر ڪري، جت وير وارو وار

آن پيي هوس امير ولايت جو، ڪاهُو پُٽ جَرار
مون سين چڙهن مئنڌرا، پُرسن پنج هزار
گهوڙو گهوٽ سي ڪَهين، ڪيڙو سانگ ترار
تن جي مَنزل منجهه هلو چوي، هئي ديمن جي ڏڏڪار
سي سي مارايو يار، وڃان موٽيو مئنڌرا.

(٥)

آءُ ڪاپڙي ڪر ڳالهڙي، جُوٽ مَ ٻول جوان
اسان سٽائي ٻهون ٻُڌاءِ، خوب ڪنياتا خان
عمر ساري اسان گذاري، تان ڪاڪ ٻڌي سون ڪانه
هل تون هاٽي، تازي تاٽي، ته تيون مومل جا مزمان
وهه ميان سامي سُرت سڄان، ڪي ڪُتا ڏَس ڪٽي ڏئون.

(٦)

ڪَٿان هليين ڪاپڙي، لنگ لانگوٽيا لال
چي: آءُ اتاهون آئيو جتي ٻي جي ناهه مجال
مومل جي محلات ۾ طرح وڃن تا تال
نَو لک ناٽي مال، منهنجا گجر سي گَنؤن ڪَيا.

(٧)

ڪٿان هليين ڪاپڙي، ڏيئون سڌ صحي
تان چي: ويٺيون رائن راٽيون، پَڪُن ساڻ پهي
چاڙهي چڙهو چوتڙا، رَتم رات رهي
وڃو ات وَهي، ته اَئِين پڻ اهڙائي ٿيو.

(٨)

ڪٿان هليين ڪاپڙي، ويجهو ٿي وري
ڳاڙهي لال ڳچي ۾، تنهنجي سون سري

اڇي ڪاڪ ڪنڌين ۾ ڪيائون ويس ورن
منجهه مرڪيو من، سوڍي سين سڱ ڪري.

(١٨)

ڪاڪ مڙيائي ڪُونر، لوڏين آئي لال تي
لڏن لوڏاٽي ڪنڌيين، ٿاري ٿاري ٿئونر
پيرا ڪئو پَونر، سڪ ڪان سوڍيءَ جي پيا.

(١٩)

ڪاهي آيا ڪاڪ تي، چارئي چٽائي
اڳيان مومل مهمان لئي ڇڏيون حبايون جوڙائي
هي اڇي اُلٽا اوتارن ۾، لڌا سي لاهي
وينا خان ڪٽن تي پلنگ پٿرائي
ناتر آئي نڪري، ٿي پر ۾ پڇائي
تنهن ڪان ڏئَونر پڇو ڏاهي، ته تڙ تانگهاڪ تار بائِي!

(٢٠)

تان چي: ٻايون ٻيون، آن ٻانهي، تڙ مڙيئي تار
وهت پنهنجا وار، مهندان گجر تي گز هٽئي.

(٢١)

ٻايُون ٻيون، آءُ ٻانهي، ناتر مون نالو
ٻولائي ٻانهن ڪٽي، واريائين والو
تان پٽي ڪان پالو، ڇَڪن ٿي ڇٽي پيو.

(٢٢)

جان ناتر نهاري، تان ڪُنن سونيون سنگهرون
اُلٽا اوتارن تي، وينا وَڻ واري
مومل هڙي پاري، ڪين ڏٺا مون ڪڏهين.

(٢٣)

هي يي مومل ماڙي جهل، پڇي ويني پَيڙا
ڪنهين ربهون لٿيون، ڪنهين ڳاڙها ڳل
مَسڙِي هارا ملهه، دانه سپ ڏپائيا.

(٢٤)

چوٽا نه موٽا، گهوٽيون آب نه چيوٽيون
سيني هٿ ۾ سون جا لال مڙِيِي لوٽا
تن جا ڪَيسر پِني ڪپڙا، اوچڻ آبوٽا
رتائون رنگريز چئي انگڻ ۾ اوٽا
تن گهراٽا گهوٽا، پاڻ پريزي جهليا.

(٢٥)

چنديِن پلاٽينِ، اوڏڻ اوڍين گجريون
رنگ هالاري هٿ ۾، ٽيون واٽوڙين وائين
چُڱا تيون چاٽينِ، اکيون ڪيائون انگڙا.

(٢٦)

مومل مَشرو ماڙيين، هئي ڏاٽياٽي ڏت ۾
پريا ماٽڪ ماهه جيئن تنهن جي خوب چڱان ڪٽ ۾
ان جي نظر نياز لئي، اچئو پُرس بينا پٽ ۾
سي سوڙهيو سيچاٽي جيئن هنيا سوڍي ٽي سٽ ۾
تن جو سر زمين ڏڙ ڏوڙ ۾، ليٽيا پي لٽ ۾
ڪئين ڪَاڪ ڪنڌن ۾، هئا فراقيا ڦٽ ۾
هن يي ڪامڻ ڪبيرشاهه چوي، اهو چٽڪو ڪيو چٽ ۾
تان ڪئُنر پُنو ڪونه ڪو، تنهن نار سنڌي نٽ ۾
جهٽيو تنهن جهٽ ۾، سيڪو ڦرُبو ڦٽو ڪيو.

(٢٧)

مومل مشرو ماڙيين، هئي نانگڻ پري ناز
ياد هئا تنهن زال کي سڀ اوڏڻ جا پہ انداز
پڙهي هئي ڪنهن پرت مان، ٻاري ٻرهہ بياض
هئا ائين تُڪا تنهن نار جا ، گليلن جان گاز
سا ڪنڌ نہ ڦيري ڪيڏهين، ڪِي عشق ڪَنا اغماز.
ڪاڪ ڪنڌي ها ڪيترا، ان جي نظر ڪان بہ نياز
سي سڀ راڻا راوَ همير هئا ، دولت منجهہ دراز
تن پي پنهنجا وس وڏا ڪيا، جان ڪي عقل جا اِعلاز
تان هن ٻحري وانگڻ باز، سٽيو ساهُو سي وِڏا.

(٢٨)

مومل مشرو ماڙيين، هئي سوڍي پري شان
هنڌ حويليون حجرا ، تنبو تنهن طولان
چونڪيون چمن چؤدرا ، بي حد ڪَنان بيان
تنهن ڪَل جوڙائي ڪامٽي، عقل ڪري ارڪان:
تہ آءُ آهيان وات وڪيل وڪالت ري پانهنجي،
ڏِگي ساڻ ڏيان
سي مر مرد اچن ميدان ۾، جي هجن ساهو سرت سجان
تن مان شرط پجي جو شرط سان، سنو ايندو مون وٽ
ماگ مڪان
آءُ تنهن ڪانڌ قبول ڪندي، شير سچي سلطان
ان تان ڪاڪ سجي قُلبان، پيو آن سدا پيئي صدقي ٿيان.

(٢٩)

ٻارنهن تيرنهن تنهن جون بهتر اڪيون بانَ

گَجر هَٽي گيرُون ڪيا، آهو جا اوسانَ
نَوَ سَا گوپيون تنهن جون، هيون شرط وڏي سان شان
تهڙي ڪنهن وٽ هئي ڪان، جهڙو پير پِنِڻ جو.

(٣٠)

جُل ميان راڻا، هل اُتاهين
گل ڦل جافر چڳيان جائين
هن پيي سينڌ تہ سُرهو وڳو ڍڪيائين
نٿ موتين سين لال ڏَريائين
سپ ساهيڙيون تت سڏيائين.

(٣١)

لَٽڪي جَهٽڪي خوب ڪلائي
ناتر پانهي تت سڏائي
ڪاڄ وجي ڪو اتي ڪائي
تڏهن اتيو راڻو موزا پائي
مرد وجهن تا ڪوٽ نمائي
هن رن جو وچ ڪهڙو آهي؟
ڦند پيو تو ڦٽڪ ڦٽائي
واسينگ وٺينو نانگ نوائي
تڏهن هوءَ ڪت ڪنيو تي ڪوهہ سر پائي
هي وجي وينو مومل ڪي پڙ پاڪر پائي
يار جي يار مبارڪ آن ڪي آهي
سر جي ڪٿي سر تو ڪائي.

(٣٢)

يار سَڏِيني مئنڌرا، هوندين ڪي ايندين

ڏوليا ڏيٺ ڏٺين کي نياپا ڏيندين
وري نہ ڏسندين، ڪِڏهن اچي ڪاڪ کي.

(۳۳)

راڻا تنهنجو رنگ، ڪنهن ويسري وسري
اسان ڏانهن اچڻ جو، دوس مَ وجهج ڏنگ
نہ سڄاڻي ننگ، مون کي مهڻي هاب متان ڪرين.

(۳۴)

مومل سڄيائي مصري، سوڍو ساک جبات
ڪَيسر پِني ڪپڙين، ڏٺم راڻو رات
جيڏن ساڻ جمات، موتج ڪري مون پريں.

(۳۵)

پينر بئي پيڙيون هيون، ڪڏهن ماڙي منجهہ محل
تنهن سان ستي سيج تي سهج ڪري سومل
ڪاهئي مدي مومل من ۾، جنهن چند ڪيا تي چل
ڪانڌ بنا سا ڪوڙي ڪيئن رکي بوتو وچ بغل
سا ڏکي مر ڏهاڳ جا، تي حال گذاري هُل
اصل عزازيل ڪان هئي پڌري اها پل
تان اُنوهين آيو ڪامل سائين ڪاک جو، منجهان اوج اچل
پِٽ ڏنائين پہ چٽا، رمز تنهين سان رل
هي لَکُڙ لاڙي هليو، ڏيئي ميي کي موکل
سو راڻو رُنديَ رکي ويو، وڏي خوف خلل
هي يي اتي عجيبن لئي، جان تي ناز منجهان نرمل
نہَ تِي ويل مُنجهينجي ور جي، اتي ڪانڌ ڪريان ڪا ڪَل
تانَ هَئي مُني ڏري ويو مئنڌرو، اجها ڪام

ڪنڌي سان جَهل
سا منجهه روبو رات ريهون ڪري، تي ڳوڙها ڳاڙي ڳل
پيڻ وڙهي تي پيڻ سان، جوش منجهارا جل
ته ڙي ڪهڙي ڪبيرشاهه چوي، آنڌئي هت اجل
ماريئي ڪي مومل، جنهن سان سُتيين سومل سيج تي.

(٣٦)

سان راڻي ريب رياءُ، مومل ماڙيءَ تو ڪيو
بِت ڏنائين به چٽا، تڏهن گهوت اهو ٿيو گهاءُ
چِا زال ڪ مرد هئو، سو جاڻي جاڻ خداءُ
پر هو حق رَنو تي حق تان، اهو وچ وڏو پيو واءُ
ڙي ڪامڻ، ڪبيرشاهه چوي، تو ڪيئن رات رُسايو راءُ
مومل ڏي تو مهڻو، سيڪو، سوڙي ڪي په سياءُ
جيڏهين هو ويچوڙين وياءُ، تينهين ڪٽي ناحق نَوڏي پرٽيئن.

(٣٧)

ناحق نَوڏ عقل سين، تو ترت ڪيو ترتوت
ڪامڻ ڪاڪ ڪنڌن مِ ڪَونر ڪيئي تي قوت
منڊي چرخ چلت جو، مڪر ڪيئي مضبوط
تان راڻي هڪڙي راند سين، تنهنجا نات ڪيا نابوت
ڙي هوئي پارڻ پينج پريت جو، سندرو سڪ ثابوت

تينديئي بت ڀَيوت، جيئن تو عاشق ساڻ اَلت ڪيو.

(٣٨)

سو مومل پاجهون مئنڌرو، وِير نہ سهي وار
ڪي ڀائِين ڪي ڪربان، وجي تسالو تڪرار
ڀوءِ چوي موتيو من ڪي: تہ ڙي اي نہ اصيلن آر
هُئي هڏ ستي سومل سيج تي، پر نالو تيو نروار
هاڻ جيڪا منچا هونديس من جي، تنهن جو پوندم
سڌ شمار
ڪِي هئي برهہ وچوڙيِ بامنِي، جنهن ٿي جيءَ
تان لاٿو جار
ڪِ ڪو هو مڪر مهريءَ من ۾، تنهن جي ڪل
جاٿي ڪلتار
پر جيڪي مون سين سخن سودي شرط ڪيا
هئا، تہ نہ تن ۾ وار
تنهن ري ڪامڻ ڪبيرشاهہ چوي، قَلب ناهہ قرار
مون کي عشق تيو اظهار، هي تيو پري پهہ پرچاو جو.

(٣٩)

مومل پاجهوُن مئنڌرو، وِير نہ سهي ويلهہ
عشق وڌس ارواح ۾ ڪي نينهن جا نهرا نيل
سو قابل ڪبيرشاهہ چوي، ٿو مري ڪارڻ ميل
اهي سندا خاوند ڪيل، جيئن ڪَنڻ جهڙو ڪم تيو.

(٤٠)

سو راٹو رتولن ۾، مومل مَاٹي شال
برهہ هٹي ڪيو بانوَلو، مست گهٹو متوال

سِڪي سوڍي ڪي سڪ منجهان، پر ڪنهن حرف
ڪَيس هي حال
سندي من مقال، ڪامل ڪنهن سين مَ ڪري.

(۴۱)

راڻو ماڻيو راءِ، ساريو ٿي سڌ مران
موٽائي ماڳن تي، آڻيندس الله
سوڍا تو ڪن ساهه، ناتہ راڻا گهٽا راڄ ۾.

(۴۲)

راڻا نہ ڄاڻا، تہ ڪيئن وِڌوٽي ولها
اڃي ڪاڪ ڪنڌن ۾، پرچي ڏي پاڻا
ڏريائي ڏورا ٿيا، تو ور ري وهاڻا
مومل جا ماڻا، پيو سوڍي ري ڪير سهي.

(۴۳)

آءُ منهنجا ولها، ڪرياتائي ڪانڌ
جيئن تو چُني پاند، چاَرئي رکيا چڪ ڪان.

(۴۴)

ڳاڙها گل گلاب جا، ڳاڙها مٿن ويس
ڳاڙهيون ٻانهيون ٻانهن ۾، ڳاڙها لال لبيس
ڳاڙها ارٿ ڳُجهن سين، ڳاڙها نڪن نيس
پاڻ سُکيون منجهہ سنريون، ڏک وڌائون ڏيس
واهہ تنهين جا ويس، جي ڪتِن ڪنواريون ڪاڪ ۾.

(۴۵)

سگ ڪري سين شينهن، ڪنڌ ۾ قيرج ڪيڏهين
ايئن مَ وسج عام تي، جيئن مومل اُنا مينهن

سندي حشر ڏينهن، سوڍو ساربنديءَ گهٽو.

(٤٦)

راڻي جي رهاڻ مان، ڪو آيو آديسي
عطر مشڪ عنبير سان، تنهن ولات سڀ واسي
سوڍو سناسي، اتاهون ئي آئيو.

(٤٧)

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ محلن
بائن ۽ بانهن جي، پنڌڻ تان نہ پڄهن
لڪين لاهوتين، اهڙيون اوري ڇڏيون.

(٤٨)

اهڙيون اوري ڇڏي، ويا لاهوتي لڪ
وجهو پَٽين وينيون، ڪاڪ ڏياٽيون ڪڪ
پئي اي پرڪ، تہ سوڍيون سِجهائي هليا.

(٤٩)

ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ ۾، پاڻا ويا پري
تن کي مومل ڪوهہ ڪري، جي لڌاٽو لنگهي ويا.

(٥٠)

مومل جي مجاز جون، هيون تارن ۾ تبرون
هٽي حالتن ڪي، زور ڪريو زبرون
ڪاڪ ڪنڌن قبرون، پسجن پرڏيهن جون.

(٥١)

مومل جي مجاز جي، لڳي جن لُڙي
سي سڀ راڻا راوَ همير هئا، تن مان موٽيو ڪونہ مڙي
ڪي هئي ڪوڏڻ چوي، جهونجهارن جُهڙي

تان سي لوڏياٽان لڙهي، پاٽا پاٽو پراهون ويا.

(٥٢)

مومل هٿ ڪمانِ، نسوريائي نينهن جي
هٽي ٿي حالتين ڪي، ٻنگ نهاريو ٻاڻ
جيلانهن لڳيس ٻاڻ، تيلان واڍوڙين وم لهي.

(٥٣)

جڏهين مومل مئي، تڏهن راڻو گهٽو راضي ٿيو
سنگتين ڳالهه سُئي، تن ڏوٿين کي ڏک ٿيو.

(٥٤)

مومل پندرهن پير، سوڍو سٺ هٿن جي
نَوَ سِسيون تنهن نار کي، آءٍ ڦند وڏي سان ڦير
بيت ٻہ ڏيرون ڏير، پر اهو ٻڌو اسلام چوي.

(٥٥)

تيلان مران مومل لاءِ، جيلان ڪانهي جهڙيس ڪاڪ ۾
سوڍي وڏي شان سان سندي شمس شعاع
جڏهين ڪَڏي ڪر ڪبيرشاهه چوي، تڏهن چڻ
باهه پئي پڙڳاءِ
وِڃن ويس لڄاءِ، منڌ نہ جهڙي ماڙهوئين.

(٥٦)

مومل جي ماڙي کي، سهسين ڪن سلام
ڪڪڙا دور درياه جا، پيا وڏا شينهَن شان
پڳس ڪنڌ ڪلام، مومل ماٽي مئڏري.

(٥٧)

وٽ چوربندي ولها، ويڙم تيل ٻري

سودل لاءِ سرتيون، پييس تان نہ مري
جيري جيڏا جان مان ويڙا ٻچ ڳري
ماريس ڦٽ فراقَ جي، چاڪن ڪيس چري
راتي لاءِ رڙي، وييم وهامي راتڙي

# ڪلياڻ

(١)

دل ڪسي پوءِ تو ڏسين! چي، مون نہ ني تنھنجي ميان
قلب ڳوليم ڳول سين، تان ھنڌ نہ آھي منجھہ ھيان
نئَن ڪٽيو نانگ وانگڻ لوٽ لوٽيو منجھہ ڏھان
تَحقيق منھنجي تو نِي، آءُ دانھن دلبر ڪنھن ڏيَان؟

(٢)

ھِت ھئي ھنِ ھَنڌ، سا دل نھاريان نہ لھان
تنَھين جي تر پاوَ لَئي، پير ڪٽي ٿيا سي پنڌ
پوءِ اھا ساڳي سَنڌِ، ڏٺم ديري دوست جي.

(٣)

ھت ھئي ھنڌ ھيءَ، سا دل نھاريان نہ لھان
تنھين جي ترپاو لئي، پير ڪٽي ويا سي وٺ پِيءَ
تہ ڪير ھٽي سَنڌ ساھہ جي ري دُز دوسٽن ريءَ
جي اٿيون جوش مَنجھاران جيءَ، تن ڪٽي اکين
مَتِن اثبات ڪِي.

(۴)

اکين متن اثبات ڪري، ڪٽي سَنڌ اُھا سَلتي
تہ ميان پارس دل پازي ڪان، تو چو عاقَل ٿي اَلتي
ھي جا زوري سان جھلتي، سا ڪٽي سانديج سوگَھي
ساہ سين.

(۵)

پيشانيءَ پاڙي، حلقا ھيبت جيھڙا

تير تنهين جا پنبڙيون، چَٽ چِڏيَوَ چاڙهي
اُهي باڪيون بچوَ برهه جون، سي اَڳي ڏيُون ٿي ڏاڙي
سي جهاَتيءَ مون جهاڙي، ٿيون جهاڙيون جهاڙن
جهاڙ سين.

(٦)

پراڙان پَسي، اِجهي اڪيون آئيون
روح منهينجو رمز سين، نيو تن هسي
جن ڪلندي دل ڪَسِي، ان ڪان آٽڻَ اٽانگي ٿيي.

(٧)

مُرڪي موهيائون، ساهه سوگهو ڪيو سڄڻين
جي ڪلي ڪنيائون، تن اکين جيءَ اڙائيو.

(٨)

ڪِليو خوب ڪٽن، نيڻ سپاجها سپرين
جِڻ تاٽيو تير هٽن، ڪڍيو ڪان ڪمان مان.

(٩)

آيو جانب جنگ تي، پَري برهه بندوق
سا ڪربو گوري ڪُوڪ، وجي ناگهه نِڪتي.

(١٠)

ڪان ڪرنگهو ڪپيو، پَڪن سين پيهي
جيرا جگر بڪيون، پاساريون بيئي
ويچن ڪان ويئي، ٿي وهيٽي سجٽين.

(١١)

جت حبيب هٽن، پري ناؤڪ نينهن جي
تني طبيبن، وجي وجا وسري.

(١٢)

نيڻ پريا سين ناز، تارا تير پرين جا
بحري وانگڻ باز، تا سُوڙهن ساھ سَٽن سان.

(١٣)

نيڻ پريا سين نينهن، تارا تير پرين جا
پِيڙيُون بحريءَ جيئن، تا سُوڙهن ساھ سٽن سان.

(١٤)

پرت آهي پڌري، نيڻن منجھ نجات
ڪڏي بينا ڪات، آءٌ چون عاشق ڪي.

(١٥)

آهي عجيبن جي، تارن منجھ ترار
پهس لنگهيون سا پار، وڃي ناگھ نڪتي.

(١٦)

آءٌ ٿي محب مران، هوت تنهين جي هٿ ۾
پرين پاڻ گهَران، ڏج جوڙِي يار جَتيم ڪي.

(١٧)

ليي منجھ لِيو، پاتائون ڪم پانهنجي
تَنهن ليي منجهه لِيو، ساھ مُنهينجو سڄڻين.

(١٨)

نيڻن ڪِي نيران، جن ساجهر سپرين سهتيا
جيءَ جسي ۽ جَانِ، ڪر حضوري حج ڪيو.

(١٩)

اکين ڪي آءٌ، جان ڪي جهلون پائيان
تانَ پُڇو پوڇڙين ڪي ٿيون ڏين ڳجهون ڳاهون

پيين مهر مينهون چوي، سگر سونائون
لالن لڏائون، تيون خوش خير ٿيو.

(٢٠)

اکيون جت اڙن، اتان کو چند سان چڏائي اچي
اتن آتان عشق جو، کڙا منجهه کڙن
کارڻ جنگ کبيرشاهه چوي، وجهيو لوهه لڙن
ڦهري نيڻ قريب جا، ڇهرا نت چڙهن
تن جي پلکن کين پڙن، هو جي راوت راندي رک جا.

(٢١)

اکيون جت اڙن، تتي زبان ٿي زاريون کري
پنڌ پيرن باسيو، مَجي هاج هٿن
مر ٿا محنت کن، سپ سلامي ساهه جا.

(٢٢)

اکيون پريم تنهنجون، ککوريون کئا
نَ کِي رتيون لاک ۾، نه کو آين پاَهه
وجي محب وٽا، رات رچي آئيون.

(٢٣)

اکيون پريم تنهنجون، گهَليون ۽ گهوڙا
لاهين نه لوڙا، جي هانجي خاطر هيريون.

(٢٤)

اکيون پريم تنهنجون، کنُڊيون ۽ کاريون
مولي ڏنئي منهن ۾، کيون صاحب سُونهاريون
ري کجل کاريون، سَنجين تان سور لهي.

(٢٥)

اج پڻ اکن سان، کوني کنائون

ماھ وراھي ھليا، ڪرنگھو چڏيائون
”وَتَوَاصَوابِالحَقِ وَتَوَا صَوا بِالصَبرِ“ ايئن اُتائون
مون کي ماريائون، ڪلي گھايو سچٽين.

(٢٦)

ڪوني کُھي سپرين، ڪوني کُھڻ ساڻ
نيزي ھينان نينھن جي، پاسي ڪرم پاڻ
چل وجائي چاڻ، ٿيءُ عاشق ازل سامھون.

(٢٧)

عاشقن آرام، ڪڏھن سمھي نہ ڪيو
حبيباٽي ھيڪڙي، طعني ڪيا تمام
اکين ننڊ حرام، پڇن پيئون پور ۾.

(٢٨)

عاشق اِين نہ ھُون، جيئن تون ساجن سڄي انگڙئين
ھو وڍيا چيريا چچريا اُپيا رھبر رُون
جي پرت پريان جي پُون، تن کي نينھن نوازيو.

(٢٩)

نايون نينھن اکين ۾، پَنَ پرائي پُور
ٽڙ تتھين ٿھريو عشق جتھين اُور
وڏي وڻ وڏو ٿيو، محبت ۾ مھمور
مليو ڪنھين کي مُور، ٻئا ھَنڌَ پسي حيران ٿيا.

(٣٠)

محبت جن جي من ۾، سي سُڪائي سونھن
ڪڪوري ڪاڪ وھي اندر عاشقن
ٻئا چو ٻُجھن، قدران ڪيميا جو.

(۳۱)

محبت هئي جي مال، تہ ميڙي گڏ ڪي موذيين
پر تن کي هٽي ٻجو ٻجن تي هو جي نگرا ننڊ نڪال
اصل عاشقن سين، اتس خاص خيال
تي رهي رفيقي تن سان ڇاجي ان وٽ قدر ڪمال
سي ساندينس سڪ مان، ڏسيون فيض في الحال
ڪيئن جيئن عقل علم عشق جو منجهس واس وصال
هو جي بي قدرا بي حال، تن سان ڪري قرب
ڪبيرشاهہ چوي.

(۳۲)

ڪانہ ڏني سون ڪٺهيڻ، ڪا مس ڪڍي محبت
آوي لائي ڏسو ان کي، ڪا رُميءَ ٻاجهون رت
منائي مروت، آتو ڪا اخلاص ۾.

(۳۳)

ڪانہ ٻڏي سين ڪٺهين، ڪا محبت ري مروت
پر کي هون عقل اڪابر آدمي، تہ ٿئي انهي ڪؤن البت
اهي پڳي دل سڄي ڪن، ميٺن سان مسرت
ڳُٺن سان ڳنهيو ڪن ڪامل ڪرامت
کي هُون ڪرتن ڪچا ڪبيرشاهہ چوي،
تہ هو نيو گڏين سان غربت
اصل اشرافن جي آءِ طرح اها تربيت
سي تاري محبت ميلاپ ڪندا ايذي سان حشمت
انهن جي تڪرار لڳي ٿي رُميءَ ٻاجهون رت
ڳني جي گذران جي آءِ سقري سلابت

سي سرت سناخت سپرين، شل هون صاحب سلامت
جي ايڏيءَ سان حڪمت، ان ڪان ڪجهي تيبئي ڪانہ ڪا.

(۳۴)

منو ڪَوڙو پڌرو، آءِ ظاهر منجهہ زَبان
منو، منائي جي طرح چڏيندو تا نہ
منجهان ڪوڙي ڪانہ، ڪا منائي معلوم ٿئي.

(۳۵)

قلب جنهن جو ڪَوڙو، سو ڪيئن مُنهان منائي چوءِ
ذرو تنهين زهر مان، جي ڪڙو قاتل هوءِ
مڻ مصري ميٺ ڪري، ڪٽي ڏوبيءَ وانگڻ ڏوءِ
تان بي تورڙ تاٽي سو توءِ، اهو ڪوڙائي ڪين ڇڏي.

(۳٦)

جنهن منجهہ مَنڌ منائي جو، سو جي ڪوڙو چوءِ
تنهين جو ڪوڙو چٽبو ڪين ڪي، پاٽان مهند
مثايان هوءِ
تنهين منجهان پوءِ، منائي معلوم ٿئي.

(۳۷)

منا لب محبوب جا، منا پرين مون پاڻ
مَنا روپ پريا رخسار سي، مني ريجهہ رهاڻ
مَنائين نجيب جا، مني گڻن پري ڳالهاڻ
تنهن مني ساجن ساڻ، منهنجا منا پيچ پريت جا.

(۳۸)

اچين جي هيڪار، مون سارينديءَ سپرين
ڏيان اوطاق اکن ۾، ٻئا واهہ وچايان وار

چُمي چشمن تي رکان پرين تو پئزار
سا ڪريان جِيَ ڏندن ڪان ڏار، جا وڻن توکي وائي چئي.

(۳۹)

مون وٽ هُوبن منهنجا پرين،شل ساجن سدائي
ڏور وڃي ۾ ڏيهه ڏان، شل وک مَ وڌائي
جا توکي وَڻن چوي وائي، سا هوند پاڙون جيء
پٽي ڪڍان.

(۴۰)

هن نماڻي ناتو، رکيو تو سان راول روح جو
سو محبت جو منهنجا پرين، مون سان پيچ پکهه پاتو
تو هيئن ڪسي ساهه سقيم جو، نيئي چشمن سين چاتو
ٻول ٻڌا تي پاڻ ۾ محب ميان مان، تو
سو تون سخن سچو ڪج سپرين، نه مون جاڻ
پريا جاتو
هن منهنجي هِنيڙي حال حوال جي، آءِ ڪل
ڪَرا ڪا تو
تون آهين ادب جاءِ أتيمِ ڪي آءُ ڇا واڪاڻيان واتو
هت چنڻ مان ڇا تو، ايندئي قريب ڪبيرشاهه چوي.

(۴۱)

تات طلب تن تور، سدا تنهنجي سپرين
آن جي من عشق ۾، پيو پچائي پور
دوس اچي دوست محمد چوي، هوت ميٺيو سي هور
جهڙي ڇپَڪُوي چندر چڪور، تو تهڙي پيتم
پرت پريم ڏي.

(۴۲)

سا ڏاري ڪريو مَرَ ڏار، جا نالي سئي توهجي
عيب ڍڪيندڙ آءُ تون، محب منا منٺار
هن درماندي جي دوس محمد چوي، اچي لهہ
ساجن سار سنڀار
تنهنجي يار پچار، مون کي دم دم آهي دل ۾.

(۴۳)

دم دم آهي دل ۾، تنهنجي حب حبيب
هلي داروں هن درد جو، تو ري ٻي نہ طبيب
هن درماندي جو دوس محمد چوي، اچي ڪر ڪا قريب
آءُ ٿي نهاريان ٿي نت نجيب، تون آءُ عجيب
آتيم جا.

(۴۴)

آءُ عجيب اتيم جا، ڪر ٿي راضي رحم رفيق
من مَلي ڪر ماهہ جيئن، ڏي لالي لا شريڪ
درماندي دوس محمد چوي، حاضر ميڙ حقيق
تنهنجي حب تحقيق، منهنجي دل مست ڪي.

(۴۵)

منهنجي دل مست ڪئيَ، تو موهي ساڻ مجاز
پاڙهيئي پرين ڪي پرت مان، بعضي برهہ
سندا بياض
تڏهن دوس سڪ دوس محمد چوي، ٿي دلبر
اندر دراز
هاڻي ٿي اونايان آواز، آهنجي محب اچڻ جا.

(۴٦)

آن جي محب اچڻ جا، وجهان وينئي واجهہ
توري ڪانڌ قبوليان ڪين ڪي، جي ڏيهہ ڏين
بيا ڏاج
دوس سنڌيَوَ دوس محمد چوي، آءِ حب هنئين
کي هاج
مٿي پانهي پاجهہ، الهہ لڳ اچي ڪربو.

(۴۷)

الهہ لڳ اچي ڪربو، پيٽي پر پتار
ساجن سڪ سرير ۾، آن ڏي اڪنڊ اپار
دوس سڪان دوس محمد چوي، تي درسن لئي ديدار
دلبر ڏيو آئين دل کي ڪا دلداري دلدار
ياري تو سين يار، آءِ ڪامل "ڪُن فَيڪُون" جي.

(۴۸)

سپيريان جي سڪ، ڪَپي من ڪورا ڪيو
جيئن سونارو سون کي، ڪري تورا تَڪَ
تيئن پيڻ پيالو عشق جو، آءِ تڪي تراران تڪَ
لوڪان ڪجي لڪ، پر لڪ کان لِڪي ڪين ڪَي.

(۴۹)

سڪ نہ سلتائون، نَڪان نينهن مٿي ٿيو
لائي آر عجيب سين، اپر اوريائون
پئا گهر گهوريائونَ، دوس رکيائون دل ۾.

(۵۰)

اندر من مقال، سدا تنهنجي سپرين

پهرائين پربت جي جذهن لنئون لائي تو لال
پوءِ ڇو پاڇي سين ڪرين هيئن خوبي جا خيال
اڇي پُڇ ارواح کي هي حقيقت حال
ته سندي تو سنپال، ڪ ڪا ٻي وائي آهس وات ۾.

(٥١)

من اندر مصلت، سدا تنهنجي سپرين
پهس ونئي ڪيوَ پانهنجو، موهي سان محبت
خوبي جي خيال جي، دوس مَر ڪر دهشت
اڇي پڇ ارواح کي، هيجؤن حقيقت
ته تنهنجي ونئي تو وحدت، ڪِ ڪابي وائي آهس وات ۾.

(٥٢)

من اندرَ مذڪور، سدا تنهنجو سپرين
خوبي جي خيال جو، دوس مَر ڪر دستور
اڇي پُڇ ارواح کي، جو ٿيو محب ميان مَهلُور
ته ٿو سلي تُنهين جو سور، ڪ ڪا ابي وائي
آهس وات ۾.

(٥٣)

اندر من اداس، سدا تنهنجي سپرين
مشڪ ڪنان ٿي مهند پانيان، پلي تُنهين
جي باس
اڇي ڪر ارواح جي چاري ٿي چڪاس
ته هن کي تنهنجي وير وماس، ڪ ڪا ٻي وائي
آهس وات ۾.

(۵۴)

جيئن سا ڪاني ڪانهن، لُوسندي لاتيون ڪري
تيئن اچــي ڏنـي اوچتـي درد پريان جي دانهن
وڃ ڏنيين تـو ٻانهن، سوُر هِنيين کي سامهان.

(۵۵)

ڦـٽـن انــدر ڦـٽ، ڏنـــيِ سڄي ئي ڏيــل تــي
لڳن پـــر ڪـڇن ڪـين ڪي، لـٽڪـن انـدر لـٽ
آڙاهه ان عـميـق جي، ڪي سـورهـيه سهـن سـٽ
ٻـئـاچـا چـاٽـن چـٽ، قـدر ان ڪـيـميـاهه جـو.

(۵٦)

درد نہ تـوکـي دنـگـيـو، ڏنـيـئـي درد نـہ دنــگ
ڪاري ڪان قـريـب جا ڪـتـئـي ڪـيـن خـتـنـگ
سبق انـهي سـور جا، اڳ نـہ پڙهيا هـوءِ انـگ
وجي پـيچ پـتـنـگ، ڪـــر لاهُــو جي قـضـيـي.

(۵۷)

در د نـہ تـوکـي دَنـگـيـو، ڏنـيـئـي درد نـــہ داءُ
عـشـق جو عـثـمـان چوي، ڪـونہ آيـئـي ڪـهـڪـاءُ
تـڏهـن گوشا ڪـريـو گـذريـن، ڏور ڏڪـويـن ڪاءُ
وِهـيــن تـن وٿـاءُ، جن ڪي سڌ نـہ سـور جـي.

(۵۸)

ســور مـڙيـئـي سـور، پـر بـاري سـور بـرهہ جا
شـب روز سـجـڻ جـا آهــن مـون کــي آڳي عــشــق انـبـور
نانگن ڪان ٻيي نيـنهن اٽانگو، قاتل ڪان پہ ڪلور

انهي درد اهو دستور، تنهنجي ٻُکي هٿ دوس جي.

(٥٩)

درد بي درد کي ڏاتر منهنجو ڏي
جنهن کي سڌ نہ آهي سور جي، مرجان سرکي
چکن سي
تہ حال مُنهينجي هي، هوند واقف ٿين ورهہ جا.

(٦٠)

لٿو سورن سَجهہ، پاٺيهي پيهي آئيا
کنهن کي ڏيان منجهہ، مرجان ڏکن ڏيل ۾.

(٦١)

تن سورن کي شاباس، جي پاٺهي پيهي آئيا
هوند کاکيون کالهہ مياس، پر وڏو ويچارن
وس کيو.

(٦٢)

سور نہ سانگاهين، پاٺا گهٽيرا پائيان
مون کي مون پرين جا، اگِٽيا آهين
جي ماٺهن کي مارين، آءُ تن سورن سانديُ آهيان.

(٦٣)

سوريتي سور، وجي اوريو اڻ سوريتي سان
هُن جو پنجهرئي نہ پنو، هي وجي ٿي وهلور
پرايائين پور، اگِي کان پي اگِرو.

(٦٤)

سوريتي سورن کي، کري سهجون سڌ
پگِسي سورن هڌ، سي پڻ سيکي سور سين.

(٦٥)

جان جان ناھہ ضرور، تان تان ناھہ طبيب کو
جسي سريو سور، تہ ڪر ويڇن ور پيو.

(٦٦)

سکن ڪارڻ سور، وڃي وھايم جيڏيون
جنهين جي وروھ، در سونهايم دوس جو.

(٦٧)

ڪنهين ڪنهين ماڻهئين، گوندر جو گذران
ڪريو ڏُرس ڏيان، وڃيو ڪن سودو سور جو.

(٦٨)

ڪنهين ڪنهين ماڻهئين، گوندر وڏي وٽ
ڏيو گوڏ گرٽ، وڃئو ڪن سودو سور جو.

(٦٩)

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن تان
جنهين جي ورونهن، در سونهايم دوس جو.

(٧٠)

ڏکيتيون ڏھان، جيڪس لڏي وييون
ھاٿي ڪن ڪَنان، پڇان سورن خبرون.

(٧١)

نہ ڪا ڏکي ڏيھہ ۾، نہ ڪا ڏک پچار
ڪانهي تن تنوار، نينهن نماٽيون جي ڪيون.

(٧٢)

نہ ڪا ڏکي ڏيھہ ۾، نہ ڪا ڏکوئي
جنهين سان روئي، حال گرھيان ھوت جو.

(٧٣)

هي هي هوت مُياس، ڪر نہ لذيئي ڪذهين
هوند نہ هيئن ٿياس، پڇئي جي پير پري.

(٧٤)

اهڙو تون نہ پريانم، جو تون ويندين وسري
ڏکي ڪڙڳ ڪڙهن سين لٽي لوڙهہ ڪنڌام
تان پڻ هذ سندام، تاٽيندا تو پار ذي.

(٧٥)

حبيبن هيڪار، منجهان مهر سذ ڪيو
مون ڪي سپ ڄمار، اهوئي اورڻ آئيو.

(٧٦)

پاپوهيو پچن، ڪٿي هت حبيب جو
نيزي هينان نينهن جي، پاسي پاڻ نہ ڪن
عاشق اجل سامهان اُچي ڳات اچن
ڪُسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.

(٧٧)

جڏانڪر جانب سان نيهن لڳو نروار
تن تڏانڪر طالبو، تسالو تڪرار
ياد اسان ڪي يار، من ياد پئون تنهن يار ڪي.

(٧٨)

جڏانڪر جانب ساڻ بينو انگ اڙي
تن تڏانڪر طالبو، گهاري ڪين گهڙي
ڪنديس ڪانہ ڪڙي، محبت محبوبن سين.

(٧٩)

سر ڏني ساجن ملي، ته هوء مُنهنجو مُونهين وٺ
اهڙي سهانگي سَتِ، ڪا ٻي نياڳي نه ڪري.

(٨٠)

عاشق معشوقن جا سدائي موٽاج
هٿان چڏيو هاج، ايا سڪن سڏ ڪي.

(٨١)

عشق جي اسباب ڪي، پر ۾ پڇائون
دارون انهي درد جو ڏاڍو ڏسيائون
آخر والعصر جو، اهين اتائون
تڏانڪر تانئون، سڪ تنهن سلام ڪي.

(٨٢)

سڪين ٿو سلام ڪي، ڪرين ڪوهه نه سلام
پئا در تن حرام، هي در جنهين ديکيو.

(٨٣)

تائين ڪوهه طبيب، پايو دارون ديگ ۾
جو هنيون گهاءُ حبيب، سو چيئيي چڱو نه ٿئي.

(٨٤)

ديگيين دوگ ڪڙهن، ڪٺهي ڪڙڪو نه لهي
عشق جي الول جا مَڱر مَچ ٻرن
وٽان واڍوڙين، ڪوڪ نه وجي ڪڏهِين.

(٨٥)

اج پڻ ڪنجهو ڪِنجهه، واڍوڙ ڪي مَنهِي
جي ٿي پيين سنجهه، ته هو پها هو پَٿيون.

(٨٦)
اڄ پڻ دانهون دانهن، واڍوڙي کي مَنهنيئن
ويڄ ڏنيين ٿو ٻانهن، سور هنئين کي سامهان.

(٨٧)
ويڄن وڏ وڏام، ڦڪي ڦرق ئي نہ ڪري
موٽيج محب سندام، چاڪ حڪيمن چوريا.

(٨٨)
حياءَ حڪيمن ڇڏي، ٿيا طمع دار طبيب
ويڄن گهڻا وٺا هيا گورن ساڻ غريب
مادر منهنجي مرض جا آهن ڪاريگر قريب
اچن جي عجيب، تہ وڃن سور سنڌن مان.

(٨٩)
منجهان مون آزار، اٿياري اٿي ويا
حبيب ئي هٽي ويا، پيڙا جي پچار
طبيبن تنوار، هڏ نہ وٺي هاڻ مون.

(٩٠)
هڏ نہ وٺي هاڻ مون، ويڄن جو وصال
هِن مُنهينجي حال، حبيب ئي هادي ٿيو.

(٩١)
حبيب ئي هادي ٿيو، رهنما راحت
پيڙا نيائون پاڻ سين، لائي ڏيئي لت
سپريان صِحت، ڏني منجهان ڏکندي.

(٩٢)
اور ڏکندو اهو ٿئي، هادي جنهن حبيب

تر تفاوُت نہ ڪري تنهن ڪي ڪو طبيب
رهنما رقيب، ساٿر آهي صحت جو.

(٩٣)

ساٿر صحت سپرين، آهي نہ آزار
مجلس وير مَنو گهٽو، ڪونيندي قَهار
هٽي خنجر خوب تنهين، جنهن سين ٿيي يار
ساجن مون ستار، سوجهي رڳون ساھ جون.

(٩٤)

ويڄن وڏا وس ڪيا، مرض مُنهنجي ڪاڻ
تان ڦڪي فرق ئي نہ ڪري حڪيماڻي هاڻ
مادر مدارن ڪي، آيل ڪوني آڻ
لِڱي لائن هٿڙا، پليچو چئي چي پاڻ
تنهن ڏني ساجن ساڻ، ويئن سور سنڌن جا.

(٩٥)

سور جنهين ڪي سريو، سري تنهين صحت
مني مصيبت، آهي عاشقن ڪَي.

(٩٦)

نينهن نهائِين ڪانءُ، وڃي سڪ منهنجا سپرين
موڙهوئي منجهہ پري، تپي ڪري تاءُ
متان ليا ڪانءُ، ڪو تِڪو لڳي رڃ ڪي.

(٩٧)

سڌي هنيائون هٽي ڪري چَرَ يَرِ چاڙهيائون
جاَ پر پتنگ پچي ڪري سا پر پاريائون
ڳاڙ نہ ڳاڙيائون، متان سيڪ نہ اچي ساھ ڪي.

(٩٨)

چُواڪو ۾ چر، شل ڪبابُون ڪو مَ ڪري
متان اجهامن اگَرَ، اچي سيڪ نہ ساهَ ڪي.

(٩٩)

ڏا ڏا ڏو ڏکيون ڪن ڏراڪيو ور
پتنگن پليچو چوي، پجي واريا پر
تان ڪاميو ڪوري وچ ۾ آتيو تين انگر
متي مچ منگر، مرن پر موتن نهين.

(١٠٠)

ڏا ڏا ڏو ڏکيون، ڏلـيو سوار ڏرن
پتنگن پليچو چوي، پُجان جان پرن
تان ڪاميو ڪوري وچ ۾ تا بارڻ جيئن ٻرن
مرڪن ۽ مرن، متان مچ موتن نهين.

(١٠١)

متان مچ موتن نهين، چڏيو سانگهن سار
پتنگن پليچو چوي ڳنهان ڪهڙا پار
سر جدا ڌڙ ڌار، اتهين عاشقن جا.

(١٠٢)

ويچن وينـي ئي، دوس پيهي در آئيو
صحت جي سربر ۾، وجي ڪل ڪَرين پيئي
پيڙ پري پيئي، اچڻ ساڻ عجيب جي.

(١٠٣)

اجهي اڄ آيام، جن ڏني تيڙم ڏينهن
چڙڪس منهنجي چت ۾، لڳي اُٽڪَ انهي جي اينئن

جينئن من مشاهدي گڏيو، اچي پاٻو هيو پرينئن
سي نوري منجهان نيڻنهن، تا اچلين گل گلاب جا.

(۱۰۴)

اچلين گل گلاب جا، رنگ چگّي ڪنهن روءِ
هنيين کي هنڌ هوءِ، اُهو پلڪ پسي ٿيو.

(۱۰۵)

محبت جي ميدان ۾ عاشق ٿي اچ
عشق جو آدم چوي، پري مَٿانئون مچ
جنهين شيخون سڃئون، پهه تنهين جي پچ
لا لائي لال ٿي، رنگ انهي جي رچ
سڪڻ منجهان سچ، لڪي جمِ لڄائيو.

(۱۰۶)

محبت جي ميدان ۾ عاشق ٿي آچام
وجهنڌءِ سل سيد چئي، ڪنڌئي تير تمام
ڪهج ڪومَ ڪلام، متان دوسنائين دور ٿيين.

(۱۰۷)

محبت جي ميدان ۾ ڪن رڪاٽي راند
هٽي تت حجام چئي، مانهين ٿج مَهاند
سسي نيزي پاند، اچل تہ اَڏ ٿيي.

(۱۰۸)

محبت جي ميدان ۾ سوري پائن مَ سخت
مٿو محبوبن اگهيان وڃ انهي وقت
عشق نانگ تَخت، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

(۱۰۹)

محبت جي ميدان ۾، سر جو ڪر م َ سانگُ
عشق تَخت نانگ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

(۱۱۰)

محبت جي ميدان ۾ سينو سپر ڏيج
مُنهن ۾ معشوقن جا جهالُو تي جهليج
پَهائون پير م َ ڪريج، عاشق تي ته اُبَهِين.

(۱۱۱)

محبت جي ميدان ۾، سينو سپر رک
مُنهن ۾ معشوقن جا چاڪ چُنڪا چک
سوري آڻ م َشڪ، عاشق تي ته ابهِين.

(۱۱۲)

سورهه مرين سوپ ڪي، ته جنگ جامي سين جوڙِ
خواب خيال خطرا، وهم سڀ واڍوڙِ
مانجهي نفس نهوڙ، ته راز پروڙين رڻ جو.

(۱۱۳)

سورهه مرين سوپ ڪي، ته جنگ جامي سين لاءِ
خواب خيال خطرا، پنهنجا سڀي وهم وڃاءِ
نفس ماري ڪر ناهه، جان راز پروڙين رڻ جو.

(۱۱۴)

قلبُ ڪَسوٽي هٽي، ساهه ڪي ڏي سيراهه
رچي من ميَن چوي، روح سچائي راهه
اندر رهي الله، پيون وڃني وايون وسري.

(١١٥)

ڪَشي دَمَ ڪَمَهَڪُون، پڪڙي جهل پساهه
سوريَ چاڙهي ساهه کي، رک آڳ مٿي اُرواح
حمد هينين ۾ حل ڪر، طالب تَنَ لَهِي تَر پاءُ
هڻ ڪسوَٽي قلب کي، من ماري ڪر ماهه
دوس سندو دوس محمد چوي، ايئن پوندئي
سرت سماءُ
رهه ۾ گڏبئي راهُ، روبروءِ رفيق سو.

(١١٦)

چست چلي مؤن ڇاهه، وچ تون خاني خرڏوندن جي
دل اجار دڪان تي، ديک وجي داناهه
پَڳ گِيري پؤ پيش تون، وٺ آئچر ڪر آهه
صاحب صيقل جا ڏٿي، ٿا من مَلِيُون ڪن ماهه
افلاطون عقل جا، ٿا سياهِيُون لاهن شاهه
تن وٽ سنجهه صباح، تون جُودؤن وچ جلال چوي.

(١١٧)

ڪَنَرَ قابلَ وَٿ ۾، هلي وَڃُن هيڪرَ
پَل ندوري نفس کي، جيڏ دنيا جا درَ
دؤڙي وَڃُن دڪان تي، ڪهڙ پيچ ڪاريگر
صاحب ديک سلوڪَ جن وٽ جال جَنورَ
سي حافظ حڪمت سين، ڪندا تنهنجا عبان
سب اڪر
ڏيندءِ مُهت مَراتبا اُهي گنج ڏٿي گوهر
نافع ساڻ نظر، ڪندئي من ملي مهتاب جيئن.

(١١٨)

ڪتر قابل وٽ ۾، ويهي ڪج وصال
مَؤ مايا جو ماملو، مستُ ڦٽو ڪر مال
دل رکي داناهہ سين، هٿ پڌي ڪَهہُ حال
تہ تنها ترين تن ڪان، فيض رسين في الحال
سي ڏوئي ڏَر پٽ جيئن ڪندا، تنهنجو ساهہ
سينگاري سال
تيندئي داد دڪان تان، اي ڪر بات سهي بر حال
ان وٽ حال في الحال، تون جودؤن وج جلال چوي.

(١١٩)

ڪِرتين ڪُند ڪُلالُ، سِفلو آهہ سُمير ڪان
سَو نَوي ناز نظار نہ، شَوُڪي ٿو پہ شغال
توڙي گوهر گَرمل تي ڪِرِي ڦاڪون ٿيي
في الحال
تان يي هو ڪُند طبع جو تڪڙو آءِ خارج بد خيال
مگر آهي مردود ڪي دار بقا ڏي دال
توڙي سخن صفا هوئي سال، تان پُٽ ڪيندو
جَرَح جلال چوي.

(١٢٠)

مييءَ مثل جي ميرُ، سِفلو آءِ سمير ڪان
وِڙهِي ٿُوٽي واڳهہ سين، ڪَو تانُ ڇڏائي تير
جُزبي چيز جلال چئي، ڪا پيل پٽيندي پير
ڪُند ذهن ڪي ڪيرُ، آٽيندو ارڪان ۾.

(١٢١)

بَدَ جو ورهيه بَدِ، گهڙي نافع نيڪ جي سو ڪمينو ڪبيرشاهه چوي، نگرو ڇڏي نه ندَ اهو بدو بي شڪر بد خُواهه ڪندو بديون بي حدَ هي قابل پنهنجي قرب ڪان هڪڙي رتي پوي نه رَدِ سو هيڻو هلي حياوَ سان اجان ڪنهن قدر قَريني قد
اُهو جاتِ وَڏاي جَدِ، پِيءُ ڏاڏي ۽ پانهنجي.

(١٢٢)

نوڙت نت نياز، آءِ گڏرُ غَرِيبي گُڻُ وڏو تُندي تڪبر تڙج طما ڪي، رحم گهڻو ڪج راز جوين ويندُءِ جاڙ ڪري، جيئن اُڏر اڏامي باز پوءِ تهؤن هٽنديون هٽڙا، اهو نت نه هوندءِ ناز تنهن ڪان ڪڻ تون سڪ صبر جو ساز، ڪر ڪا ڪيرت ڪبيرشاهه چوي.

(١٢٣)

جَنِ مَنِ جَهڙڳِ جَهوَنِ، موليٰ جي محبت جا ڪَنبَنِ جي ڪرڙن پَر، ان ڪي نانگ نَونِ وڻ ورائي وات سين جي ٿا چُوندن ڪي نه چون قابل ڪَرهيندن سين، پاٽان ڪامل ڪارون ڪن اهي لکن ۾ لِڪجَن، جي اهڙي لاڪيٽي لڪٽين.

(١٢٤)

آهي نه پيي آهه، ناهي نه پيي نه چوان

عين سهي ڪر عين ڪان، پس ڇاتي منهن پاءِ
صورت سپيرين جي اندر روح رهاءِ
مورت جا محبوب جي، سا لؤن لؤن منجهه لڪاءِ
حال سهي ڪر حال سين، ٻئي ڪي ڪي مَ ٻڌاءِ
تہ ساڄن ڪلَ سنڌياءِ، لهي سگهي صدرالدين چوي.

(١٢٥)

سڄڻ سَنيون ڪن، لوڪان ليڪي ونگيون
سنڌي سپيرين، پَر پروجهڻ ڏاڪڙو.

(١٢٦)

ايئين جا نڪ اندر ۾ جئن ڪنو جانڪي منجهه ڪپَ
سو موتي مشاهدي ڳڌئو، جو ساندي ڪڍيو سپَ
راڳ تنهين جي رپَ، هنيين جنهين حال وهي.

(١٢٧)

ڪالهوڻي ڪرَ ڪيمَ پُڇ، نہ ڪا اڄ صباح
وؤن تنهين سان واڳيو، جيڪي پَسين منجهه پساهه
رڙهہ رباني راهہ، متي حال هشيار ٿي.

(١٢٨)

ڪنهين ماضي من ۾، ڪنهين استقبال
حاصل جنهين حال، تن سامن سچ پرائيو.

(١٢٩)

جڏهن سچي سڪ جو، حاصل ڪيئي حال
وڃي ٿِيي وصال، تڏهن قرب قريب سين.

(١٣٠)

جڏهن سچي سڪ جا، پنا پرت پڙهياءِ

تِهان پوءِ ٿياءِ، ساڃاهہ سپيرين سان.

(١٣١)

سڪ نہ آهي سُٽري، ڪن پروڙيو پير
ڪسڻ ڌاران ڪير، ڪري سڌ صراط جي.

(١٣٢)

ڪڏهن اڪر عشق جا، پنا پرت پڙهياءِ
تِهان پوءِ ٿياءِ، ساڃهہ سپيرين جي.

(١٣٣)

عشق اَوکي اکرين، سُڃي شينهن جِهو
وات جنهين کي وجهي، وسان سو ويو
پرو تا نہ پيو، انهي محبتي مجاز جو.

(١٣٤)

عشق نہ سوکي راند، جان کي کيلينس ڳيرو
جيءَ جسي جان کي، پجئو ڪري هيڪاند
سِسِي نيزي پاند، لوڏيندا لک ويا.

(١٣٥)

شَدون جي شوق جون، مدون جي محبت
حاصل ٿي حڪمت، ظاهر زبر زير مان.

(١٣٦)

جاءِ وقف وقف جو، وجي وِرِهہُ لذوءِ
تڏهن پڙهي ڪر پُرڏوءِ، سيپارو ساڃاهہ جو.

(١٣٧)

سُورَ ساڃاهہ سُورَ ۾، جيڪي پير پڙهن
ري پڙهي پروڙ جن، سيپارا ساڃاهہ جا.

(۱۳۸)

مطلق جو معرفت جو، جائز جن جوازُ
سڀ رهائي راز، ڪشف قلبي تن جو.

(۱۳۹)

ملت محبت جن جي، مذهب تنهين موت
فرض فنا جو فوت، تن ڪان طاعت نہ ٿيي.

(۱۴۰)

فڪر ۾ فاني ٿيا، ظاهر ۾ زاني
تنهين ڪي تعليم جي، آءِ ڪُڙهہ اندر ڪاني
هو جو حرف حقاني، سو ڏؤر ڪيائون دل ۾.

(۱۴۱)

جنهين دور درد جو، سبق سور پڙهن
فڪر فرحي هٿ ۾، مانڊ مطالعہ ڪن
پنو سو پڙهن، جيِائين اکر آئيا.

(۱۴۲)

ڪاتيائون قرآن ڪي، ڦرهيءَ تي فرقان
مري لذائون مان، جزَ وجائِي جوڳيين.

(۱۴۳)

جسي منجهہ جبار جو، "حنفي" خيمون ڪوڙ
"جَلِي" تنهن زبان سين، چارئي پهر چور
فهم سين فرقان ۾، اسم اعظم اور
پيا در ڪيمَ ڏور، اهو اَمُلُ اتانهين سپجي.

(۱۴۴)

پاڻ پانهين جو پاڻ ۾، ڏنم جان پيهي

تان نہ ڪا خلق، نہ ڪي ملڪ، نہَ ڪي آسيئي
ٻولي ٻي ويئي، لات پريان جي هيڪڙي.

(۱۴۵)

ورق ورائڻ ڏوهہ، آءِ ٻنا پروڙ پڙهين ڪي
سي ڪهڙي ڪهندا ڪوهہ، جي رهڙي رهندا ڪين ڪي.

(۱۷۶)

پڙهي پروڙيو جن، ورق ويڙهي رکيا
تان پي وري تن، حرف نہ اچي هيڪڙو.

(۱۴۷)

اکر جو الف جو، سو مطالعہ ڪيو مون
تان تنهن منجهہ تونهين تون، ٻي لات نہ لحظِي جيتري.

(۱۴۸)

روزا نمازون، ڪي ڪُجاتيُون ڪن
پايو منهن مصاف ۾، ڪي ڪَافر تا پڙهن
آسين منجهان تن، جن پيٽ نہ ڏني هيڪڙي.

(۱۴۹)

وَڃِي رس وڃڻ ڪي، وڃڻ پڻ وڃاءِ
لوڪان پاڻ لڪاءِ، لِڪان پڻ لڪيج تون.

(۱۵۰)

لوڪان لڪي سي ڪو، پر لِڪان لڪي ڪونہ
اٿي ويٺي اون، ان اُلٽي ڳالَهہ جي.

(۱۵۱)

اڪ الٽي ڏار، وَڏن الٽو عام سين
لوڪ لهوارو لَڏيو، تون آچو وڏن اوڀار

منجهان نيچ نهار، وڙن پنيرو پر ڏي.

(١٥٢)

نندنيان نفعو ناهي ڪو، وڏي وساري
مجوسي ماري، اڪبر ڏي اچيج تون.

(١٥٣)

اصغر ڏي آهين گهٽا، تون اڪبر ڏي آءُ
متان لوڙو لاهيين مجوسي متا
حيدر جي هٿا، وڙهه ته ويري مارئيين.

(١٥٤)

عين شرڪ ايءُ، جيئن بي شرڪ پانئين پاڻ کي
هڏهن ڪونهي هيءَ، تون هونهين آسارا ”آءُ“ چوين.

(١٥٥)

ڪڏهن تان ڪونہ پيو، ”آءُ“ سين ان پار
”اِن الله وِتۡرُوِيُحِبّ الوتر“ ، نيئي پيائي بار
هيڪڙائي وٽ هارِ، هنجهون جي هوڻ جون.

(١٥٦)

احدان اڳي جا هئي، سا سونهاري صفت
آهي اشارت، پر سِڏن کي ٿي سُٿري.

(١٥٧)

صفت سنگ احد سين، احد صفت ري ناهہ
”آءُ“ ۽ ”آئين“ ، ٻيئي ”ٻيائي“ ٿيا.

(١٥٨)

ان کي اِيئن جڳاءِ، توکي اِيئن نہ چوڻو

اُتي آهہ الله، آهين بُڻ جنهين جي ڏُن جو.

(١٥٩)

رڱون ٿيو رباب، وڄن ويل سپ ڪنهين
ڪَرهو ٿيو ڪباب، تہ گهاٽو گُهمي پاٽهين.

(١٦٠)

جا سُتيءَ ڪي ساڃاهہ، سا جاڳنديءَ نہ ٿئي
تِنهائين مون ماءُ، نيڻ هيرايا ننڊ سان.

(١٦١)

جاڳيين ڏڪجاڙئان، سمهڻ ناهي سور
ننڊ مڙيئي نور، جنهن ۾ پسڻ پرين جو.

(١٦٢)

ٻِجُهہ ٿي ٻوليم ڳُجهہ ڪان، اندر ۾ ارواح
ساهہ نہ سلتي سا ڳالهڙي، واتان چيم نہ واء
آتش جو اُهاءُ، جهليان تان جهليو نہ ٿئي.

(١٦٣)

آءُ ڳجهہ پرين جو، پرين منهنجو ڳجهہ
هنيڙا اجهہ مَ ٻجهہ، پرينِيَائين پرين ٿيا.

(١٦٤)

تو تات جَن جي، تَنهين تنهنجي تات
"فاذڪروني اذڪُرڪم" اها پروڙج بات
هت ڪاتي ڳڙ وات، ايءُ پڇڻ پِر پرينِ جي.

(١٦٥)

سچاپي نہ صورت ري، تنهن جي صورت هڏ مَ سوجِهہ
وجائي وجود ڪي، ٿيء ٻاراٽي ٻوجهہ

آوَنتڙ وجي اوجهه، تہ تياڻين کو تَڙُ لهين.

(١٦٦)

سوجهيندي صورت کي، ڪِي نہ سُجاتو ڪُلَ
حسابان هٽي ويا آهن سي اَمُلَ
اِها آهي تُلَ، تازي کي طبيل ۾.

(١٦٧)

سوجهيندي صورت کي، ڪُل سجاتو ڪِينَ
جانب منهنجا جِين، محرم ٿي مري ويا.

(١٦٨)

محرم ٿي مري ويا، ماهر ٿي نہ مئا
چِڙي جيءَ چهنج هٽي، لَڏيائون لِئا
حباب ئي هئا، انهيءَ وادي وچ ۾.

(١٦٩)

ازل اوري آءُ تون، چيڏيم "پاڻ" پچار
شرڪ ساڻ ستار، گهاريم گهٽا ڏينهڙا.

(١٧٠)

اڄ اباڻي پار ڏي، تيون ڪونجان جيئن ڪَرڪَن
ڪامل تنهن قريب لئي، جيڪي ٿا ڪَرَ ڪَنِ
ماڻ اچي ڪر ڪن، منهنجي سي منهنجا پرين.

(١٧١)

آيم اڄ اُتان، پانڌيئڙا پير پري
آءُ گهوري ان تان، اُتو جن آيا پرين.

(١٧٢)

ساجن ساٿي ساهہ جا، پاڻ آيا پيهي

تن پورهيت جي پيهي، اڏي پاڻ اچڻ سان.

(١٧٣)

ڪوني پر ڪوني، چيائون هير متان اچين
اڄ تنهين ڪوني، سڪون لاٿم ساهہ جون.

(١٧٤)

وَنيين منجهہ وصال جي، ڪاڪا ڪاني پاءِ
دو بيني دور ڪري، معرفت ملهاءِ
سپيريان جي سونهن ۾، رخنو ڪو مَ رهاءِ
اڪ آشهد چاءِ، تہ مسلماني ماڻئين.

(١٧٥)

هر هر هٿ مَ لاءِ، هيءُ ڳنڍ ري ڇهندڙي نہ ڇُڙي
حاتم هزارين وٺا هَٿي هٺي ڪندا هاءِ
ان وَر متان ماءُ، ڪوڙين پُليون ڪيتريون.

(١٧٦)

سڄي ڇوڙڻ سُتري، جي اڪولين اڌ ڳنڍ
تہ ڪِڙو لاهين ڪَنڍِ، سپيريان جي سيرَ ڪي.

(١٧٧)

محبت سندو من ۾، پُر پيالو جن
پين پرچا ناهہ ڪو، ڪنهن جي ڏانءِ ڏنين
جنهن نهايت ناهہ ڪا، تنهن سُڃا سُڃ وڃن
تيلانهن اڄ مرن، سدا سائر سير ۾.

(١٧٨)

سدا سائرِ سير ۾، اندر لهي نہ اڄ
پسڻ جو پرين جو، سو سپوئي سنج

تيلانهن لهي نہ اچ، سدا سائرِ سير ۾.

(١٧٩)

سُجَڻ سُجَ سُهاءِ، سُجان وڃن سنجَ ڏي
سُحيَڻ سُج منجها، سوجهي لڌا سپرين.

(١٨٠)

حوصلو حيرت ۾ وڃي لڄاڻو
ويچارو ڪاٺو، جو ڏسي ڪين ڏسڻ ڪي.

(١٨١)

حوصلو حيرت ۾، آهي نہ مٿي عام
محبت سندي مام، سا ڪُور پروڙي ڪينْ ڪي.

(١٨٢)

وسريين نہ وَس، ڪنهين قول قريب تون
بنان الائڻ آنهنجي ڪانہ اچي ٻي ڪَس
پَهس وَٽِي ڪيوَ پانهنجو، روح ربهي هي رس
سا ڪا ڏاهپ ڏس، جنهن سين جُسو جاءِ ٿيي.

(١٨٣)

پَليُون جان پَليانس، تان پلڪ پِريان ري نہ رهي
جهليو جهيڙيو جندڙو، آراسيو آٿيانس
جنهن جهوري ڪان جهليانس، تنهن جهجون
جهوري تي پَوي.

(١٨٤)

اڻ تڻ اور عجيب جي، هڪ جهجڻ ٻي جهوري
چشمن جي چوري، ڪنهن ڪان سڪيين سپرين.

(١٨٥)

چوريون چشمن ساڻ، ٿو وڏو ڪسب قابل تون ڪرين
هڪڙا عين تنهنجا آب پريا، پيو آهين سخي پاڻ سُڄاڻ
حاضر تُنهنجي هٿ ۾ سندو محبت ماڻ
تڏهن ڪسيو دل ڪنيو وڃين، هَٿيو ڀهڳڻ ڀاڻ
هن مُنهينجي حال جو، آهي ڇم لانڪون تو ڇاڻ
پرين پاڻ سڃاڻ، مار مَ مشتاقن ڪي.

(١٨٦)

لُڙڪ نہ لکڻ ڏين، ڪريو پوَن قلم تي
وسيو ولي داد چوي، پنا پُسائين
اهڙا ئي آهين، آلا ڦت فراق جا.

(١٨٧)

ڦري وڃن فراق، مون ڪي پرين پرچائيو
اڳي چڪيا تي چاڪ، سي پري گڏجي پورا ڪيا.

(١٨٨)

گوهر ڪٿي گهورِ، موتي ڇڏ مڪان تي
سو ڪو ڏاهو ڏور، جو سوپاري سچي ڪري.

(١٨٩)

گوهر ڪنان گسر، پڇيج پار پريت جو
موتي ماڻڪ ڏس مڪان تي، ڪج ويلهہ سُوبلان وس
دوسان دَر دوس محمد چوي، سوڏو وج سرس

پاڻ وڃائي پس، ته سوپاري سڄي ٿيي.

(١٩٠)

چور ايو اِيئن چوءِ، ته آءٌ اهوئي آهيان
توڙي اُسي اکين هوءِ، ته پہ لَهي کونہ لِکي کي.

(١٩١)

جي مشتاق مئي جا، سي موران نہ موٽن
نَفيان نابود ٿيو، اثباتان اچن
جي ٿي کات کلالن کڍيا، ته هي پتنگ جيئن پَوَن
کنهن جيئن چال چلن، آڳٽيا اچل تي.

(١٩٢)

اج پڻ آڳٽيا، سوڏا سراٽي
پياريندا پاٽِي، سيروهين کي سون جو.

(١٩٣)

جن جون توڙائي تکيون، سي سهن کين سراڻ
اڳي ان دکان، کٽ چڙهي ٿي کين کي.

(١٩٤)

موکِي مَنڌ پري، شيشا رک شراب جا
سا هَن سر سنباهيا، سرکي کاڻ سَري
ڏُهرا ڏُنگ دوس محمد چوي، قاتل آڻ کري
ايندا تو ڳري، سسيون ڏيندا ست ڀر.

(١٩٥)

موکي پري منڌ، شيشا رک شراب جا
ساهُن سرو ساريو، پُريا مٿي پنڌ

اچي ڏينديئي آڳڙيا، ڪُلهان ڪوري ڪنڌ
ميخاني خان مِلَنڊ، ايندءَ اڄ اگهڻ ۾.

(١٩٦)

جي سي اگهڻ آئيا، تہ سرو ڪنڌئي سُڄ
اهڙي تيندَيس اِڄ، چوندا: هي پيتو پيو آڻ ڪِي.

(١٩٧)

ڪُوڪيءُ ڪوهہ نہ ڪلال، جڏهن ڏنئي سَپُ
سراهہ ۾
پچين مت پورا ڪري، هٿ پہ چيندي هار
تہ دانهہ تو دربار، اگهورِي تي آئِيا.

# سينگار

(١)

جيين گام گلال، ساجن ڪٽي سبيل مان
تڏهن هاٿي هنجهه حيران ٿيا، دم تنهين در خال
اَئنگي ڪان عجيب جو آهه قابو ڪر ڪمال
لُنّون لُنون سينڌ صفا گهٽو، لب لاليءَ ڪان لال
آهو ادب ان جي پيو ڪُرمشن منجهه ڪنگال
رَهه، ڪئچن، ماهه، ڪنگورون، وَڏ جانب سر جمال
اَهه ڪارا، عودي تُڳي، تہ ڪا موءِ مثال
قد قامت ڪنيها پرين صنوبر ڪان سال
تن جي نام نهال، ڪئو هئيُ سرِ سليمان چوي.

(٢)

هو جو پيتمَ سرِ پَڳهارَ، تنهنَ ياقودن ڪي ياف ڪيو
نڪري رخسارن تي احمر ٿيا اظهار
آءُ جوين جا جوهري تون نرتئون ڪر نهار
طرح تماشو تان ڏس ويهي تون وينجهار
تان هڪ اڳي ساجن سان سينگار، پي وڏي جوت
جڙاوَ ڪي.

(٣)

ڏُلڪ چلن جنهن ڊار، تنهن هٽي هاٿي هنجهه
حيران ڪيا
ڪڏهن ڪنڌ ڪلهن ڪان وِسيهرَ جهڙس وار
لَئسي تنهن جي لڪ تانَ صدقو ٿيا سؤ بار

پرون تَنهن جا پوئنر جان، اکيون مينگهه ملار
جينئن سورج صبوح جو نکري، اُيري ٿئي اظهار
تينئن پيءُ ڏنو سي پانهنجو، هينئن ثابت
سان سينگار
اِنهينئي سَچي سِڪَ سچارَ، ڪئو خوش من خوب
**خضر** چئي.

(۴)

جينئن سي ابر بهار، تينئن ڪنول ڪيس قريب جا
سي آليهر وانگڻ اُلٽيا، پـرِ بدن ڏريا ڏار
سرو ڪنان سوڌا پرين، مُنهن موتيان موچار
چڏي هنجهه لوڏ لڪي ويا، گنير جي گفتار
ٻڏي ٻولي باجهه پرين جي، ڪووِل ڪي نہ ڪوڪار
چڏي سج صفائي ويو گڏجي منجهه غبار
آهنِ چَئن چڪور جان تنهن پيءَ پپيهل پار
عـارف جي اچڻ جا آگم ٿيا اظهار
اُهو ساجن ۾ سنسار، منهنجو جانب وڏ
**جلال** چئي.

(۵)

ڪَونر ڪرائيين ڪانه، پيرين رونق پرَ جي
خوبِي طَير خُروس جان، چا پگ برابر پـَا
آرتي آبي عودگر، اگن نہ اهڙي آهه
سيڪر سَهميو ساهه ۾، شير سَنگيو شرما
مَنچُون مين مشاهدي چيهَل ايندو چا
چترِڪَ چَيَنَ چريا ڪِئا، ڪوئل ڪيل ڪُماهه

پيو کو رنگ روا، اڳيان جانب روءِ **جلال** چئي.

(٦)

وتافر وَرُون، اسد چينَ عجيب جي
وَتَنِ کنجل لوڏ قريب جان، منذر مُک سندونِ
آڌر اَبظر عدُگر، آهو عين ڏسونَ
ڏچَ دامني، مينِ دَهانيان، پَپيهہ پکار سٹون
هي جو ساهہ سندون، سو نيائون غمزي ساڻ
**غلام** چوي.

(٧)

تهر روپ تَرنگ، آهن کنول کيس قريب جا
سهہ ڳچي، قد سرو، کَؤنتَر ترنيف نسنگ
فوڳر فوڳ فرانهہ جا، مزگان کيس خَتنگ
لَک لَئسي، اهَر کپور، پران پَونر پَوَنگ
تن سُسايا سارنگ، هن جو جلو وڏ **جلال** چوي.

(٨)

دَڏست آوت ڏنَکَ دکَاوي، پوَنُ پذارَ اُتنگ
آکم انبر چمکي بجلي گرج گرج گُن گنگ
بَرسن بنَي جون بَن چَلي مئنگل، سارنگ سُجان
سُمُنگهہ
اُونگهہ اُڙت پُونگر پُونگ، گيند رَهي جَل سنگ
کَرم قَوِيسر کَهہ تان خالو روپ کليا سپ رنگ
چاهہ چتر چر چنگ، پَپيئا پکارن پيءَ کي.

(٩)

چيهان چَکَتِس پير، کونر کَرانيان کيلَهي

بئنسر پاتي بامني، هاجي خاطر هير
وتي واسينگن جان سُرهاڪيو سير
سَنگي سورج اپريو منجهہ مُلحظي مير
تہ هيءَ ڪامڻ آهي ڪير، اِنءَ پريون پڇن
ٿيون پاڻ ۾.

(١٠)

چِپَ چِينهون، مُنڌ ماهہَ مُک، پَونگ اَليهر پَت
تَنهن جي ديهيءَ ورن وتَاهرو، اَرنَ انَارل ڏت
طرح طاؤسان ڪامٽي، چَلَي تہ گَنير گت
هينئڙي آروآت، ڏانهن آهہِ ڏسڻ جو.

(١١)

مَندَهَر مُکِي، گَجَر پَکُونديِ، گَردرِ گهرائي
لڳي نہ تنهن جي لوڏ سين، ڪا وَسُونو ويجهائي
ڪيس ڪَتُوهَر ڪامٽي پُونَهن پَسَرُائي
ڪوول اڇهي ڪانہ ڪا سٽي سا وائي
هندوو حيران ٿيو ڏسي (لبن) لالائي
ڏهہ پاگان ڏوڏر ڪان سنان سوائي
سيڪارِين **سعيد** چئي، سَرِيَهَہَ سٽائي
آهين اهڙائي، پسڻ پار پرين جا.

(١٢)

حَلقَ هَنجَهرَ، مُکُ ماهہُ، آهو عين عجيب جا
وَسازي ڪان وتري اَرنائي اڏرا
ڏؤنرَ دَهَر ڏونرا، چِاَ ڪندا پُرِپَ پٽاندر پيءِ جي.

(١٣)

گوري گَنَون ڪامٺي، نَهَرو چِيني چِين
هوٺَ هندوي، سهه گِچِي، بَجَن سِيٽَ سَبِين
ڪامڻ ڪَوِيلَ ڪپول ڦر، دونو ڏَچن دچِين
ابرو پَونر سِياَهه ڪج، طرح تليهر تِين
خنجن نئن خضر چئي، مرگهه مات ڪئا مِين
سٽي سخن سيٺاتِ جو، ڪُچي ڪوول ڪَين
چِا ماڪي چِا مصري، اِنهان ميٺ مَنجهين
جي اهڙي حسن حسين، تنهن سان ماهه مشابهت
ناهه ڪا.

(١٤)

ڪنجل قيصر ڪنبئا، تنيا طاؤس ترڪ
نيٽن ڪان نواز چئي، چڏيو مرگهه مرڪ
آفتاب عرق، ڪئو محسن منهن محبوب جي.

(١٥)

جمون جينئن چاتيان، نيڪ نوازي جيهڙا
دل اندر ڏينڻ چوي، جواهري جاران
وحدت ايءَ واتانِ، جينئن ڪرهه سڪيائي
ڪَانه ڪا.

(١٦)

تنهن منا لب محبوب جا، منا پرين مون پاڻ
منا روپ پريا رخسار ان جا، گِٽن پريا ڳالهاڻ
منا نئن نجيب جا، مني ريجهه رهاڻ
تنهن مني ساجن ساڻ، منهنجا منا پيچ پريت جا.

(١٧)

تـَرنـگ تـلـيـهـر تـيـُن نـہ، نَئنَ ڪُنجا تو ڪامـٺي
سـرو ڪـنا سـوڏا، پـريـن حـورن ڪان بہ حسيـن
ڳالـهـائـيـن لِسان سـان، تـڏهـن ڪچي ڪوول ڪين
تنهن جي سونـهـن سـپيـهـل جَهـپـئو، بدل بنائي بِين
ايءَ سُـنـي سـاڪ سـَنـدِيـن، ٿـيـو خـوش مـن خـوب
**خضر** چئي.

(١٨)

تـَرنـگ تـلـيـهـر تـنـهـنـجا، مـرگـهـہ اڪـيـون مُک مـاهـ
يـاقـــوتـي لالـي لـبـيـن، ڏوڏر ڏنـد صـفـا
اُلـدِهَ انـگ عـجـيـب جـا، پِـسَـونـــر پِرُون بـَنـسـا
سَـَروَڪَـنان سـوڏا پـريـن، ڪـونـتـر نـيـف نـَمـيَا
سهـہ ڳچي، ڪـٺـَ ڪَيسـِري، چيـهـي چرن چمـيـا
هـنـجـهـہ گـنـيـر حـبيـب جـي، پـَسي لـوڏ لڄئا
تـنـهـن جي سـٽي وائي سقري ڪي ڪوول ڪوڪ
نہ ڪا
مـاڪـئـان مـصرئـان مـنـي گـهـٽـو، صحـبـت سـرس سوا
شـان سـخـاوت اگـرا، دوسـو دل دريـا
تـن جي ديـهـيءَ ڏمَ چـَپائـي، شـمـس قـمـر شـَرميا
نـواڙو نـرمـل ڪـي پـرهـہ ڪـري پـُوڄـَا
جنـهـن جا پيا ٿي پِرِلا، تـنـهن پاتـا پيـچ پِران ڪي.

(١٩)

سـونـهـنَ سـخـاوتَ شـانُ، سـَـپ ڳُڻَ لائـقُ سـپـريـن
چيـهـان چرن چنگان گـهـٽـو، پـاريـور پـگـپ پـان

سچڻ سوڙا سروَ ڪان، ڪيهرَ ڪَٽَ ڪَسلاَن
ڪنجل هنجهه ڪنبي ويا، چالَ برابر چانَ نه
ديهيَ ڏمرَ چپائي، شمس قمر شَمڌاَنَ
ڪمر ڪئنچن اگن عجيب اڳئون مات ٿيا مرجان
اُلڌَه انگ عجيب عجائب اڳرا، ريشم ڪرمچ
ڪل قَرباَن
وَڏ ڪيلان ڪَرَ ڪرايون، ڏٺا دست دَيا جي دان
قاَبو قائم ڪَرُ قريب جو، ويا ائنگي جا اوسان
ڪوول ڪونج ڪچي نَهين، لفظ نه ڪَهن لسان
لبن لالي لعل ڪان، چا رونق رنگ رومان
هيرا حيرت ۾ وڏا، ڏوڏر دَچن دهان
دوس منا **دوس محمد** چوي، تلخ تنهين وٺ تانَ
سالڪَ سالَ سَيين پَرين، صورت سرت سُجان
رُوءِ رَمز پسي رخسارن جي ٿيا هِندُوا هنڌَ حيران
چيهون چپ چريا ڪئا، پَونر پِرُنَ بَيران
ڪَنؤتر نيف نمايا، اليهر ۾ ارمان
ساجن جي سينگار جا بي حد باب بيان
ڪامت تنهن جي ڪانه، جنس جڙي بي جوڙ ڪا.

(٢٠)

ترنگهن تليهرَ، ابرن پؤنر عرق ڪيا
آهي نيف عجيب جو، ڪنا ڪيل ڪَٿر
نئنن مرگهه نمائيا، فوڳان وڏ فوڳر
لبن لالي لال ڪان، اَرنا اَت اڏر
ديکي دند دهان ۾ ڏري پيا ڏوڏر

ڪوول وائي ڪم ڪي ابهي حبي أنچر
ماڪئان مصرئان منا گهٽو، سهان ڳاٽر سَڪر
ڪيلان ڪرَ ڪرائيون، دست چڱا دلبر
پسي انگشتيون عجيب جون، جَهپئا سپ جهنوَر
تنهن جي ديهيءَ ڏمَر چپائي، عرشن منجهہ اُبَر
ڪَيسر ڪَتَ ڪنَبائيو، گَئي گَت گَنيرَ
چرن چڱان وڏ چوڙ ڪان، پگ ڪَان پارَيور
تنهن جوت ڏسي جانب جي، اچي نايو ڪنڌ قمرَ
صورت سپيرين جي ٿي آفتابان اَجگر
سي ديک سڄڻ دوس **محمد** چوي، سان آهن
گڏ اندر
نا ئي نيڻ نهار تون، پئا چو ڏُوئين در
رک سو نافع منجهہ نظر، تہ منجهان تو معلوم ٿئي.

(٢١)

سپ ڪنهن ويل سڄڻ جو خاصو خوب خيال
شان سخاوت اگهرا، قائم زور ڪمال
صورت سرت شبيهہ ۾ ڪونهين ماهہ مثال
دَرسن ۾ دوس **محمد** چوي، جانب وڏ جمال
تنهن سان لڳي لالي ڪانہ ڪا، سو لالون ئي لال
تنهن نظر ساڻ نهال، منهنجو من مهتاب ڪيو.

(٢٢)

سپ ڪنهن ويل سڄڻ جو، اوچو ني اَغماز
قمر شمس قريب ڪي، نيو ڪن نياز
يجي پري ٿي بامٽي، ڏسي درسن دور دراز

ڪُنجل ڪَيسر ڪنبئا، ڪن لوڏان ڪٽ لحاظ
تَرڪِ تلبيهر پوَنرپرن ڪئا، اهي سَپ ترنگن
آهہ تواض
ڪُرنگ ڪنئوتر ڪم پئا، ھن جو حوران وَڏ حجاز
ساجن جي سينگار جو، ڪنهن ڪن ڪونہ قواز
اڳيان دلبر **دوس محمد** چوي، اهي سپ رنگ رواز
تنهن ڏسي مُک محبوب جو، ٿيو منهنجي من مجاز
دل سُوڙهي ويا دم ۾، جينئن سو بحري باز
تڏهن حرف وچو گڏ "هوءِ" سين، ساهہ سَنبهي
ٿيو ساز
تونهي تون هي تن مان آيو، ايُ آواز
ٿيو روح تنهين سين راز، جنهن پاتا پيچ پِرانَ ڪي.

(٢٣)

سپ ڪنهن ويل سجڻ جي، جوت ڪري جُلبا
لالي تنهين لال سين ڪانہ اچي ٻي ڪا
صورت سونُ جَهڪايو محبوبن جي ماهہ
سپيريان جي سونهن ڪي سورج ڪن ثناهہ
سي منهنجا دلبر **دوس محمد** چوي، آهن برق
ڪنان بي باهہ
روح اچي ريلو ڪيو تنهن ڏي عشق منجهان ارواح
سوشافي شفاعت اڳرو، ميرمحمد شاهہ
(صلي الله عليہ وسلم)
تنهن نافع جي نگاهہ، منهنجو من مهتاب ڪِئو.

(٢٤)

ڪنجل ڪَيسر ڪَنبئا، چال چريا ڪئا چين
ديهيءَ ڏمَ چپائي، ماهه مشابت مين
مرگهه مٿ محبوب سان، ڪوول ڪونج ڪَبي نہ
سي دوس منا **دوس محمد** چوي، سالڪ سرت سنگين
هلي ڏس حسين، جينئن شمع ٻري شَمِدان ۾ .

(٢٥)

ڪَرَنَ موٺ، ڪَويل ڦَر، سر سالُون سوسن
جب گوري گهناَ ـري، گهري پاس گَگهنَ
ڏنو ڪيس **ڪٽي** چوي، ايءُ جورو جوين
ميان منهنجي من، ڪئا نينهن تنهين جي نجهرا.

(٢٦)

جب ڳوري ڳهنا ڪري، نئُون ست نرمل نار
اٿ رکي اغماز سين، چگّان چئنچل چار
مهندان محبوبن جي اهي چَلتَ آهن چہ ڪار؟
اُڏنتَ اولي سي پئا، پُري پريان ڪون پار
ڦول ڦڪا ڪئا سجٽين، ڦلَ ڦاتي تئا ڦار
اهي سِپ نَظَر ساڻ نڪار، ڪئا ڪامل **ڪبيرشاهه** چوي.

(٢٧)

جب ڳوري ڳهنا، ڪري سيلا سر سنگين
ڪيل برق قربان ڪئا، متان بئنسر يِنَ
ڪَنئچن بَيضا ڪم تيا، ديکي جُلِبُ جبين

سيسَ سُسيهرَ سُسئا، پئا مرگهہ ملحظي مِن
داَ دَرُ دُوبَيَنَ پلايُون، سنگ صدقي تان چين
ڏاران عشق نہ ڏار، تا بَولي بولن بي نہَ
اهڙا محب مَهين، منهنجا قابل **ڪبيرشاهہ** چوي.

(٢٨)

جب ڳوري ڳهنا ڪري، سالون سر سامان
تنهن کي ڏهہ ڏون ڏسجن ڏينهن ۾ نو ست نال نشان
چَلتَ چال چريا ڪئا، اُڏنتَ ۾ ارمان
قُلَ قُل قورَّ قتي ڪِي، روۂ پسي رويان
تنهن جي قد برابر ڪانہ، يقنانْ **يوسف** چوي.

(٢٩)

جب ڳوري ڳهنا ڪري، زيور ذاتيون ذات
ويس وڳا واسينگ ڪئا، بادل ۾ برسات
جهينگن جهالارن ۾، چَمَ چپي ڪي چات
مون کي طلب تنهين جي تاتَ، آهہ يقينان
**يوسف** چوي.

(٣٠)

جب گوري گهنا ڪري، ربزا پرهي راس
ڪُنجلَ هنجهہ ڪنبي وئا، تهل پسي توراس
پِرون تنهن پونؤراهہ بان سونهن خوب سنداس
منهنجو خيال **ڪٽي** چوي، پيو تنهين جي پاس
تنهن پابوهي پاتاس، پسو پيچ پران کي.

(٣١)

جب ڳوري ڳهنا ڪري، ڪارهن پنج پرهاڻ

چرنن طير چَريا ڪيا، پس وتن پرواز
آهو مين مشاهديَ، ڪن طاؤس تواز
تَرنگهن طرح تپاسيَ، ڪن نَيُون نانگ نياز
سرَوَ صنوبر سر زمَين ڪَمر ڪَنچن اور آواز
جا اهڙي دور دراز، تنهنَ جياريو جيءُ جلال چوي.

(٣۴)

تليهر تَرنگ، بيني جهاڙي جهاڙ پر
تنهين جو ورنُ وساڙان اڳرو، اُلبَه جهڙس انگ
ڪُنگو ڪونَر ڪرائيون، پَرُون يونر پونگ
قئصر لڪي ڪامٽي، تنهن ڪيا نيچا نيڻ ڪُرنگ
تنهن جو جلبو جوين روپ چڻ ماهه ڪڙيو سر گَنگَ
سيٽان سليمان چئي، سُسايا سارَنگ
جڏهن پينا منجهه مَهَنگ، تڏهن وچون وسڻ آئيون.

(٣۵)

ٿانگهر ڍَڍَنُ، پارڏي، لاسَ تَتيفنُ تان
ڪَنيلُ ڪنجل، آرنِ، اَوڏُ ڍڳ پاسِري ڪَنن.

(٣٦)

آهُو جتي آهِ، ماري يي تنهن ماڳ تي
سپ سُري پر مور جي، اها س رس سوا
هاٿي شرطون شير سان، لوڏئون ڪي نه لڪاءِ
سج ڪناري جهڙ جيَ بَيٺو پاڻ پساءِ
اهي نس دن دائم دوس سَيڻن، رسئا رنگ رِجاءِ
جُنگ سَيئي هڪ جاءِ، هئا جانب سان
جلال چئي.

(٣٧)

تَرَنگ تليهر طرحان، ڪڪر ڪيس قريب جا
مَستَڪَ ماهہ مِڙُو مان ڏيکيو، ان جو پال پلو ڪؤن پان
ابرو عين عجيب جا، قوسن حاجت ڪانہ
چِمر چيهل، ناس ڪَڪيلي، هَنڊِوي هوٺ رِدان
مرواري ماڌُو ٿيا، ڏَسي ڏهر سنڌان
دَهن ميم ملان چوي، صاحب سرت سجان
اَحمَرَ اَناوَرَ اگِرا، ڪنگوءَ ڪر ڪران
سَوَ ڪيوَر ڪُلَ ڪَڪَرَ، ڏيهہ تَنگوُ تَجلان
ڏني ڪين خوشال چوي، صورت سا سبحان
تان چيهون چرن چنگان، سَرنِي سپ سُڪي ويا.

(٣٨)

پَڳَ پاريوَر پَدَمِني، دَڄ دامَني ڏوَراس
تت تَرِسي طاؤس سي گرهنِ ڳالهہ ڳراسِ
اوڳِ اَليهر اوفَ سَرَ، مُک مَرَوَرَ موچاراس
اچي ٿو نہ عجيب جي رنگ رُبا روءِ راس
پَريون نہ پاراس، سيئي سائيناداد چوي.

(٣٩)

پڳ پاريور پدمني، حورن حال هَلي
رنگ رُبا جو روءِ سان ڪئو مانو مُنڌ مَلي
اوجر ساٺ عجيب جي چَرن ڪانہ چلي
سو مليس پال پَلي، ڪنهن سبب سائيناداد چوي.

(٤٠)

چار چَلنت چار اَڏنت، چار قُول قَل چار

اهـڙي سورنهـن ئـي سـيـنگار، ابرن پـي اٿ چار.

(۴۱)

مـرگهـ جو ماٿـي نـئـن هي، ڪـَٽ چيتي بـن راڄ
گنڌت وانـڪو طـُريءَ ڪـو، ڊِرگهـ چالـي گـجراڄ.

(۴۲)

ناس ڪـيل ڪـپـول هـيـن، ڪـِـنـَٽ ڳـلي سـر مـور
تـريـهـر چيـهـا ڪـي شـام هـيـن، جيئن چـَنپاتي پور.

(۴۳)

اڌر ڪـپـور گـلاب هـين، ڪـيس سوسـن ڪـي ديد
قـئـصـر روپ مـنـد ڪـنول سـاجـن وصـلـي.

(۴۴)

ڪـر ڪـيـلـي دَڇـن انـار هـيـن، اري سـوپـاري تـان
اِس ٿـَن ڪـامـن نـاريـل هـيـن، انـگـيـا سـوپـيـا ماهـ.

(۴۵)

لـبـن لالـي لال ڪـي ڪـا جـا سـرخـي سـجـٽـيـن
پـَسـنـدي اَڌر پـري جـا، تـيـڙو غـم گـلال
ٻيا آهـن ڪـنول نئن قريب جا، جي ڏسڻ صورت حال
سـي ويـنـا نـوازيـن نـظـر سـيـن، مـهـر پـريـا متوال
جن جي لـئي ڳالهاڻ ڳـلـنِ ۾ ٿي سهسين ڪيم سوال
سي اڄ مـُرِڪـيـا محبت مـهـر مـنـجـهـون، خوش ٿي
خوب خيال
تڏهـن اُتم ٻـُنـڌ عـجيب پـريـن! هـن هنيڙي حال حوال
مـٿي قـرب ڪـنـگـال، ڪـر ڪـو ڪبيرشاهـ چوي

(۴٦)

بوکن کنئچن قسم کي، ست نئني پتلي نار
کنث سوار بئني رپ بن چوڏي بازار
سياهي سرخي سپ رنگ قد کامڻ کي کار
چوها چندن ميندي سينڌر سينڌ سنوار
سنت کِي سچ بوليي، هي ابر يي اٿ چار.

# سر سارنگ

(۱)

سَرِسُ سدا سارنگ جان، ڪندِين ڪَنؤنر ڪِيَاسِ
عشق پيچ اَٽڻ تي، ڪٽڻهار ڪڙياسِ
گڏي ڪامڻ ڪانَڌ ڪي، قئصريا ڪَڍياس
حلقو هاري هڪيءَ تي، بئنسر جيئن بَنياس
برسي بوند بَلوچ چئي، پرون تت پنياس
واڙي وَچ وڏياس، ڪَچول ڪَئونر پُسائيا.

(۲)

لوڏي لاڏ پريون، بئي ڪنيائين پانهٽيون
قادو چوي ڪامڻ جون اکيون آب پريون
پسي آوش ان جا وچون ات وريون
پاسڻ منجهه پريون، اچن عرض ڪَهنديون.

(۳)

اڄ اباٽي پار ڏي، ڪيا وڄن وسڻ جا ويس
جَهڳِ مَڳِ جهڙَ جهانگِنِ تي، ڪڪرَ ڪارا ڪيسَ
اُنا پوڄَ پٽنِ تي، ناَپون ڪوڙي نيس
وسيا در در ديس، چوڏس چلهڙ چڪ تي.

(۴)

سرس سدا سارنگ کي، ڏني ڏاتر ڏات
سرسيون ڪيائين سنڌ سين، وسيو سڀ ولات
چپر چانئين هليو، ڪِيائين ڪاهه قلات
درد گيا دوس محمد چوي، بادل کي برسات

کوهَرَ کيرَ کتن سان، پلتي پيا پرِيات
ديسيين ڏاجُ گهٽو ٿيو، طعام لٿي سڀ تات
کي رحمي رب ربات، ڏٺي درماندن تي.

(٥)

سرس سدا سارنگ جا، گل ڦل جايون جام
سَتَبَرگُ، چَمُپَا، کيوڙِو، کيتَکِي، داوودي
دل دام
اَرجُنَ بار، گلابَ، کَرِنَا، سيوَتي، ٿا سورج
کن سلام
بيل، چنبيلي، سَر کَندي، زرد اُپَمَان عام
دو پَهرَي، دل پيچ هئا، تنهن سان تُکما طرح تمام
انهي باغ بَنِيين ۾ برهه سين، هک هئي کامڻ
آهُوگام
تنهن نُوننِي نامُرَ تي نيک کئي، مَتي
مُک مدام
سا کِنوڻ جان کهنبا کريو، ٿي لڏي ليمي لام.
مليس چمن ۾، جنهن هئي چوليندي جامَ
تنڌهن دست بُتِي ڏي پيالو پِر کَي، ايين گڏيا
گڏ ادام
تتهين کوول کبيرشاهه چوي، تِي بولي بولي مامَ
ان تان وسي بادل بام، بوند پچاين کپڙا.

(٦)

سرس سدا سارنگ جا، بنيا بَرنَ بهار
تنهن منجهه پِيءَ تَنبو هتا روءِ چگُي رنگدار

سبز رنگ سندن هنُئو ياقودي جنسار
ماڻڪ موتي مڙهيا، تنهن ۾ جڙيا جال جوهار
صاحب سائين سيج بندن تي وينا مڙني ڪان موچار
بيبا گل بره جا، اڳيان چمن اپار
هئا پاڻ هڳاوَ ۾ ايڏي سان اختيار
اڳيان پٿريا ان جي غاليچا گلزار
هلڻ وير حبيب سين، ڪي ڪڪرن پٺ قطار
محب مُنهين جا مون پرين، مليا منجهه مَلار
موتيا پيءُ مڪان ڏي، هئا درسن ۾ ديدار
شمس تارا شَبَڪَ ۾، ساڻ هئا سردار
وجي نوبت نينهن جي مهندان محب مَٽيارَ
تنهن دَرازي دوس محمد چوي، ڏوڏوڪي ڏڏڪار
وڄن ويس وڏا ڪئا چٽرائي چوتار
پَاسي هليون پيءُ جي هنڌون ماڳ هزار
تنهن ڪِڙي چَندُر خلق ۾، چمڪي پيو چوڌار
حورون حيرت ۾ ٿيون، پسي ساڄن جا سينگار
تنتهين ٿيو عشق آتيم ڪي، تنهن ڪوول ڪي ڪوڪار
اُنِ تان وسي بادل جي بامار، بوند پجاين ڪپڙا.

(٧)

سارنگ ساري ساهه ۾، ڪوول ڪي ڪوڪار
بادل پَرجي آئيو، ڪَري ميگهه ملار
ڪڪرن ڪر اُچا ڪِيا، برسڻ ڪاڻ بهار
ڏني دلداري دوسَ محمد چوي، تاڙي جي تنوار

سنگهارن سرهائيون ٿيون، وهسيا وڻ ولهار
ڇڏيو ڏيهہ ڏڪار، وڃي پيو نرڇو نَندُ
نِڪُونجهہ ۾.

(٨)

سارنگ ساري ساھ ۾، ڪوڪاري ڪوڙِل
سٽي سڌ سقيم جا اڇي بحرَ ڪيا بادل
ڪِلي ڪنوٽيون نِڪتيون، ڪيائون ڇوڏس
ڇڪَ ڇلَ
دم تنهين **دوس محمد** چوي، پريا ترايون تَل
ڪئي ايين مينهن اڇل، جيين ڏي سَٿون سانوڻ
سير ۾.

(٩)

سارنگ سَنبَهِي آئيو، ڪري ويس وريام
تنهن ڪي زريون زربفت زيب گهٽي، مُولهيا
ماهوت مدام
قَبا ڪُڙتيون قيمتي، تجلا ڪن تمام
لالون موتي لڪ لپيٽيا، هيرا هُوءِ هَشام
مَرڪَن ماڻڪ مُگُت مٿي ۾، سر سَرِيون سَرجَام
حورون حيرت ۾ ٿيون، چاڻ ڏَسِي وين جَام
تنهن دوس جو **دوس محمد** چوي، آهيان گولو
ڳُڻ غلام
هِتي هُتي سنو هاشمي، سب ڪنهن آهہ امام
چوڏهين طبقين چاڳُلي نامي نشر نام
اڇِي تنهن آرام، ڏنو حامي هردو بشر ڪي.

(١٠)

سارنگ باجي سارنگيون، سارنگ چڙهيو سلطان
ٻنا چمن ڪي ٻين ۾، هاٿون ڏنڪ ڪمان
ٻوند ڪيون فوجان اوپر آيا، گرج ڪيا گمسانَ
آڪم انبر ڇائيا، زمين پر سبز ٻچانَ
ڪَرَمَ ڪويسر ڪهُ تان خالو، هوئيي ديد ڏيانَ
مانگتُ مؤجان مانُ، پَپِيَ پُڪاري پِيَ ڪي.

(١١)

ڏڏ سُتَ آوتَ، ڏَنڪَ دڪاوي، پَوَنُ پَڌارَ اُتنگُ
آڪَم انبر چمڪي بجلي، گرج گرج گُڻ گُنگَ
بَرسَن بَني جوبن چَلي مَئَنگل، سارنگ سجان سَمُنگَ
اُونگَ اُڙتَ يُونگر يُنگَ، گوندَ رَهي جل سَنگ
ڪرم ڪَويسر ڪهُ تان خالو، روپ ڪُليا سپ رنگ
چاهہ چِترَ چِرَ چنگ، پَپِيَ پُڪاري پيّ ڪي.

(١٢)

صبح جو سَڏ ڪيو، ڪي جو ڪوئل چوءِ
جهگِ مگِ جهڙ جهانگين تي برسيو بادل پوءِ
وَسَ جو ويڙهيچن ڏي شل سدا سانوڻ هوءِ
ميان ماروئڙن مان، پوي قيدِ مَ ڪوءِ
پانيان پال سندوءِ، ٿورو ٿرن تيَ گهٽو.

(١٣)

صبح جو سَڏ ڪيو، تِي ڪوئل ڪوڪاري
اُتس قُوت ڪڪر ۾، سارنگ ڪي ساري
مِينهُن مُنداتي من مان ويل نَ وساري

تاڙيِ جِي تنوار تي، ڪِيا ويسَ وِڄُنِ واري
سَرهيون سنگهاريون ٿيون، وٺاڻن واري
مکڻ ماکيون مصريون، ٿيون ارزان اوتاري
صاحب سونهاري، سپيئي ساهَ سُکي ڪيا.

(١۴)

اڄ اباڻي پار ڏي، ڪڪر ٿو ڪري
وسايو واڻن تي، خالق ڪَندَ پَري
پيگهانران پري، شال مَ وڃن سپرين.

(١٥)

وَسُ سارنگ وَسُ، تو وَسيي وَسَ ٿئي
وڻ ٽڻ سڀ ساوا ٿيا، لٿي هينئڙي ڪَسُ
تان ڏين سي ڏسُ، جَن ور متائي پائر ڪيا.

(١٦)

سَرسُ سدا سارنگ جا آٿينِ اوچا آنگ
ڪوِٽين من خوشحال ڪيو، سامَ ڪَڍي سارنگ
ڪجل عين قريب جا، آهن پؤنر پرون ڦُڙ وَنگ
وَه ميان ساڈو رنگ سَارنگ، جو تنُهنجي
ديکئي دک دور ٿئي.

# پورب رامڪلي

(۱)

هَلن وِهَن منجهہ هُوءِ، ٻئيءَ ڏانهن وجن ڪينَڪيِ
”وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ“ اها پيئي
بابُنِ بُوءِ
جان ڏِني جوڳين جوءِ، تان نات ڏنائون نَاهِ ۾.

(۲)

نانگن وڏا ناهِ ۾، آٿي آسڻ اُتِ اوير
سامِن ساز شروع ڪيا، سيد چوءِ سوير
ڪاجا چوري ڪاپڙئين، سَندي تَندُ تُنبيرَ
ريجَهايائون رام کي، وَهِلُو تنهين وير
سي ڪندا ڪيڏانهن پير، جن کي نظر مڙئي
نات ٿيو.

(۳)

نات جتيئي ننڌ، تت نہ نهاريو جوڳيين
ڪُوبسَا ٿيا ڪاپڙي، جي پُريا پرانهين پنڌ
هونِ گُرو هِن هنڌ، هُوَهين ٿي هنگلاج وِيا.

(۴)

نات جنهين نِهَارُ، تت پيي نهاريو جوڳيين
سُوبِسا ٿيا ڪاپڙي، تڏهن پُري ماٽيائون پار
هونِ هذگر جو هت گذارُ، پَر هُن وجي هنگلاجان
هت ڪيو.

(٥)

ڪي ٿا ڪَيچ وَڃَنِ، پر ڪَيچُ مڙيوئي ڪَيچَ ۾
راند مچائِي روح ۾، اندر آڊيسنِ
ڳُوڙهو ڳُجهه پرين، لَکِي لوڪَ نہ سگهيوَ.

(٦)

مرڻ مُسَلّم جن، واحد تن نہ وسري
مٿي سگر ڪاپڙي، نانگا ننڊ نہ ڪن
نيڻ سندا تن، اوجاڳن اجارئا.

(٧)

اکيون آليون مانُهہ، سدا سناسن جيون
واري نيڻ ننڊا، جاڳي جهليا جوڳيين.

(٨)

وينائِي وهسن، مُنهن پايو مون ۾
جوڳِي جاڙون ڪن، جي آيا الوهيت ۾.

(٩)

آيا الوهيت ۾، لاهوت لنگهيو جن
مَنجهان تن جُسن، حرف نہ اچي هيڪڙو.

(١٠)

جوڳِي منجهہ جهان، طلب نہ ذارن طعام جي
تن کي تن تپيسرِي، ٻيو گوندر سان گذارن
خوش نہ خوشي ڪن خان سي، مور نہ گهورا مَان
پانئن وَٽ پلي ڪيو، راڳ سندو رحمان
اهي ٻي ڪِرت ڄاڻن ڪانہَ، آهن واڳيا وِير
وصال سين.

(١١)

هلـيا وني حـال، كـٽـي جوڳي جـوڳ کـي
لاهي لاڳاپا لـوڪ جا، خوب ٿيا خوشحال
ايءُ ٿيو سامن سَوکو سڪَ ڪَون، جو ماڙهن هٿ محال
اِن مزا مـاڻيا مـن جاَ، ڪيا نانگا نـاٿ نـهـال
وَرِبـن ويـلِ وصال، ٿـيا ڪـرم سـياڳا ڪاپڙي.

(١٢)

عاشق منجهہ احوال، مَرُ هُوَن حجري پانـهـنجي
جڏهن طـبع مثائي تـن جي ٿـيندا نيڪ نـهـال
هڪُ پاڻ ڇڏينـدا پاڻ ڪان، ٻـي مـلـڪ مـايا مال
دل جا **دوست علي** چوي، ڪانئين خام خيـال
پوءِ مَرُ نانگا ڳولـن نـاٿ کي، ڇڏي حـرص حـوال
تڏهـن بـابـن بـئـنڪ پيئنيون، بر سـي باغ بحال
وربن ويل وصـال، ٿـيـا ڪـرم سـياڳا ڪاپڙي.

(١٣)

ٻَري پورب پَنڌ، هي هٽ حال هلڻ جون ڳالهيون:
انـدر آهي ان جي، نانـهن جَنـهين ڪـيـو نَـندُ
ڳـڏيا ڳـر ڳـيان ۾، غير ڳنوائـيَ ڳـنـد
صـبـر سـڪـوتَ ڇڏي لـذائـون ڇَند
ويـراڳـن وصـال جي، تـن ۾ چـوري تـنـد
روءِ رکيائون رام جي، ڪرنگهان ڪوري ڪنڌ
لا منجهہ لاهـوتـن لـڌو، هـوند وجائـي هـنـڌ
پيتَئون مَند مجاز مان، ڪيو سامن ياد صمند
دلَ روح اڳيان دوس **محمد** چوي، اُنِ آڳهہ ٿيو الحمد

نانگن نجهرا نور ٿيا، جيئن سو چمڪي چنڊ
تون رِند سهي ڪر رَند، آديسي آديس جو.

(١۴)

جان جوڳي جوڳ ڄُهاريين، تان سَمُنڊي سڪَ سَنبَاهه
هوئج هردم حال سين، ڪِي نہ ڏسي ڪَنبُ ڪاهَ
حرف سڄاڻي حمد جو، لَاڳ لڳاپا لاهَ
"مُهَيمن" مان منجهان معلوم ٿئي، ڇڏ طعام طمع تنهاءِ
بارِج ميءَ مجاز جي، ڇِت مَن چوري چاهَ
ڪَر فناَ بت فراق سين بابو ڏيئي باهَ
"لا" جو لفظ لپيٽيو، "اڪبر" پاسي آهَ
دُر نات دَيَّان دوس **محمد** چوي، نهار اتي جت ناهَ
صَبرَ، سِ سُڪوتَ سندي سَهہُ سامي سَرواهَ
اها ڳالهہ وني جند ڳاهہ، تہ ويجهو ٿيين وصال ڪي.

(١٥)

جوڳين جندان جمنا، آهين گنگا منجهہ غرق
نانگا نَيئِينَ نات سين، ڪِيا سڪَ سناسي سَڪُ
پرايائون پيِّ ڪان منجهَان مات مَرڪُ
ڪري وَينا ڪاپڙي تيلان سپ ترڪُ
دُرسِ ٿيا **دوس محمد** چوي، باهِ چڪي بيشڪُ
همہ يائن حَقُ، نابودِي نَهال ڪيا.

(١٦)

جاڻِي ڄڻائون، ڪيائون عشق منجهہ عجيب جي
هُو ناٿ تَنهين جي نِجهري، پلڪ نہ پراهون
پسڻ خاطر پرينءَ جي، اُهو پورب پُوريائون
سامن کي سکپال ٿيا، ڏوتِيُنَ ڏَجائون
درد گَيُنِ دوس محمد چوي، ڏک جي ڏنائون
پُنِيُنَ سَڪائون، گَڏين گُر گداوَ ۾.

(١٧)

جا گر ڏني گودڙي، سا تي مون لاهيندي لڄ
سندا تنهين سهج، چيلو چوندو ڪيترا.

(١٨)

جا گر ڏني گودڙي، سا مون گهڻو سُهاءِ
نيئي رساٽي ماءِ، اوڍيندي ادب سين.

(١٩)

ڪَري مَرِج ڪاپڙِي، گُر وت گدائي
اشارتون ان جون، وَئَن ڪپي ۾ ڪائِي
اَتِي رانول رُباعِي، اِيءَ انهين ڳالهہ جِي.

(٢٠)

جوڳن جوڳ جڳاءِ، جوڳ سونهين جوڳيين
واءِ مُنهِين کي واءِ، جا آءُ جوڳ نہ سِڪئي.

(٢١)

جوڳي وِئا جامير، جان مڙهين منهن پائيان
پيا پوڇيندس ڪير، ڏوڏاٽي ڏُوپ ڏري.

(٢٢)

هتي جي هئا، تہ مَتَنِ هُونتَ حق ٿيو
پيهِي پاڻ ويا، مڙهيون مون ماربن ٿيون.

(٢٣)

آسڻ تي آهون ڪريان، وس نہ منهنجي واتُ
لڳم لاهوتن جو، منجهان ڪينرَ ڪاتُ
هلڻ ڪي هيهات، آئون نہ جِيندي اُن رِي.

(٢٤)

مران، مٿو پٽيان، جوڳي جاتَ نہ نِينِ
اِنهين ۾ آهينِ، آئون نہ جيندي ان ري.

(٢٥)

نانگا نانيءَ هليا، چيلا چيلهہ ٻَڌن
هوءِ جي ٿا هلن، آئون نہ جيندي ان ري.

(٢٦)

جُوءِ جيڏانهين جوڳيئڙ، نتُ تيڏانهين نيڻ
آيل آديسن جا، وِره ٿيڙم ويڻ
ڪري سناسي سيڻ، هِنيي حال پرائيِو.

(٢٧)

سامي ڪامي پرينءَ لئي، ٿيا لال پچي لانگوٽ
سي منجهہ سيئن بيهن سيد چوي، آديسي ۾ اموٽ
سي ذاران ناٿ، تڪن نہ ساٿ، ان جي جاءِ چڳي
سِر جوٽَ
اهي گهر ڪيئن گهارن گهوٽ، جن جي پرت
پوري پِر سان.

(٢٨)

سامي كامي پريــنءَ لـئي، ڪُسي ٿيا ڪباب
اوتـيـنِ اَرتي گاڏئون منجهان اڪيـن آب
سندو جات جباب، تون ڪيئن پڇين تنٰ ڪان.

(٢٩)

جيجان جوڳي آئيا، تون ڏس نانگا نانگڙيا
وهُ ورهائـن وتيين، سامي سانگڙيا
سُتا ڪين سک پئي، لوڪن لوڏڙيا
هوءِ جي ڏکن ڏوڏڙيا، تن پنهنجا چيلا سپ چڱا ڪيا.

(٣٠)

دونهان دونهن سامهان، بابُن بنايا
پسڻ خاطر پرينءَ جي، ڪاڙهيائون ڪايا
ڳاچ تنهين ڳانيا، پنهنجي پِيتَمَ پيءَ جا.

(٣١)

اڄ دونهين ڏنڌ نہ لاٽ، نہ سي جوڳي جوءِ ۾
ويا ڪالهہ ڪلياڻ چوي، جوڳي مٿي جاٽ
گهُون تڪڻ پيا گهاٽ، لاشڪ لاهوتن جا.

(٣٢)

مران مٿو پٽيان، جوڳي نيِن نہ جاٽ
پيهِي ويا پاٽ، مڙهيون مون مارين ٿيون.

(٣٣)

پوربيا پوري ويا، آسڻ اڄ صبوح
ڪٿوري خوشبوءِ، آهني آديسي گئيَا.

(٣٤)

پوربيا پُوري ويا، آسڻ آڏي رات
سُيَمِ سناسن جون پچارون پرپات
ڪاجا جوڳين جات، جئن مت نہ معذورن جا.

(٣٥)

پورب سندي پنڌ تي، جن پوربو سي پُورِ
نانگا پنهنجي ناٿ ڪان، نت پنن ٿا نور
ٿيا مجازي معمور، ڳڌيا گورکناٿ کي.

(٣٦)

جيئن اُترڙا وورين، تيئن سَنرا سامي سِيءَ ۾
سانجهي ويل سناسي، ٿا سَمرڙيون سورين
دونهين پاسي دادلا، وينا اونڌي ڪنڌ اورين
سي مَنَ نانگا نهارين، اسان ڏانهن عنات چوي. (١)

(٣٧)

جڏهن اُتر مُٺ، تڏهن سترا سِيءَ ۾
وڏيءَ لالچ لب ڪنهَين ٿا ڪن جسي سيَن جُٺ
اُهي پوَنِ ڏين نہ پُٺِ، آديسي عنات چوي. (١)

(٣٨)

اُگهڙ ڪوڏيا ڪاپڙي، سَترُ ڪين سَهن
سَڄيءَ سُورُ سناسيين، ڪُتيءَ خوش رهن
اَوَسَرِ عيدون ڪن، اُني گوندر ڳڌيا.

(٣٩)

قوت ڪَڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طامائو
سَنئِنَ هنيائون سج ۾، پَهرَ نہ پينائو

(١) اصل شاهہ عنايت

اَوَسرِ آسائو، اني گوندر گـڏيا.

(۴۰)

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، گهُرن ڪين گهرا
مَهيسرِي ماٺهن جي بيهن ڏُور درا
پچن ڪانہ شرا، اندر عدالت اُنِ جي.

(۴۱)

نڪي طعام تُنبنِ ۾، نڪي هيٺ نہ بيٺ
رام رکيائون ڏيٺ، وجهي ڪِينَ ڪُلهَين ڪري.

(۴۲)

ڪين قبولي ڪاپڙيين، گذر گئِي گذران
آعِليءَ جو ميدان، سَڪَرُ سناسن ڪي.

(۴۳)

نہ گندا نہ گبري، نہ لانگوٽي نہ لينگ
پُنگا جنين پينگ، صاحب تنهين سامهون.

(۴۴)

نہ گنِدا نہ گبري، ڪَچ نہ ڪاسوٽِي
سامَي پارِي سيج ۾، ڪا بابوءَ باهوٽي
جوڳي جبروتي، ڪوه جاٽان ڪِيڻِ گيا.

(۴۵)

لانگوٽي لاهي، وڃ ويراڳن سامهون
تنهين وٺ آهي، اوچڻ ڳالهہ اگهاڙ جي.

(۴۶)

ڪي گنگا، مٿرا، گومتي، تا جمنا جُهارين
ڪي جهليو داغ دوارڪا جا تا نانگا نهارين

هُوءِ جي جهنگل جهونگارين، هلو تہ تکيا پسون تن جا.

(۴۷)

نڪي طعام تنبن ۾، نڪي گبرين
مون پڻ ڪنان تن، حاصل ڪِي حال ڪيو.

(۴۸)

بازر ۾ بيئا، جادِ گرو ڪن گودڙيا
سبق پڙهيائون سور جو، پيڙ انهيءَ پِيئا
توڙي مُنهِ مِينا، تان پڻ نَشا گوشا ناث جا.

(۴۹)

بازر جِي بيهَڪ جو، سامن ڪيو سوگندُ
پيتائون پرتِ مان، سندو محبت مَنْدُ
هادي تن جو هندُ، ڪٿي جوڙايو جبروت ۾.

(۵۰)

جالن ۾ جبروتَ، اتن حال حقيق سين
مُنهِ ڪيائون ملڪوت ڏانهن، لڙيا ڏي لاهوتَ
ڪنهن ڪان پِنَنِ ڪينڪي، ڪٽا ڪارڻ قوت
سامي سرت ثابوت، رهن مُهَاورَ رهن ٿا.

(۵۱)

بعضي بازارن ۾، بعضي وتن بَرَ
بعضي ڏُيِين ڏَونرا ڏوڙ ڪيا، بعضي تِڙڪي سَهن نہ ترَ
بعضي رُونِ اتيو راضي چوي، بعضي سَرِهَا
سامن سِرَ
هي زاهِلَ يانئِنِ زرَ، هُنِ ڪي پنڌ نہ پورب جو پري ٿئي.

(٥٢)

بعضي بازارن ۾، بعضي بر منجهہ بيراڳي
بعضي مڙهيين مانيا مات ڪيا، بعضي ڪن
ٿيو سَمَهِن سجاڳي
بعضي فدا تنهين فراق ۾، بعضي سامي سَرِها سُهاڳي
اوريو جن الف سين، ان کي ميم گڏيو ماڳي
دوس ڏنائون **دوس محمد** چوي، ساجن سو ساڳي
اڄ واري ويراڳي، سڀ نانگا نات نوازيا.

(٥٣)

بعضي بازارن ۾، بعضي وتن بر
بعضي مڙهيين مانيا مات ڪيا، بعضي سامي
منجهہ سفر
بعضي وسندي هوندا وس ۾، بعضي آسائو اَوَسَر
بعضي ڏکيا بکيا ڏٻرا، بعضي سيئي هُونِ سَيِر
بعضي اگها آديسي اَنِرا، بعضي سگها هون سَکر
بعضي درس سَرِها دوس محمد چوي بعضي غم
گڏيا گوندَر
بعضي ڏوپيا واسيا ڏوپ سين، بعضي مِٽيءَ ساڙيا مَر
بعضي وَون ٿا ويندا واءُ ڪان، بعضي ڪَيا سي اڏ اُتر
بعضي لڪن لاهوتي لُڪَ ڪان، بعضي جلائين جگر
بعضي ڪن ڪمائي ڪاف ۾، بعضي جائز جوڳي جر
جن ٿي صاحبُ گهريو سچ مان، تن کي مُهت ڏيندو محشر
ٻئا هي جاهل پوڻن جڳ ۾ تن کي ڪل نہ آهي ڪَر
سي ٻُڪ جا بازارن ۾ ٿا ڪوڙا ڪٽن ڪنگر

ڪي گھر گھر پِھَندا پوٽن گھٽيين ڪريو مَن مڪر
ڪي روڳي ڪيندا رت، سي ڪن ٽا ٽُڪرِيءَ ڪاڻ ٽُڪر
ٻيا ڪئين ناٽ ڪٽيو نابود جا سهسين پوٽن سَر
اوريو جن الف سين آڏوتن عُمر
تن ڪي پل پهچائي پاڻ ٿو، رڻ ۾ رام سمر
ميم گڏيو ان ماڳهين، جن ڪيا ڦٽا ڦٽ ڦڪر
اسم گڏيو تن جسم ۾، منجهان ظاهر ٿيا پِ ذِڪر
اهي آهن راتو ڏينهان رنگ ۾، دل جا ڪلين در
هي زاهل ياڻئن زِرَ، هُنِ ڪي پنڌ نہ پورب جو پري ٿيي.

(۵۴)

بعضي بازارن ۾، بعضي ۾ بَئران
بعضي سامِن سَير سَڏائيو، بعضي ڪنهن کِي
ڏِيَن ڪل ڪانَ
بعضي هُوءِ منجهہ هُون حَفيظ چئي، بعضي لفظ
نہ ڪَهِنِ لسان
سي لا منجهہ لاهوتي وڃيو خيمان کوڙَن خَان
جن سمجهيو سر سبحان، تن ڪي پنڌ نہ پورب
جو پري ٿيي.

(۵۵)

بعضي بازارن ۾، بعضي ٿر ٿاٽا ۽ ٿاڪ
بعضي محل هندورا ماڙيون، بعضي ڪانہ اڏن اوطاق
بعضي مڙهيين ڏوڏا ڏوڙ جا، بعضي پٽ پاڪيزا پاڪ
بعضي ميرا مَرُ متي سين، بعضي هوندا سي هشناڪ
بعضي بک ڏک بيراڳن ڪي، بعضي ڪيڻ ڪندبون خوراڪ

بعضي دنيا دولت ڏن سين، بعضي ماسي لئي مشتاق
بعضي پير پيادا پُرندا، بعضي آٿيندا اعراق
بعضي مَرڪن وينا ميِنهَن ۾، بعضي ماريندين تي ماڪ
بعضي ورسن ويس هِندُن جي، بعضي ديني ساڻ دماڪ
بعضي بيهڻ بيراڳن بر ۾، بعضي وهڻ نه ٿيندُن واڪ
بعضي ڪلندا خوب خوشيءَ مان، بعضي رُوندا رتَ فراق
بعضي شوق رکن شاديءَ جو، بعضي غم ڳَڏيا غمناڪ
بعضي هُون سناسي سَنرا، بعضي آديسن اولاڪ
بعضي جايون هوندنِ جَر ۾، بعضي ڪافن منجهه قزاڪ
بعضي جوڳن جُهد زمين تي، بعضي عرشن ۾ افلاڪ
بعضي من ماريندُن موت سو، بعضي جال جيڻ هم هاڪ
الف آذوتن ڪَي ان ميم ڳَڏيو ميثاق
تن قابولين ڪبيرشاه چوي، ٿا روز چڪن چِت چاڪ
ان سان رام رفاق، هِيئن سانيڙي نينَن ۾ ڪَهِي.

(٥٦)

يا وَت بِرُ بازارن ۾، يا وت سيرن تي سَرهال
يا وت ڍِيرُ هوندا ڪنهن ڍِيرَ تي، يا وت خاص خيال
يا وَت پيـن پيالا پرت جا، يا وت ڪَيف ڪمال
يا وت چريا پوڻن چِتَ ۾، يا وت مست موالن مال
يا وت جاني يار سين، يا وت زاني زهر زوال
يا وت عشق ڪياني ان جا اهڙا حال حوال
جي ڪيا نيهن نهال، سي گر پهتا **گولو** چوي.

(٥٧)

يا وت بِرُ بازارن ۾، يا وت سيرَنِ تي ثابوت

يا وت انگ اَچائيءَ اجرا، يا وت پر يا پاڻ پيوت
يا وت لينگ نہ هوندَنِ لڳڙي، يا وت مولهيا ۾ ماهوت
يا وت ڪڙهڻ ڪوڪڻ ڪاپڙيين، يا وت ماڻ صبر
سڪَ سُوت
تن قابولين ڪبيرشاه چوي، ڪا مٿي پيتيَ مضبوط
سو سپ آسڻ تي آڏوت، پنهنجي ناٿ نوازيو نجهري.

(٥٨)

بابو بيڪاري ٿيا، اڄ نہ آسڻ وَتِ
خودي ڪانئي هليا، پيرَ ڏنائون پَٽَ
هَي هَي جنهين هَتِ، آئون نہ جِيندي اُنِ ري.

(٥٩)

بابو بيڪاري ٿيا، يَجي ڇَڏيائون پاڻ
نسوهِريءَ نااَنِهن جو نانگن وٽ نياڻ
سَرڪندِ جنهين ساڻ، آءٌ نہ جيندي اُنِ ري.

(٦٠)

ميڙيو پاڻ پريون ڪريو، جوڳي جلائين
تاٽيو طنبورن ۾ خوديءَ ڪي ڪائين
تارَ نہ تڳائين، آئون نہ جيندي اُنِ ري.

(٦١)

ڪَر تون هِنيارَ هلڻ جي، ويندو پڇين پَر
اڄ آديسيَ مَرُ، صبح مرندو سيڪو.

(٦٢)

مٿي ڪان مٿي وڄي، جوڳن ڏني جُوءِ
اُتاهُون اَلڪ جي، بابُنِ آئِي بُوءِ

سي کري ويراڳي وُوءِ، اُذري اوڏانهين ويا.

(٦٣)

جوڳيان سندي جات سين، وحد نہ وڏائي
هڪ جَهجِهي ڏوڙ لڳن ۾، ٻِي چِتَنِ ۾ چائي
مٿائي ٻي وائي، سامي صبر سکيا.

(٦٤)

ترڪ ڪيائون تيل کي، ميٽ نہ ملائينِ
ڳِلمن کان گدو چوي، پاڻ پلو پَائينِ
تنتي لوُن لائينِ، جتان لوڪَ لَجَ ٿيي.

(٦٥)

جوڳي جَڳِ گهٽا، آئون پنهنجائي نہ لهان
ساريو سناسن کي، ويني هٿ هٿان
اڄ کي ڪالهہ مران، ڪڏهن ملندا ڪاپڙي.

(٦٦)

مَيَتُ موتي آئيو، ڪَهِي ڪَانڍِنِ ڏانهن
سو مون گهٽو سُهاءِ، جوڳي جو جنمر جو.

(٦٧)

ڪن چيرائين ڪاپڙي، اِيءُ زنانو جوڳ
سامي سجاڻ پيو، هڪَ دِهي ٻيو دوڳُ
جنهن ونَّ پاتو ڦوڳ، رامَ تنهين کي ربيِو.

(٦٨)

کي ويا ويڙهہ چڏي واسينگ، کي جوڳي ناهنِ جُوءِ ۾
اڳي هئا اَتِ اَٽينگ، هاڻِ مرلي مانـي ٿِي لڳي.

(٦٩)

سپ نہ ويا نکري، اڃا کي آهينِ
کندو جو قلوب جو، سو لڳو ٿا لائينِ
وينا وڃائينِ، جي پورِبيا پروڙيين.

(٧٠)

جوڳي آهن جُوءِ ۾، ويا نہ ويراڳي
جندان تو جاڳي، سي نانگا ڪينَ نهاريا.

(٧١)

جوڳي آهن جُوءِ ۾، پر نهاريندڙُ ناهِ
جي مهيسري من ماهِ، سي ٿاڻي ٿورا ڪاپڙي.

(٧٢)

پورب ۾ پيهي، جان مون گهڻو نهاريا
تان سُڌ نہ مونکي سڄڻين، جيهي نہ تيهي
هُوَڙا پَرڏيهي، جيڪُسِ وڃائي واٽ ٿيا.

(٧٣)

پورب ماربياسِ، ڪَنهنِ در ڏيان دانهڙي
متيون ڏيندي لوَڪ کي، چري آئون ٿياس
جنين نہ جيهاس، مون نيهُن لڳو تن سان.

(٧٤)

پورب پورب تب ڪَرونَ، جب هنيَڙي آوَنِ پُورَ
نهاريندي ڏي سڄڻين، لقَونِ پيبُونَ نُور
انهيءَ مارِيَس سور، جيين ساڄَن سُڄين نہ ملين.

(٧٥)

ڪَهُ ڪانگا ڪر ڪاهَ، پُرُ پريان جي پار ڏي
اوري اُلَهيجِ کِي مَ ڪِي، ري دوساٽِي درگاهَ

ڪِجِ مَعلمُ سڀ محبوب تي، هن من سندي مَنجهمَاهَ
دن ريـن دوس محمد چوي، تـُنهنجِي تـن انـدر تـنخواهَ
آهـيـن رحـمـي رهـنُـمـا ء، ڏِسجِ پـارَسَ پـاڻَ ڏي.

(٧٦)

ڏنـم ڪـارا ڪـانـگ، لـونـدڙا لَـڪَـنِ تـان
مـون پاتـو پـڪا پـريـنءَ جا، تان هوءِ وطن تي ويڙبانگ
ڪنهن سَنـاٽي سـانـگ، پـريـن پـرڏيـهي ويا.

(٧٧)

ڪـانـگـل قـريـبـن جـا، اچي وائـي وٺُ
تـو مِ بوءِ بـلال چوي، مـشـڪ ڪـثـوري مَٺ
اچي عـجـيـبـن جـو، اورانـگـهـيـوءِ اگٺ
تـوڪي پسـي تَٺُ، منهنجو سـورن ڪان صاف ٿيو.

(٧٨)

مَنَهَ اتان منـهـنجي، ڪنهن اُڏايو ڪانءُ
ڳنهي آيـو ڳالـهـڙيُـون سـنديـون سـپـيريان
جيڏيُون جاڙ ڪيانَ، نات هُونتِ سُوَمِ سينها پرَ جـا.

(٧٩)

مَنَهَ اُتـان مـنهنجي، ڪانءُ اُڏايو ڪَنِ
ڳنهي آيـو ڳالـهـڙيُون، سـنديون سـپـريـن
بـيا وٺ ڏيئي بـن، هُونت سُئمِ سـنيـهـا پـر جا.

(٨٠)

تان چَي ڪانگ نہ قاصد ڪَر، جو سدا ڍونڍي ڍونـڍ ڪي
پهرين ڪـنـدو پـيـٺ جي، پوءِ وبـنـدو سيٽن سَرِ
پولِي جنهن جي بَرِ بَرِ، شو هڏ نياپا نيئي رهيو.

(٨١)

ڪانگو قاصد ڪيئن، جو سدا ڊونڊي ڊونڊ ڪي
ڦرين ڪندو پيٽ جي، پوءِ ويندو سيٽڻ سيئن
حال جني جو هيئن، سو هڏنياپا ڏيئي رهيو.

(٨٢)

تان چَئي ڪانگو نہ ڪُوڙو، جو درٻاري دوسَنِ جو
پَٽُ آندانيئن پاڻ سان، محبت جو مُوڙو
نِبَهَان نِبَهُوڙو، بقادار بجار چوي.

(٨٣)

جتي سڏ سبحان جو، سا اُبتِي رَه آهي
اچي ڪو ڪاهي، اِن معنيٰ ۾ منجهڻ گهٽو.

(٨٤)

معنيٰ بي مثل ۾، هلڻ ٿيو حيران
جوڳيان سندي جُوءِ ۾، سپوئي سبحان
منجهہ ڪَعبو منجهہ قرآن، نَئين ڪيڏانهن نِيَتِيَان.

(٨٥)

منجهہ گرو، منجهہ گودڙي، منجهہ مَڪو، منجهہ ملتان
ڪُوه گنگائون پيٺيين، سهسين ڪرين سنان
منجهہ ڪَعبو، منجهہ قرآن، نِمي ڪيڏانهن نِيَتِيان.

(٨٦)

منجهہ گرو، منجهہ گودڙي، منجهہ مَڪو، منجهہ ماڳ
ماڙهُنِ جو **شاه** محمود چئي، سائين هٿ سهاڳ
پِريو تَنِهينِ جو ڀاڳ، سُتي جنهين سَڏُ ٿئي.

# سر سراگ

(۱)

بندر جي تڙن ۾، جهان جهان جهمٽيَن
سڙه سڀي ساڄا ڪيا، پاتا ٻيڙياتن
ڪي نيان نيدوءَ نار ڏي، ڪي ڪُڏيءَ پاس ڪڙن
ڪَنِ ڪهي ڪعبو پيٽيو، ڪن مدينو مَنِ
مُهرِيءَ تي موڙهڻ چوي، ناخُوا نت نَمُنِ
ڪئين ڪرمشون ڪن، پچري پاڪ رسول جي.

(۲)

سيپيئي سنَئيِنءَ ڪرين، ڪون منجهائِين وات
سَوڪي ڪِجِ سَچا ڏٽي، سُجهي جا سيرات
سپيريان جي ساتَ، لائو لنگو ميڙيين.

(۳)

سيپيئي سنئينءَ ڪرين، ڪون منجهائِين راه
سؤڪي ڪِجِ سَچا ڏٽي، سُجهي جا سيراه
آدم جي آولاد ڪي تئي ڊپ نہ ڊاءُ
سپيريان جي ساءِ، لائو لنگو ميڙيين.

(۴)

بندر جي تڙن ۾، سڙه تي سبيائون
سڙه سڀي ساڄا ڪري، ڪُوهاَ ڪنيائون
لَتَڪٽا لاڪِيءَ پَٽَ جا چوڙي چڏيائون
تِڪَي سَير سموند جي لحظي لنگهيائون
وَجي ڏنائون، منارا محبوب جا.

(٥)

ڪُوهَا جن ڪَٽِي، اُتاري اُيا ڪيا
پوريندِيون پرڏيه ڏي، متي سڙه هٽي
جَنهين ڏُونيج ڏٽِي، پهتيون سي پَرار ڪي.

(٦)

ننگر نا تاريون، پگه چوڙي پنڌ ٿيا
بندر بازاريون، سجيون سامُوندِن ري.

(٧)

ڪَپَرَ ڪُنَ ڪارا، لهرين ليڪو ناه ڪو
آچارا عميق جا اچن اُوپَارا
اُتِي آسارا، وِيرَ وڙهَندڙ ويسلِي.

(٨)

وِيرَ وڙهندڙ ويسلِي، اُتِي تَوهُ طَلَبِ
هِنَ سائِرَ ڪنهن سَبَبِ، ڪالهه بوڙيا تي ڪُنَ ۾.

(٩)

ڪالهه بوڙيائين ڪُنَ ۾، وڏا جُنگ جَهَازَ
تُنهنجي اج ترازِ، آهي آرَ اڪِن ۾.

(١٠)

آنهين آرَ اڪِنِ ۾، ناخُواَ ڪِجِ نگاهَ
هن گهٽا بيڙا بوڙيا، ڏيئي سائرَ ساهَ
تون ملاحظو ملاحِ، ڪِجِ ڪو اِنهيءَ ڪُنَ جو.

(١١)

ملاحظو مهرياڻ جو، مُورُ مَ لاهِ ملاحَ
دانهون ڪَنِ درياه جون، اُونهي جي آگاهَ

سُونهَنِ جي صلاحَ، وٽ تہ وِيرَ لنگهي وَڃِين.

(١٢)

سونهان سُڏيُون ڏِينِ، انهي ديواني درياه جُون
ڪُوڙ اوڏائي ڪِينَڪي، رڳو سَچ سُوڏِيِن
سُود نباهيو نِينِ، ثابتُ انهيءَ سيرَ مان.

(١٣)

ثابِتُ لنگهيائون سِيرَ، ڪوڙَ اوڏائِي ڪِينَڪِي
وڃي پهتا پار ڪي، نرتون منجهان نيرَ
ماءُ پهتا مِيرَ، پار لنگيائون پاڄهہ سان.

(١٤)

وٽجاري جي ماءُ، ڪوهُ نہ وٽجارو پَلِيين
آيو بارهين ماهُ، تان موٽيو سفر سَنبِهي.

(١٥)

تان چئي وٽجاري جي وِيرَ، هيڪڙبائي لڪ لهي
وکَرُ وکارَنِ ۾ آٽي ڪندو ڍِيرَ
تو جيڏِيُون تنِهن وِيَر، اُڏاري ڪي ايندِيون.

(١٦)

آيو ڏينهن ڏياري جو، پَڪِي نهائين
اوڇتي اُتر جي، متان مندَ آئِي
وڃڻ جي وائي، مُلان مَعلَمَ مون سُنئِين.

(١٧)

آيو ڏينهن ڏياريءَ جو، لڳي اُتر هِيرَ
ننگرَ ڪٽِي ناخُوا ٿيا سٽائِيءَ سِيرَ
اَندرِ مون اُڪِيرَ، ڪاري ڪيڙائُونِ جِي.

(١٨)

كاري كيڙائُو، مِني موتِي آئيا
سَودو کَنِ نہ سوَنِ ۾، جو هي وَڏا وهَائو
موتِي جي مهراڻ ۾، تنهن جا طامائو
سامونڊي ساهُو، لَنڪَا لَوتِي آئيا.

(١٩)

لَئي لنڪاپور اُهريا، سي لنڪا لنڪا کَنِ
سچو سون لنڪا جو، سُک نہ سَامونڊِنِ
اُهي وَڏي ياڳَ مِڙَنِ، جي اُهر يا ڪارونڀار ۾.

(٢٠)

ڪارونڀارَ کُنَ گهٽا، تڙَ مڙيئي تَارِ
کنبان تِي قلوب ۾، ڪوجهي ڪيَمِ ڪارِ
پنج پڳهہ، تيهہَ اوليون، ساٻا سڙهَ سنيارِ
هَمَرَ حَبِيبَنِ جِي، آءِ سَٽاٽي سرڪارِ
جتي تُفُون توربا، لڳيءَ بَي بازار
پرور وجهين پارِ، دَنگِي اُن درياه مان.

(٢١)

جان يانئين تہ کارو کيڙيان، تہ اول بُونبُ بناءِ
تَنهِن ۾ نِرتَون چاڙهجِ نَاخُئو، سُوڏو سَرهَنگُ سنياءِ
دلين پورِي دادلا، وکر وحدت پاءِ
تہ سامونڊان سَنڊياءِ، وجي ماڙِ پهچي مَکُڙي.

(٢٢)

جيڏانهن موڙيان مَکُڙي، تيڏانهن تکي تکَ
بُونبُ پراٽو، هيبت هاٽو، لهرين سَهَي نہ لِکَ

اُونهي منجهان اَلڪَ، پار لنگهائين پاتشاه.

(٢٣)

مُعلم سُڪاٽيءَ ڪي، سڏ ڪري ٿو چوءِ
ٻيڙي ٻاتاڙي ٿي، مٿي ڊيننگ مَ ڊوءِ
وڪر وَٽَ مَ پوءِ، جو پاڻ پَرائو چاڙهئو.

(٢٤)

معلم سُڪاٽيءَ ڪي، ايو ڪري سَڏَ
تري هيٺ تراز جي ڪري ڪڙڪا ڪَڏَ
مانَ پَهُچي لَڏَ، جا پاڻ پَرائِي چاڙهِئِي.

(٢٥)

جهوني هِنَ جَهَاز ڪي، تَرِيُون وِجهُه مَ تُنَ
لنگهائيندو لُطف سِين، هُوءَ جي ڦهري ڪُن
اماٽيندو ساڻ اَمُنَ، مير مبارڪ مصطفيٰ.

(٢٦)

جهوني هِنَ جَهَاز ڪي بُوراڪِي ٻناءِ
پنج پڳهه، ٽِيهه اوليون، ستره‍َن سَنج سنياءِ
اوسيڙو عَمُونگهه جو، منان مور مَ لاهه
تہ ساموندان سندياءِ، وجي ماڙِ پهچي مڪڙِي.

(٢٧)

منجهان پيئي مَڪُڙي، ڪاجا پاٽِيءَ ٻُوندَ
آن ڪي ڏنا رُوند، وٿون جن وِجائيُون.

(٢٨)

منجهان پيئي مَڪُڙي، ڪاجا پاٽِيءَ پِڪَ
وڪر هَٽِي وِنڪَ، ڪَسِجي سي ڪارو ٿيو.

(۲۹)

چمڪيُون چوڏار، ڏَجُون ڏاڙيچن جون
ماءُ ساَمونڊي آئيا سهسين ڪري سينگار
تَنهِين جِي تنوار، ٿي ڪالهوُڻڪر ڪانگَ ڪَهِي.

(۳۰)

بَنَدرِ جان پِئِي، تان سُڪاٽيو مَ سُمَهو
ڪَپَرُ ٿو ڪُنَ ڪري، جيئن ماٿي منجهہ مَهي
ايڏو سُور سَهِي، ننڊ مَ ڪريو نَاخُوا.

(۳۱)

سامونڊيءَ جو سَنگُ، آهي گوُندَرَ ڳاڏئون
اَنگي چاڙهي انگُ، ويو وڻجارو اُهرِي.

(۳۲)

مون اُپي تڙ جَهلَ، پِريَنِ پڳہ ڇوڙيا
ڪا مُنهِين ۾ اَلَ، نات سڄڻ سباجها ڳهٽو.

(۳۳)

مون اُپي تڙ پاس، پِريَنِ پڳہ ڇوڙيا
آسَ نہ لاهينديَاسِ، مان موٽِي اَچن مون ڳرِين.

(۳۴)

مون اُپي تڙ وٽ، پرين پڳہ ڇوڙيا
ڪا مُنهِين ۾ ڳهٽِ، نات سڄڻ سباجها ڳهٽو.

(۳۵)

ڏٺي ڏياري، سامونڊنِ سڙهہ چڪيا
وڪَڙَ پايو ونجهہ ڪي، وِرچي ويچارِي
ماريندا مارِي، پره سُور پرين جا.

(٣٦)

ڪشتي ڪارونيار ۾، دنگي ڪنئي دڙڪي
ماءُ ٻڌي مهراڻ ۾، ٻُڌُ ڦرهي اتي ڦڙڪي
انڌو الوهيت جي ٿو توڙان طرح تڪي
پوءِ چماتون چکي، لڳو اهڙي لچيٽين.

(٣٧)

ڪشتي ڪارونيار ۾، دَنگي ڪنئي دوفان
سا چوهي تنئين نيئي چڏي، جت وجڻ واٺ ئي ڪانہ
تان جيڪس سُنا سي نہ اُتيا، مُئا اُنَ مڪانَ
اُت آڳي پاڻ اُپايا بہ آدمي، مَردُ موچاري لڪٽين،
مهري وڏي مانَ
تن پاربو ٿي پاڻ ۾، جيڪي فرمايو فرمانَ
اُن ڪي ڏنائين اُت هيڪڙو وياءُ رازق رب رحمانَ
اُهو جوان منجهہ جهان، ادا اُتاهون ڪنهن ٻر آئيو.

# ساهڻ سوهڻي

(١)

سوهڻي ڪاڻ مِهار، پاڻ پوڙيو تِي سيرَ ۾ پوءِ وري واندين ڏي ويو، چِڏي پُرس پچار مِهار نہ ٻوڙي سوهڻي، ٻوڙي مت ڪچي موچار هِيءَ هڏ ٻڏي ڪاڻ مِهار، ٻي متان ڪا ڪرم پِرائي ڪامڻي.

(٢)

مڻ مان سِڪ ميهر جي، لحظي نہ لاهي ساهڙ تنهن جي ساه ۾، ڪا ڏورِ ٻَڏي ڏاهي هيءَ ٻِي ملڻ ڪاڻ محبوب جي تِي، ڪَسيسُون ڪاهي جيين هُو سانياران ساهي، تِيين هيءَ ڪاهيو ڪُنَنِ ۾ پوي.

(٣)

هڪ ڪاري رات ڪچو گهڙو، پيو ڪُنَ سندو ڪَڙڪو مُڙي ڪين مهراڻ جو ڏُور ٻڏي دڙڪو پِيَڙُسِ ڪَنِ ڪبيرشاه چوي، ڪو پار سندو پَڙڪو هو جو ڪرڪِن جو ڪڙڪو، سو تيو سونهون ساٿس سير ۾.

(٤)

ڪارِي رات ڪچو گهڙو، موج ڪري مهرياڻ وبندي محب مِهَار ڏانهن پِيَڙُس اِيءُ پرياڻُ جڏهن ڪن فيڪون. تڏهن تي پربنءَ ڪي بخشائين پاڻُ

هِن جو ساه ساهڙ ساڻ، هو اُن ڏينهن احمد شاه چئي.

(٥)

چَلَ ڦُلَ چال ٻنديون، جت وِير ڪري واڪا
ستيو سيٽاهيا هٽي، ٻَهَدُر ۾ ٻاڪا
تنهن ۾ گهڙِي سوهٽِي، ڏيل ٻڏي ڏاڪا
لٿس اولاڪا، وڃي پار ڏنائين پرينءَ جو.

(٦)

ساهڙ ٻاجهون سير ۾ ڪو ڪَل ڪونہ ڪري
پيِيَ ٻنا پاتار ۾ ويجهو ڪيرُ وري!
جتي جهاجهہ جَهجِهي ۾ جر گهٽو، ٿو ڪڙڪا
ڪُن ڪري
موج پسيو مهراڻ جي، ٿو ڏر ڪان ڏيل ڏري
ٻَرَهڙي ٻادل چوي، ٿو اونها پير پري
اهو پنڌ لنگهائيندو پاتٽي، ظاهر منجهہ ذري
تہ هِيءَ وَهَڻُ لَنگهي وَڏ واه ڪان، وڃي چوڪيءَ
جاءِ چڙهي
جت ٻانهن نہ ٻيلي ڪو ٻيو، اُت ٿِي تُنهنجي توهَ تري
پوءِ ميان پاڻ مَ تِيج پري، ساهَڙ اٿائِيءَ سِيرَ ۾.

(٧)

اندر دل اُڪير، تَسَ مَن ۾ محب مهارَ جي
سا لَحظي ڪُنَ لنگهيو وڃي، انهيءَ سَرِ سان
سَاهيُون سير
سا تاريو ترِن تي تار مان نِي، محب ڏيو من ڏيَرَ
ٿِي ديوانِي دوس محمد چوي، موهِي سَاهڙ مِيرَ

ڪا پيتائين پڪَ پريت جي عشق گڏي اَڪسيرَ
اِيءُ ڪيرُ نہ جهڙو ڪِيرَ، جَنهِن تَنُ طهورانِ تار ڪيو.

(٨)

اندر دل اُڪَندَ، ٿِيَسِ مــن ۾ محب مِهارَ جي
گِهڙِي گهڙو هٿ ڪَري، گهران سُٽِي سَي گهندَ
اچي لهرن ساڻ لپيٽ ٿي، چِڏي نيٽان ننڊَ
آرَ نہ جهليو أن ڪي، ڪي مست پڙهيائين مَنڊَ
سا درياه مان دوس محمد چوي، وجي چُٽڪي چَندَ
ڍَڪِيءَ لنگهيائين ڍَندِ، وجي پار ڌنائين پيّ جو.

(٩)

اَچي سڪَ اَپَرِ، ٿِيَسِ من ۾ محب مهار جي
ايئن اَچِي پَئي آرَ ۾، جِيئن ڪيري ڪُن ڪَپَرِ
دڙڪا ڌور درياه جا پانيائين بهترِ.
تنهن تاريون ماري تار مان، وان ڪنيون ويترَ
ديواني **دوس محمد** چوي، پيئِي واهڙ وَرِ
تِڪي تارُنِ ڪان وجي، پيرَ لنگهيو هُنَ پَرِ
جنهن جي دل دوسان جي دَرِ، سا اوري اٿڪي ڪينڪي.

(١٠)

محبت محب مِهار جي، ڪِي موهي مست مجاز
اچي گهِرِي تنهن آر ۾، جنهن جهوريا جُنگ جَهاز
اونهاڪُن اگهورَ اُتي درياهَ منجهہ دَرازَ
تارِيءَ تارِي تن مان، نِي سا نيت نينهن نياز
رکيا تنهين جا راز، دوس اڳيان **دوسُو** چوي.

(١١)

محبت محب مهار جي، موهي ڪِي مستان
ڇا آرُ جهليندوَ اُنِ کي، جا ڪِي عشق انَان
درياه ۾ **دوس محمد** چوي، ڪيائين دوسُ ڏيَانِ
جان اُتي عين ڪِيَا آخوانِ، تان سيوئي ساهڙُ ٿيو.

(١٢)

محبت محب مهار جي، ڇاتِيءَ ڪِي بہ چَرِي
عشقَ اُڪارِي آرَ مان، ويئي تڪَ تَرِي
تَنهن جِي دل **دوس محمد** چوي، آءِ ڏُونهَنِ پاسِ ڏَرِي
سا وِهي ڪيئن وَرِي، جنهن جا پيا پيچ پراراَن
پي سين.

(١٣)

تارا سان تارن، پر موهي محب مهار جي
محبت تاران ميٺ جون، تڪيون ڪَان تارُنِ
سا تُمي تارُو نہ پڇي، ٿِي ترسي ڏانهن تارَنِ
اُها تِڪي ڪان تارُنِ، وجي تَاربون ڏيندي تار مان.

(١٤)

تارُوءَ تارِي تار، تار نہ تارِي تُرهي
توڪل تارِي تار مان، پڳيس آرَ نہ آرِ
ڏر نہ ڏارِي پريَنءَ جي، ڏم جي ڏارِي ڏارِ
سا تري پهتِي تار، مِلِي محب مِهار کي.

(١٥)

سا پِرِ ڪان، سانيِرَ ٿي ساري
دانهہ دَبِي ڪِينَڪِي، ساوڻ سياري

سَمنَا ساهڙ سان ڪيو، ٿي پَٽ پاري ۾ پاري
تار منجهان تاري، نيئي ميڙي حُب حبيب کي.

(١٦)

تَري ترسي تارَ، تري ترسي ڪينڪي
تَرِي پهتِي پار، مِلي مُحبَ مِهارَ کي.

(١٧)

ڏمُ ڏيهاڙِي ڏي، سندا ميهرَ ميهٽا
جهولِي پائي جهليا، مون سيباٽا سي
مَرُ چالِيه ڪري چي، سنگان سپيرين جي.

(١٨)

ساهڙ ڏاران سُوهٽِي آڏوتي آهي
ڪُنڊيون جو ڪاهي، پاسي تنهِين پاڪُ ٿيي.

(١٩)

ساهڙ ڏاران سُوهٽِي نسوهرِي ناپاڪُ
هو جي ڪير پياڪ، پاسي تَنهِين پاڪ ٿئي.

(٢٠)

ساهڙ ڏاران سوهٽِي، هِيءَ جُنوبِي جوءِ
هِن پاٽيءَ سان پانهنجو، مور نہ مٿو ڏوءِ
جي پِي پاسي هوءِ، تہ ڪر توڏِيءَ تڙ ڪيو،

(٢١)

ڪَپرُ ڪِينَ ڪندوءِ، وَنءُ لهرن گَڏئِي
مئي مٿي مهراڻ ۾، آتِي ساهڙ سندوءِ
سو تُرت ترهو تار ۾، ڪنهن ڏانءِ پرين ڏيندوءِ
ميهر سو ملندوءِ، اڳيان سنيوڙو سيٽاهہ سِين.

(٢٢)

هتِ مَ ٻُوڙا ٻُنڌُ، هُتِ سيٽاهيا سَنگي ويا
هَن پَرِ جو هارون چَوي، آءِ ڪُوڙو آسا ٻنڌ
پَار پَوندءِ پنڌ، محبتي ميهار ڏي.

(٢٣)

ڪَڙ ڪڙ ڪُنَ مَ وَڃُ، تو پر ڊِڄي نہ جندڙو
جيئن تون ابتا آرَ ڪرين، تيئن گهڙَندي آن اَڄُ
دلِ مُنهِينجيءَ ڏڄُ، ٻَڌِي محب مِهار سان.

(٢٤)

سُڪِيءَ ٻُڌيون جي، ساهَڙُ طالبُ تَنِ جو
گهڙيون سي گهڙا ڪٽِي، اوراَرَان اَچي
ڪَلهي چاڙهيو ني، لَهرن سرِ لائون لَهيو.

(٢٥)

سُڪي جِي سانباه ۾، ٻُڏين تانَ ٻُڏُ
ڪک، ڪانديرا، ڪانيون، ميڙي ٻنڌ مَ مَڏُ
هُتِ نَڪو ساهَڙَ سَڏُ، نڪا سجهي سُوهٽِي.

(٢٦)

پيتائين پريت جِي، ڪا ميهر ڪان مرڪَ
مُنڌَ مستاني ڪئي، اُنهيءَ ساوَ سُرَڪِ
لڳي ڪامَ ڪُرڪَ، ڪا لوهان تِکي لال جي.

(٢٧)

آن سُوهٽِي سا چوان، جا اوڙهه سَرِ آهي
اَچي وجي اَمُونگهه تان، پيرُ نہ پُسائي
ٻولُون ڪِيو پِيِّ سين، تِي وَرنهن واجهائي

ڪو سالڪُ سُٽائي، تہ هُئِي جُوان ڪَهڙِي جاتِ مان.

(٢٨)

ڪا جا ڪُنَ ڪَرِين، پِنيءَ پُرجُهر پاڻ ۾
اڪيون تنهين آبَ ڪي، تَيون آذيءَ اُڪيرِينِ
توڙي تِڪُون ڏِينِ، تہ بہ اُجَ نہ لهي اُنِ ڪَان.

(٢٩)

ٻَنڌُ طريقت ترهو، شريعت سِجاڻ
معرفت مَنِ ڪري، هلجِ حقيقت ساڻ
روزي ۽ نماز سين، ڪِجِ پِڪو پَهُ پَرِيَاڻُ
اهڙيئي اُهجاڻ، تِنُهنِجو پاند پُسيئي ڪِينڪِي.

(٣٠)

جنهن وَرَ وَهيٽي آهيان، سو جي ٿِييم ڪانڌُ
تہ پُسي نہ پَلَوُ پاندُ، جَرَ ۾ هُوند جمال چوي.

# آسا

(۱)

ارِ آندو تو آءِ، وٺان ڪانڌ ڪتڻ لئي
چڏ عادت اُجهڻُ اپاڳيون، ويهي چرکو واهَ
هڪُ آندءِ قرض ڪتڻ تان، پيو ڪَرِ ننگي تَنَ نگاهَ
ڪَتي ڏيج قرض تون، پيا لَٿا ليڱڙا لاهَ
دَمَ دڀوسان، تائج تاڙي، روح وچ ڳجهُ رَهاءِ
مونا محڪم پائج پيڏيون، ڏيکيون دُرس ڏَراءِ
لڳَ سين ليٽَڻِ ڦير ڦنگهن سان، جوٽين مالهه جُڙاءِ
ٽُنبي چموٽي ٽَڪُ ۾، پرُٽي ساڻ بناءِ
ساند سرايون ساه ۾، پُرجهي پيڙهه پُڇاءِ
دل کي دوستعلي چوي، اُوجهڙ ڪيمَ اُجهاءِ
جيڏو دست دڀوس ۾، ڏائي تَندُ ڏواءِ
هنيون، اکيون، هٿڙا، هڪڙي هند هَلاءِ
هُتِ ڪونهي غرض ڪتڻ جو، تون پورهيتَ پاڻ پُڇاءِ
جي تِيي ساجن سان سَاجاه، تہ تِي مائج عيش اَماگرا.

(۲)

چاه منجهان چرکي، ڦيرين ڪوه نہ ڦڪرَسين
هُو ڏيو اَرٽَ آماگرا، تو پِيُ اگيانَ پَرَکي
تون ڪيئن وهين وساريو وَلهي، هيئن ڪلايو ڪر کي
هاٽي پائي پَاند ڳچيءَ ۾، ڪَرِ وينتيون وَرَ کي
پُوري ڪوني ڪَتُ تون، طاق دُوئي دَرَ کي
پورهيو هوُ پورهيت جو، ننگ پريو نہ رکي

هِڪُ ڳُڻُ ڪُنديِنءَ گهر ڪي، ٻـيـو سُنهنديِنءَ سيِني سرتيين.

(٣)

تان چئي ڪڏهن ڪِي نہ ڪتو مِ، ويهي آتڻ وچ ۾ اَرتُ آنـدُمِ جَن جو، تن جو پُڇڻ پـيـومِ سَرتِنِ روز سَياڳ جو، تـي چڳيءَ پَتِ چَيومِ ســو دل مـان دوستعلي چوي، وِسري سڀ ويومِ حرصُ هِنيين هتڙين، ڪِي نہ تـوٿـن ڪان ٿيومِ اهو ڪچو ڪَمِ ڪِيومِ، تـون پاڻ سجاڻج سپرين.

(٤)

ڪَتي جاٽي ڪِي نـہ، آتـڻ اوڏي نـہ وجـي تَنهن آٽيو ڪانڌ اَجاڻ ڪي، ڏي راتبَ روز رنگينَ هِيءَ پِي آهِ وسيلي وَرَ جي، ٻـولِي ٻـولي ٻي نَہ دوسُ دليان دس محمد چوي، لهي تَنهِن جا قَدر ڪَرينَ ڏڏ ڏسِيو پي ڏان ڏسي، اها سمجهج ڳالهہ سَرينَ جتَ اَچي ڪديندُيون عمدا ، سرتيون سُتَ سَنگينَ تِت سـائِلِ هَٽنديِ سَينَ، ڏيندا فضل فَقير کَي.

(٥)

پر جوڙي چرکو جو ڏُنئي، ڪانڌ ڪتڻ جي ڪاڻِ سو قيرِ فڪرُ ڪَر فهـم سـين، اَرتُ مَ اِيءُ اولاڻِ رکي پـيدِيَ پَتَ تـي، چنگهيـن، مونين، هتُ مَناڻِ مالهہ ملهاسِيي من ۾، چموتـي پِرِٽي تَڪُ تڪاڻِ دَٻُسُ تـاڙي ديہِ ۾، ٿيِنديءِ پِيڙهِ ڪَنان پَهُچاڻِ اَتَئِي ڦنگ عشق سيـن، ڪِپين جوٽي جوڙ جُواڻِ

ڏيکيُون، ليٽَڻ، ڳجُهَ ۾، رک دل سچي درَوانڻ
پوري نينهُن پتار جو، سانـــدِ سَرائِيءَ ساڻ
ٿيهَ پُکَيون، پنج پُوٽيون، اِن ڪَپهـ کي آڻَ
نَائُڙي ڪر نگاه نياز سين، تند پساه جي تاڻ
وَدِ لاڳاپا لوڪ جا، حِرصَ ڦٽا ڪَر هاڻ
عادَت چِڏ اُجَهڻ جِي، خامَ آهي ڪَرَ ڪاڻ
اُهنو لاه اُڳهاڙ جو، منُهن ڏيئِي مُنهَن ڪاڻ
جَان دَرَ صرافِ، **دس محمد** چوي، تِهين سَرَهي سَرتِن ساَڻ
ڪَنبي سُتُ ڪَتيج تون، آهين زور اَجاڻ
ڪَنَدءِ سِڪَ سُجاڻِ، سَمجهي ڪَتُ سَنگِين کي.

(٦)

رکِي پيدِي پَت، هٿ ڪري ڪَتُ حال کي
ٿِيءُ سينڌِي سوداگر سين، ڪُوڙ ڪَچايون ڪَٿ
چِڏ ڪائي خام خيال کي، تون فنا ڏسي دل ڦٽَ
نسَ دنِ اور نگاه سين، ورهَ ٻاري وَٽَ
اِنَ اتَيسَار عشق جو، آءِ مُلهَ مهانگي مَتَ
جتي پرين پاساري ٿيو، اچي سرتن لائي سَٽَ
تت اڳيان سُتُ صراف جي، نيئي منجهان پاند پَرٽَ
تہ ڏَسي دوسيائون **دوس محمد** چوي، ڪِيڏا گاز نہ گَهَٽَ
حَبِيباٽي هَٿِ، ذرو ضايع ڪَينَ ٿيي.

(٧)

جوڙي چرکو جو ڏنئي، آٽي ور اَرَٽُ
سو چاهون چورِ چگيا ڪري، پائي سِڪَ سَرَٽُ

چِڏ حيلا حرص، هوس جسرتون، اِن ۾ آءِ اَلَتُ
طمع تات طرف جو، ڪُتي لاهِج ڪَٽُ
ڪَڍُ سَپُ ڪُوڙُ ڪُنڍا وِجهي، نيٽان ننڊ نپٽُ
دوس ڏيئي دوس محمد چوي ڪي ڪَتِيي انهيءَ مان ڪَٽُ
سَنگُ صرافن سُٽَ سين، تا مالُ ڏسيو ڪَن مَٽُ
هُن حق جو پاتو هَٽُ، تون سمجهي ڪَٽُ سَنگِين ڪي.

(٨)

ڪو جو وَهُ ڪاپاتيين، ڪَنبَن ۽ ڪَتَنِ
ڪارڻ سُودَ سَويرِيُون، آتڻ منجه اَچَنِ
اُنِ جي سُونهه سيد چوي، تا صراف سِڪَنِ
اگهيو سُٽُ سَندُنِ، ترازيءَ نه توريو.

(٩)

ڪَتي ۽ ڪهي، چئي سُٽَ منهنجو سَڦرو
پوري صرافن جو، جي تِي منجهه لَهي
ته رُوَئُ رانِد رهي، بِيي ڪَتَڻَ جِي ڪانه ڪري.

(١٠)

جَنِهين ڪتو ڪالهه، سي پاٽا پيبيُون مامري
جَنِهِين تَڪُ نه مالهه، سي سينڌِيُون ٿيون صرافَ ڪي.

(١١)

چَي سنهو جي سڪِيُون، سي ڪجا لاءِ ڪَنبَنِ
تان بندر بازارن ۾، اچو پيرَ پِرَنِ
اُنهي سَنهي منجهان سَڦِري، تان جي لِينجَهه لَهَنِ
مَرُ ڪَتَنِ ۽ ڪَنبَنِ، تينهائيين طيب چوي.

(۱۲)

آتڻ چوِي مَ ڪَٽُ، تاڻيان تندُ نہ نڪري
پاٽا روئِي رَتُ، چرڪو مون چڪَ ڪِيو.

(۱۳)

چرڪو چوڪين انگڙين، گهاڙُو گهڙِي ڏنوءِ
ڪَتين ڪوهُ نہ ويسلي، اهو سازُ سَندوءِ
اَرِتَ اُڪَلِيان پوءِ، گهَٽو هٽنديءَ هٿڙا.

(۱۴)

ڪَتي ڪينَ ڪپاهہ، ڪوريءَ ڪارون نہ ڪري
اَتَسِ ورَجو واءُ، وينيائِي وڳا گُهري.

(۱۵)

سُٽُ ڪاپاتِي ڪتو، تلهو ۽ تورو
سنئين پَوي صراف ڪَي، قُولهي نہ قورو
اگهائي **شاهہ عنات** چوي، هِنَ ڏَڏِيءَ جو ڏورو
جِتِ تُرندو تورو، تِتِ شل ڪانياري ڪَامَ ٿِئي.

(۱٦)

ڪَتَڻُ موچاري ڪارِ، جيڪا ڪَتي
آنگ اگهاڙي مُور نہ وَتي
جيڏِيون جالَ مڙنديون جتي
تَعظمَ توجہ وَنديس تتي
سَوڪِي هوندي سا وَرَسَاڻ
پوندس ڪم قوبسر ساڻ.

# سر گهاتو

(١)

ايـــيو اوساريان اُسَ ۾، جهلـيـو ڪُنَ ڪـنارِ
گـهـاتُو گـهـــر نــ آئـيا، وڏي لـڳـيـن وارَ
هُيَسِ جنهن جي هارِ، سي مـوڙي چُريا مَڪُڙِي.

(٢)

ڪلِي جان ڪيڪاريان، تان ساٿي سَنگُ نہ ڪَنِ
وَاَريو وَهِـٿَ وَجَنِ، ڪَنِ سياڳن سـامــهان.

(٣)

مـــون أڏاريا مَڇِرا، آلا گـهــاتُو آڻِ
ميـان مُنـهندارن سـان قـادر وِجـهُ مَ ڪــاڻِ
هَٿَ مُنهِـنجي هـاڻِ، قـــدر لَـــڌو جـن ري.

(٤)

جتـي گُهـوريـو گـهـاتُئين، تـتي رائـي بُٺُ
سَرَ سُڪا سـاقِي گـيا، سـهـسيـن سـاٿِي مَٿُ
جتـي ڏنـيـرَنِ جِيِ، هُئـي اَڳَ اُڳَهـــٽَ
سـي پِڙ نـهاري پَٽَ، وجن مـــاڙهُو موٽـــيا.

(٥)

ٿـلهـو ٿـو ٿـوٽـا هـــٽـي، مٿـو هٽـي ٿـو مَڇُ
باب تَنـهِـين جي رَڇُ، لکيـو لـــوح قلـــم ۾.

(٦)

گُهـوريـنـدي گـهـورِ پـيا، اَگُهـور گهـورياٿُون
مـيـنگرُ مــاريـائُون، مـــلاحـن مُنـهَ سَنرا.

# سرِ راڳ ڏياچ

(١)

محلين آيو منگڻو، راڄا کي نہ ڪُهي
ٻيجَل کي نہ ڪُهي، مال وٺي موٽِي وَڃي.

(٢)

ٻيجَليا ٻولاءِ تون، ڪَهڙُ جا ڳالهہ ڳري
پيئين جيين گرنار ۾، تندُن تانَ ڪَري
ڪِي تو پنڌ پري، ڪِي منگ جهليندين مَڪِنَا.

(٣)

تان چئي مَنگ نہ تُسان مُورَهين، نہ مون پنڌ پري
ڳِنهِي آيُسِ ڳالهڙي، ڳُجهي تو ڳري
سمجهہ سا سورٺ ڏٺي، ويندس تان نہ وري
پَريان پنڌ ڪري، آن تو ئِي لَئي آئيو.

(۴)

ڏاتِ ڏجا ڏاتار، آهيان سوالي سرَ جو
ويندَس ڪين وري ڪڏهن، ايءُ مرڪُ نہ مَگَڻهارَ
جِهَڙِي تو منجهہ ڏِتِ ڏياچ ڏيڻ جي، تَهڙا پُرسَ نہ ٻي مَنجهہ ٻارَ
صاحب لڳ ستار، ڏي مَٿو راڄا منگِتي.

(۵)

تان چئي مٿو مور نہ پاڙيان، تُنهنجي تَندُ تنوارَ
سرَ ۾ سَڄَڻُ ناهِ ڪو، تون موٽ مَ مگڻهار
ڪِينهين مَنجهِ ڪَپار، لَڄيندو ٿو لاهيان.

# سر ڪارايل

(١)

سچ لهي سانجهي ٿي، پکن ڪوڙيا پک
ڪنهين ماڻڪ ميڙيا، ڪنهين چونڊيا ڪک
پُنيءَ لائي لک، گڏيو هنجهہ حبيب کي.

(٢)

جتي هَنجهہَ هُجَن، سو سَرُ سَچوئي واسيو
ڪَهڙِي ڪَلَ ڪَنگَن، تہ ٿا هُت هيرو چُڻن هنجهڙا.

(٣)

هنجهہُ نہ هيٺي ذات، جو هَٽي چُهنبَ چلڙ ۾
پاپوڙي پير ڏريو، لَئي چگِي لات
پکِي پنهنجي واتِ، مناڙيو موتِي چُئي.

(٤)

هَنجَهن سان هيڪار، جي ڪري نيهُن نهارين
تہ بگهن سانُ بِهارِ، بيلهہ نہ بڌين ڪَڌهين.

(٥)

سَرَ سُڪي ڪي سالَ ٿيا، تان پڻ هَنجَهہ هريوئي پيرُ
ڪَنگُ ويچارو ڪيرُ، جو رسي اِنَ رمز کي.

(٦)

پکَنِ سين پاڻُ هٽي، اُڏاڻو آنگاسِ
جتي پرين سنداسِ، سو سَرُ ماٺي هنجهڙو.

(٧)

اُيو تڪي تارِ، اڪڙيون اوڙاه ۾

پِٺون جو پاتارِ، هَنجھہُ تَنِھين جوِ هيرئون.

(٨)

وجِينِ نہَ پيھِي، پِٺُوءَ لئي پاتار ۾
ڪنڌنِ ۾ ڪيھِي، آءِ هَاجَ تُنھِنجي هنجھڙا.

(٩)

جو اونھي ۾ اوڙاهُ، جي هَنجُھہ تنَھين هوءِ
هِيءُ ڪانيرو ڪوءِ، جو هُونھِين چاچَر ۾ چِيرون ڪري.

(١٠)

ٺيو حُضوري هانِ، سوجھا پيِيَس سَرَ جي
ڪوٺي لڏِي ڪانِ، پکيئڙي پاتار مان.

(١١)

چِلهڙَ چڪَ گھٽِي، جِئن پاٽِيءَ ۾ پُوَنرا
وَيَا چِتُ ڪٽِي، تَنِھن سَرَ مٿان هنجھڙا.

(١٢)

بَگھا ڪوهُ بُجَھنِ، تہ سِپُن ۾ چا سَپُجي
جي گھوراَ گھوگھِيتَنِ جا، سي لالُون ڪيئن لَهَنِ
سندِي ذات هَنجَھنِ، مُنھہُ ڪوڙيو موتِي چُٽي.

(١٣)

سو سَرُ، سو هَنجُھہ، سو پڪي، سو پچرو
پيھِي جان پروڙيو، مون پَنھِينجو مَنجھہُ
تان ڏِيلَ اِهوئِي ڏنجھہُ، جِئن مارِي ٿو مَنجھہ ڦِري.

# سر ڪاموڏ

(١)

چامَ ڏئي سا چارَ وِجَهندي، ڊوندي منجهہ هُئي ڊيلَ
سَنمُک سُندَر سُهڻي، سالڪ، ڪوٺن جَهڙي ڪيل
عَقُلَ اَڪابرِ اَعليٰ اڳري، هُئي نازڪ نيَنَهن يَري نانگيلَ
تنَهن تَنُ تَماچيءَ جو نيو نُوري، نازُ ڪري سان نيلَ
اُنهيءَ آڻي ڪينجَهر ڪنڌيُن ۾ ڪوڙيا، تنبو ترت تنهن ويلَ
هِيءَ لَٽَ ۾ ليٽيون لَٽڪي، سا ٽِي راند ڪري مَنجهہ ريلَ
ڪونيو ڪبيرشاه چوي، تَنهن جا سَپ سڌي سَرڪيلَ
تہ گندربؤ گُجِري ڪيئن هَٽ آيَؤ، اَهڙي اَت اَڪيل
ڪامَ ڪنبايو جنهن جيءُ مُنهنجو، عشق بره اَٽگيلَ
ڪارِي تَنهن تان ترت ڪٽو، هيءَ آءِ جوڳيءَ تيل قُليلَ
سا چاڙهيان تو چوڏيلَ، اڄ آئون مُنڌَ مياڻيءَ وچ ۾.

(٢)

مُنڌَ مياڻيءَ وچ ۾، سامَرُ لاڏ ـ ـري ٽِي لوڏ
طِرحين طَرحين تَنهن سين، ڪريان وڏا ڪي ڪوڏ
سَمِي اُنهِيءَ سان ڪانہ ڪَريندي، هَلِي اَچِي ڪا هوڏ
ڪَامَ ڪَنڌيءَ ڪاموڏ، مَرُ ٽِي مَرڪي مَحلَنِ وچ ۾.

(٣)

مَرُ ٽِي مَرڪي مَحلَنِ وچ ۾، هِنَ نِي نُورَن نَينڻ نزاڪُ
باغ تَنهِين ڪي بخش ڪريان، بيا پلنگ پٽرٽيون پاڪَ
ويهہُ ماڙِيءَ مَنجهہ مِهري مرجان، اگڻ ڪلي اوطاق
تَنهِن سان ڪا گَهٽ ڪَندُسِ ڪانڪا، پَنهِنجي

وَس وَساندي واڪَ
تيرَ تُڪا تَنهِن پيٻڙيُون، مارن ٿا مشتاق
جَنهنجَنِ چشمن چوريم چاڪَ، سا ٿو ڳاڏي
چاڙهيان گندرِي.

(۴)

ڪنڌِيءَ مَنجهہ ڪنجَهر جي، گندرِي آهي گُلُ
طرح تماچي تنهن جو آئُڙيو روح عَقُلُ
سا راڄا وِهاري رنگ محل ۾، جت ٿئي شعر شُغُلُ
حيرت سِيَن هونُدنُ چوي، تَنهِن جي ڪَمَ هٿان ٿِيَنِ ڪُلُ
سونهن برابر صاحب راڻِي سيڪا تَنهِن سان ڪري نہ تُلُ
مِيءَ ڪي محبت ميڙيو، ڪٽي عشق نِينهُ اَمُلُ
اهڙو ڄام اصل، نورِيءَ ڪي تہ نصيب ٿيو.

(۵)

ڳالهِ جي ڳَت، آڇي نظر نوريءَ سِين ڪَرِي
ڪنهن ڪي ڏِي سا ڪينڪِي، اُها پنهنجو اَنتُ
سا حويلن ۾ هوندن چوي، وهاري تماچي تُرتُ
سميون سڀ صبوح جو، تنهن ڪي اچيو نئڙَن نتُ
اُن ڪي چئو مُهاڻِي مَتِ، جنهن جي جهوليَءَ چَنَڊُ
جُهلِي پيو.

(٦)

هيڏِيءَ وِيرَ ڪيان، منجهہ ڪنجَهَر سوجهرو
نڪو نارو اُپَ ۾، نڪو چنڊ اُهاءِ
ميءِ چڙهندي مَڪُڙي، لٿو پاند مُهاءِ
پَسين پَلِيجا، جيڏيائِي جوڙ وَهي.

(٧)

جهَڙي سونهن سندياس، تهڙو ڪنجهر ۾ ڪونه ٻيو
ريس راڻِن ڇڏِي، وهي ڪانه وٽانس
مَتَ مياڻيون مڪڙا، مڙي معاف ٿياسِ
تماچي مٿانس، اُيو مورچل هٽي.

(٨)

تڙُ تماچي ڄامَ جو، تماچي تڙَ راءُ
تَماچي جي تَڙَ تان، پِيي گدا شاهُ
تڏهن لَٿو ڏُنُ ڏهاءِ، جڏهن سمي سَام بَخشِي.

(٩)

سَما تو سرَ ڇَٽُ، پاڳارا پُرسَ ٻِيا
ڳَهَرَ تماري ڳِيڙي، اڇي ڄال جڳَٽُ
جَنِ جيڏوئي پَٽُ، تَنِ تيڏيائي ٻِڪِيَا.

(١٠)

ڪنجُرَ ڪناراه، مٿيءَ موچاريون اڪيون
تَنهِن جا وارَ وَسيهَرَ جهڙا، مکيا مشڪ منجها
پَسي ڳِچِي ڳَندريءَ، هنجهه حيران ٿيا
پَسِين پلِيجا، جيڏيائِي جوڙ وَهي.

# سر کنڀات

(١)

ڪَانڌ تُنهِينجي پاند ري، آن ٿِي سِيءَ مران
ڪوسِنِ قباهِنِ ۾، پيئي ننپ ٺران
اَچين جَي گهراَن، تہ وِلهَہ نہ سارِيان وَلها.

(٢)

ڪانڌ تُنهِينجي پاند ري، ٿِي سِيءَ مران سپ رات
ڪوسِنِ قَباهِنَ ۾، تَنَ تُنهِينجي تات
اَچِين جَي پرياَت، تہ وِلهَہ نہ سَاريَان وَلها.

(٣)

ڪانڌ مَ مَرِين تُون، تو وَرَ وِلِهيائي نَہ ٿيان
تو وَرَ وَنِيون ڪيتريون، مون وَرَ آهين تون
ميان مَتان مون، ٻُڙو لاهِ مَ ٻاجهہَ جو.

(٤)

هِن تاري ڪي سامهون، هِنَ تاري جيءَ لامَ
مَونکي مُڪا سڄٽين، سَهٽي ڳاجَ سَلامَ
موٽج پرين چامَ، آن ٿِي لوڪُ لشڪر پائيان.

(٥)

ڇَنڊَ ناسيندي نڪتا، هيڪَ سرتا جُوانَ
مَٿنَ پوتا پَٽَ جا، هينَنَ ٻُورَ ٻهانَ
ڪُڏائي ڪَهِڪانَ، پيج پِنِيءَ گهر آئيا.

(٦)

سُتي خواب لڌوم، هُيَس رات حضور ۾

راند رَونَدي ڍولَ سِين، نئون ٿي نينهُن لڳو مَ
سِجُ جو اپريو مِ، تنهن چاڪَ پريانَ جا چوريا.

(٧)

جئن جئن ٿِي جُهلي رات، تئن ٿِي سجڻ ساريان
لوڪُ سَتو ننڊون ڪري، مون پريان جي تاتِ
وهاٽِيءَ پريات، پسان مُنهُ محبوب جو.

(٨)

جيڪِي پسان رات جو، سو جي ڏسان ڏينهَن
تہ هُنَد اُڏامي باز ٿيان، وڃان ساجَن سيئن
دَسَ لڳا در پوريا، پرين پَسبا ڪيئن
آئون ٿِي چوان اِئين، منهنجو ساهُ سِڪي ٿو سَڄڻين.

(٩)

تارا تراريون، نيزا نَينَ پريَن جا
هَٿِن مُنهَ پاريون، سانگ نہ ڪَنِ ساهَ جو.

# ڪاهوڙي

(١)

ڪاهوڙن ڪٽي، ساجُهر بَدا سندرا
ڏوريندي مَنجهہ ڏونگرين، ڪيائون پاڻ پٽي
ڏُکن ڏِيل هٽَي، ڇيهہُ لڌائون ڇپرين.

(٢)

مون سي ڏٺا ماءُ، جَنهين ڏٺو پرينءَ ڪي
رَهي اَڇجي راتڙي، تَن جُنگَن سَندي جاءِ
اُنهِين جي ساڄاءِ، ترهو تيندم تار ۾.

(٣)

ڏوري ڏوري ڏيهہَ، مانَ ڪاَهوڙي آئيا
مَيَنِ پيرين ڪيهہَ، ڪوهُ ڄاڻان ڪنهن پار جِي.

(٤)

ڪاهوڙي ڪرا، پر سُوڌي سُڌ پڪٽان
سُوجهي ڪنهن سَران، ڪيائون انگهن مَتي آڪُرا.

(٥)

جت نہ پَکيءَ پيرُ، تت تمڪي ٻاهڙي
ٻَيو ٻاريندو ڪيرُ، ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري.

(٦)

ڏوٽي جا ڏورين، ساجُوءِ ٻُڌي نہ سُئين
پاَسا مٿي پَٽئين، ڪاهوڙي ڪيڙين
ويا تِت ووڙينِ، جِت نهايت ناهہ ڪَا.

(٧)

ڏوٽي جا ڏورين؛ اوءِ اَڳانجهي جُوءِ
جتاَنهين ٿي اُيري، ڳُجهہ ڳجهاَندَر جوءِ
پَيناَ تَنهِين هُوءِ، جِني پَهَتُ پَروُڙُ ناهہ ڪو.

# قصو پنهونءَ سسئيءَ جو

سارانهيان سچو ڏٿي، هوندو جو آهي تنهن صفت ڪَر سَچي جي، جو ٿو گهاڙُو گهات گهڙي اَنگَ اگبيئي انگيا، ڏُرون ڏٿيءَ جي ٻُنڌ جي شَهرَ ڀانيٽي اڏيو اوساري دانهُ دلُوراءُ هو پتشاهُ پيڙهي تي ڪَمِي ڪَٿَڪَ نہ هُيَسِ، ڪا ليکو لشڪري وانڪا وچيرَنِ تي، چڙهن چَڪُ ڪري سيڪو سَلامِي ٿيي پاٽو پتشاه کي ڏسي ڏُوا موڪليا، نَرَ تان نريي ڏي ڪيائون پرٽا پاٽا ۾، ٿيا سَنگيٽا سي مَنڌَرِ ڏني مائتن، نرمَلِ ناهَين کي ڏاسيي آٽي ڏيهَ ۾ ڏِنِي پُٽَ کي پرٽائي واجهايو وِياوَ لَئي، ٿِي پُونجي پِيرَ سيي ٻُنڌجي جائِي ٻالِڪِي بيتِي ٻانيَڻ کي ورايو ورتيي ڪيَ ٿِي پر ۾ پُڇائي تہ پو ٿِي پَتي پَسُ تُون، هِنَ جو اَمَرُ ڪيئَن آهي جوسِي ڏسِيو تپٽو ڙيهو وسامي ٻُنڌِجِ ذات ٻروجَ سانَ، هنَ جو انگُ لکيو آهي تَنهِن وَهلوُ وادِو ڪونيو، آندي صَندُوقَ ستباهي تَنِ وڏي ڏيءَ درياهَ ۾، پيتيءَ ۾ پائي لَهرِيُون لاوَهاريون، ڪڙڪا ڪُنُ ڪري سَمُهِين سونيريءَ ڪون گهِرِي ۾ گهاري

تَنهن جِڏي شهر ڀنڀور ڏانَ آري اُهاري
تَنِ ٻُچا ڀَرتَنِ ناه ڪا، جي تاڙُو تڙ اَتي
تن ڏِني ڀيتي ڀَڏري، لَهرنِ ۾ لُڙهدي
ٻُچي ڀرتن ڀتڙِي، ڪوڏان ڪڍائي
نه سَنو ٻارُ صندوق ۾ تا ڀَسَنِ ڀُرسَ سيپي
تَنِ پاڳارو پَرتَنِ جو هو نينهُون نَانوَ ڌَري
مايا مال متاع جي ڪا ڪَمي نه هِي تَنهن کي
توڙون نه هو طَالع ۾ ڪو ويا وِچاري
درياهَ پاچاهَ ديولي اُنَ کي ڏني ڏات ڪَري
وَالِي وِياءُ بَخشو تَنهن کي، مَوَلي مِهرَ ڪري
ٻُڌو ٻريءَ وَات ۾، ڏنو واري ورنَه کي
کُلِي تَتَين ڪِيرُ تيو ساڻُ اَمرَ الله جي
سَرهِي تِي سَرِيرَ ۾ تَنهن کي سڪ منجهان سانڍي
ٻُچو پايو ڀينگهڙي تَنهن کَي لاڪيِتي لوڏي
تالو رکيو سَسُئِي تنهنْ کي ڪامڻ ڪونائي
ٻاتي وَرسَ وِچ تان پئا ڪي جُڳَ جِمانَدرِ کي
سامائجي سرهالُ تِي، آئي آتَڻَ تي
تَنهن سان ڪَتَنِ ڪوڏ مان ساهيڙيُون سَڀِي
ڪَهِي ڪيچَان آئيو لاليو، سوداگرُ سَت تي
اَچيو آتَڻَ اندَ تان تو ڳائي ڳالهائي
چَئي آن ۾ ڪني هڪڙي، سَسُئِي سُونهَن ڪَري
تَنهن جو ذوڙي دَنوارَ ۾ بيو شاني نه آهي
هِيءَ پَدمڻِي پُنهُونءَ سان هُوند تُري مَنجهه نوري
تَنهنِ سَچِي ڳالهه سَسُئِي کي چِت وِڌِي چوري

جي اوڏهُن تِي اُو آٽيو، تہ ڏيَانو مهري معاف ڪري
سگها وجو ساٿيا آوي اُن پري
تَڏهن ساٿي سَنيِا موتِي مُلڪَ اُتي
سي وَجِي ڪيچِ قرارئا سلامت سَيِي
ڪيائون پهُ پُنهونءَ سان ڳُجهي ڳالهِ ڪَري
صورت ڏنِي سون سَسُئِي مَورت موچاري
تُنهنجو جوڙ جَڳَ ۾ اُها مُنڌَ آهي
سُونهون تِي هَلُ ساٿَ سان، اَچانءِ پُنهون پرٽائي
چئي ڪريو عرضُ آريءَ کي، تہ مونکي موڪلَ ڏي
تڏهن مِڙِي مَهجَڻُ آئيو آريءَ جامَ اڳي
جي پُنهُون ڏئون پڌرو تہ سَاٿُئِي سُنگُ نہ ڏي
تہ پَتِيءَ پُنَهُون نہ ڏيان، اڳيان آري چي
هوتِي، نوتِي، ٻَبَرُ، ٻَانهُون، گڏُو نِيون لَلُو لانچائي
هوتِي، نوتِي، ٻَبَرُ، ٻانهُون، سَيِي نہ نيُون سي
پُنهُون ڏيهون پڌرو تان، سَاتُئِي سُنگُ نہ ڏي
سَري ساعت نہ جِندُڙِي مونکي پاٽُو پُنهُونءَ ري
موڪل ڏنِي تَنِ کي آرِي اڳو ڏي
تن هوتَنِ هشيار سهٽا ٻَڌا جَهنوري جَڙائي
وڏا سَنجَ سَنگلات جا آٽِي اُٺَن تي
گُهرَ بَنڌِيُون گوڏَن تي، پيون مالهُون مالَ مٿي
مَتارا مِياٽِي ۾ وينا گهُنڊيارا گهيري
تہ سوناري سَرهي تِي پَسي پانڌين کي
لڳُسِ عشقُ اَمُونگهڙو، پاٽَان پنهُونءَ تي
سا سنيَاليو ساٿِنِ کَي تِي ڪُرمشون ڪري

جوانو جهليو جُوءِ ۾ ڪو اَدا ڏِينهُن اتي تہ ساتي نہ ٿيَن سَنگتي، ٿا وَجن واٿن ڏي تَن بَڏي بُوٽ پَلاٽيا، بوتا بارَ پري بُنڌجن شهر پنيورَ ۾، آيا مُهارُون موڙي تَن ڇيڏيا چَپَ چانگن جا ڇُڳيرَن ڇوڙي اُن شهرُ سجوئي واسيو اُنَن اوڳاري سجي شهر پنيورَ ۾ تي وائي اِيءَ وَري تہ ههڙا ساتي سنڌ ۾ ڪڏهن نہ آيا ڪي سَسُئي سَنبهي هَلي پَسَڻُ پُنهُونءَ ڪي تَنهن اِيندي اَکيون ڪنيُون، بِنهي باجَه پري مليون معشوقن جون رتيون رَنگُ ڪَري ڏَسي ڏُوا موڪليا، پِرتَن پُنهونءَ ڏي تہ ڪيرُ آهي ڪِن منجهان، ڪهڙو ڪَمُ ڪري هُتي آهہ هوتَن مان، هت ٿو پاٽکي پَرتُ چوي چئي وڳا ڏيوسِ وِترا تہ سَهجُون ڏُئي سي ڪَنهن پَرِ ڏوپن ڪپڙا، پُنهوُن پُڇي پرٿن ڪي تَن اَکسَن آچيو اَکسين پاٽو پنهُونءَ ڪي تہ روهڙيون وِجهي راس ڪري، ادا هَڻُ اِتي تنهن پچاڙي پرزا ڪيون، ٿاڙي ٿرهَن تي سَسُئي سَنبهي هَلي، تَنهن وِيرَ تَڙ اُتي تان رڳو رَتُ هَتَن مان ٿو وِجي وَرنهَہ ڪي چئي گنديون توتان گهوريان سُوڏيون پاڻ سيي هُونَدَ توئي سان تَڙِ گهران، پَرَ ڪچو لوڪُ ڪري ميڙي گنديُون مَچ ڪري ڏنيون دانهہ دائيءَ ڪي

مهتي بَڌيون مُهروُن تَنِ جي پاٹُو پَلوَنِ تي
دائي ڏيج ڏَٹن کي سيپيئي ساري
الَهہَ کارڻ ماڙهوئا گَلا کو مَ کري
سَجي شَهرَ پنيورَ ۾ وائي ايءَ وري
تہ کڏهن کونہ آئيو هيڙو پَرٹ هن پاري
کوڏان ڏويو کپڙا، خاصا کونيو ڏي
تَنِ ڏنو سَگُ سَسُئيءَ جو، پَوندي پُنهوُنءَ کي
تنڏهن ماڙهن مَنهہَ اڏيا، چِنا چائيندي
ڏُهلَ دَمامي ڏُکڙين، نوبَتَ نغاري
شرنايون ۾ سورندڙا واجَتَ وَجا ٿي
وناهيائون وَلَهو جُگيرُ چِٹائي
لائون ڏنيون لعل کي سرتين سانَ کري
پرٹايائون پنهوُنءَ کي سَسُئي سينگاري
هُوئا بہ ٿي ڏِينهَن اُتهين پاڙي پُنهُونءَ جي
ساتي سَنبهِي باهَرِ پيا وَرِي وَطَنَ تي
کي جي لڳنِ وات تي قدر ڏينهَن بہ ٿي
سي وَجي کيچَ قرارئا سَلامَت سَيي
تنِ ڏنيُون کيرُوُن خوشِيءَ مان، اڳيان آرِيءَ کي
تہ ڏمرجي ڏادِو ٿيو آري اڳو ڏي
پُنهُون جيڏي پُٹتي هَلي آيا هي
سَسُئي سِياءِ نہ هُئِي، تڏهن کچو ٿيو کُرَ کي
پاٹان جاتَ پَرتَنِ جو اسان کي مهٹو مُوران ٿي
ڏُوڙي ڏوبِي نہ هُوئا، طعنو لڳو تي
تڏهن کربو پَهہ پُٹَنِ سان آرِي سي ٿو سنباهي

هوتي، نوٽي هليا، چڙهي جُوانَ جمازن تي
ٻانهو، ٻٻرُ ٻهرَ پيا، لَلُو لاچائي
تَن وڏا سنج سنگلات جا آٽي اُنن تي
ٻفتريون ۽ بافتا اُتيا اُٺ سَيون اوڇي
هوتين هشيار سهٽا ٻڏا جهنوري جڙائي
سني سيٻيئي سَوارَ ٿي چڙهيا چانگن تي
سڏا آيا ساڪري، آهدي اُچاٽي
ٿا پُڇن گهرَ پنهونءَ جا موتيو ماڙهُن کي
تان سوُڏو ڏنو سَسُئي، هوتي هَتَ اُتي
تڏهن پريو سا بازار مان وڃيو پارَ پُنهونءَ کي ڏي
تہ مون ڏنو ماڙهن ۾، پُنهُون تو جهڙو تتي
تڏهن حُبان هَلي آئيو پُنهُون پيرَ پَري
سڄاتائين سُپرين پنهنجا سڳا پائُرَ سي
اجهي سَسُئي آئيا تُنهجا ڏيرَ سيي
تَڏهن ڳَر لڳيو ڳوڏن کي ٿي کليو کيڪاري
وارَ وچايُون تن کي ٿي پوي پيرن تي
هَنڌَ حويليُون حُجرا ٿي جاڳهُون جوڙي
ليقُوتيون لعلن لاءِ ٿي پٿرٽيون پائي
سا لحاف کٿوريُون کَٽُن تي آٽيو وَرنَهہ وڇائي
تازا طعام تيار کيو آٽيو ڏيرن ڏي
کائي کيَڻُ خوش ٿيا، جڙي وينا جي
ڪڏهن لاڪيٽن لانچئو، اُٿي سينچائن سَنجهي
تان ڏکيءَ کي ڏيرن چيو، تون اَدي ويهہ اتي
سا پِري ويئي پيٽيءَ تي، موتي ماڳَ اُتي

پُنهُون ايندو پاڻهين اسان کي اُماڻي اڳتي
تنڏهن پَهِي پَرياڻي پاڻ ۾ ورتو واڳهين ورائي
سو بَنڌي وڏو ٻهڳڻين، اُٺانئين اُٺ تي
هَٽِي کامَ کرهين کي پُريا پَنڌَ مَٿي
سُتي سُکُ نه سَسُئِي، تِي آڏيءَ رات اُٿي
وهاڻِي واڪا کيو تِي ساري صبوحَ تي
تَنهِن کي پاڻان پَلُون وِجَهن، جَهلُون اَچِي
ساهيڙيُون به سِپِي
ماڙهُو سيڪو مَتِ ڏي آچئو بيهو بانيَڻِ کي
پيءُ پَلِيندي نه رهي، جان کِي منٿُون ماءُ کري
هَارِي وَجُ ۾ هيکلِي، کَهُ ۾ کيچَ مَٿي
مِرن مَتو ناه کو، آهِن جَبلَ وِچان جي
بوهيو چٽا ڏوهَ ڏيهَن ۾، هاتارَ هَنڌَن تي
لُچ لگُورَ لَنعتِي، رُوباهَ مَٿي
شِينهنَ شهگوز شکرا، عاقُبَ اڳو ڏي
ٽيِندينءَ ماسُ مِرُن جو، کوه جاڻان کڻي
اُتِي هَلِي هيکلِي پَنهنجو صاحبُ سنڀالي
وِجي تِي واڪا کَندِي، کَهندي کيچَ مَٿي
پيرَ تُنَهن جا پڻُون ٽيا، چڙهندي چنجن تي
ڏيِن ڏوراپاَ ڏيِلَ ۾ ڏونگر ڏکِيءَ کي
سَا ڏوراپا ڏيِرن کي هِيءَ ڏکِيءَ وبندي ڏي
لنگهي پَبُ پري تِي، هَلِي هاڙهي ڏي
رَڙڪا کريو رُجَ ۾، تِي ورَ وندُر ۾ ڏي
تاَن ڏاڍي سِيرَ سموندَ جِي آيَسِ اڳو ڏي

پيهي ٿيا پاتارَ ۾، پئي داخلُ ڏرتيءَ جي
جُنبيون تن تي زيارتون، عالمُ سڀُ آچي
ڪريون سوالَ سُئيءَ ڪي، مانَ پُنهون پرُ وجهي
سي ڪندا عرضُ اَلله ڪي، ڪٿي سدُ ٻُڌندا سي
ڏٺُ پَڪنُ ماڙهو مرون، تو وَجُهہ واجهائي
ويو ڏڪارُ ڏيہَ مان، ٿي موڪلَ مينهَن ڪي
واليءَ وَسَ وسائي، ٿيا ساوا ڏيهہَ سڀيئي
ٻَندن سان براهمُ چوي، شالَ مَولو مهرَ ڪري
ڪَلِمون چئو ساري، تہ مِڙو مُحَمّدَ جامَ ڪي
لا اله الا الله محمد رسول الله

# قصو جمجما سلطان جو

(١)

ساراهيان سچو ڏٽي، جنهن جي جوڙ جُڳاءِ
صاحبَ تُنهنجي سَگهہَ جو اَنتَ تُنهين کي آءِ
وِهَٽيءَ سَپ وهٽارين جوڙيُون جاءِ بَجاءِ
مَوليٰ مِهرَ سَندياءِ، هِيءُ بانهو باجَهہ منگي ٿو.

(٢)

بانهو باجَهہ منگي ٿو، در تُنهنجي درگاهَ
عيسيٰ نَبِي الله جو آيو رَندُ ونيو ٿي راهَ
تان سسي پَرِ سَمُوندَ جي چڙهي نيکَ نگاهَ
تان سِرُ بِنا ري ساهَ، آهي کَنهِن اَيامَ جو.

(٣)

آهي کَنهِن اَيامَ جو، تَنهِن جا پُنجهوءَ کَنَ پريا
مَنجهس مِاکوڙن جا کوڙين کي هزارَ هُوئا
کولَنَ کائِي کيترِن نهَرا نيشَ کَئا
اَچِي اَنَهِين پاسِ عيسيٰ، پاڻَ اُپِي رَهيو.

(٤)

عيسيٰ پاڻَ اُپِي رهيو، کيا هاتکَ هَٿَ سَوان
آگا تُون احسان سان وِجهُہ مَنجَهس روحُ روان
تہ پُڇِي پَندِ پوان، حَقيقت هِڏي کان.

(٥)

حقيقت هِڏي جي وَحيءَ آندي واهَ
توتي رَبّ راضِي ٿيو، نالو جَنهِن اللهُ

پيو سِسِيءَ مَنجهِہ ساهُ، حُڪُمَ ساڻ حَڪِيمَ جي.

(٦)

تَنهِن وِيرَ سِسِيءَ کان پُڇِيو آ نيڪَ نَبِيءَ نِروارُ
ڪِي تُون هُئِين دُنِيءَ ۾، ڪِي تُون دنيادار
ڪِي تُون بادشاهہ ملڪ جو، ڪِي تون چُور چڪارُ
ڪِي تون غريبُ آدمِي، ڪِي تون زميندارُ
ڪِي تون مُلومِهت جو، ڪِي تون عاقلِ عقلدارُ
اَسان تي اِظهَارُ، حقيقت هَذا ڪَرِ.

(٧)

تذهن سِسِيءَ ڪي سمي، آيو آبُ اکن مان
ڳوڙها سَرِ ڳلنِ تان وِيَڙُس رَتُ رَمِي
تہ دنيا ۽ دولت جِي هُيَمِ ڪانہ ڪَمِي
هُو جو ساءُ سر زمِين، سو آئُون جمجما
سُلطانُ آهِيان.

(٨)

تذهن جمجما سلطان کان، پُڇو نالي مني نُورَ
تہ ڪهڙا تو عدل ڪيا، ڪهڙا تو دَستُورَ
مُلڪَ مڙيئي ميرَ چؤ وَنَتِيءِ ڪهڙي ساڻُ شعُورَ
ميان اِهي مَذڪُورَ، مون تي مڙيئي معلومُ ڪَرِ تون.

(٩)

تان چَئي مُنهِنجي هِنَ مَذڪُور جو، شَهَ پهربون
سُڻُ بيانُ
تہ سورَهَن لک صوبن هُوئا، جن تي سڏايو سُلطانُ
اَسِي لکَ ڳهوڙَن اَپِني، هو سَيڪَنهِن سان سامانُ

ري ساڏي رُوءِ زمينَ تي ڇڏيُمِ توڙان ڪو نہ تُمانُ
ايڏي سان آخِوانَ، هوسِ طالِع وَند تَختَ تي.

(١٠)

ٻيو مَذڪُورُ سُڻُ تون عيسيٰ عَقلدارَ
ڪارَهَن لکَ ڪويسَر، عاقلَ آدمي خاصا خبردار
ٻِئا پِي سَتَ هَزار سَتَ سا سَتينَ اَڳراَ، هئا خوجاَ
خذمَتگارَ
ڳاڻِ ڳَٽيائي ڪينَڪي، هُئا بَهُتُ گهٽا ٻيلدارَ
جيئَن ڪارائِي ڪَڪرين، تِيئَن مون وَٽ ڪَتَڪَ
ڪَارونَيارَ
ايڏي سان اختيارَ، هوسِ تالابِنُ تَختَ تي.

(١١)

تيون مَذڪُورُ سُڻُ تُون، اي نَبِي نُورانِي
پَنجَ لکَ هاتِنِ جا سي هُئا مون وٽ مستاني
چار هزار حَجُرن سي هئا جي اَڏيا ايراني
تَنِ ۾ لَکُ نيشانِنِ اَڳريُون، جي ڪوولَ زبانِي
جوڙي جوڙيان تَنِ سِين، تان سورجُ ٿيون شانِي
ايڏي سان آخِوانِي، هوسِ تالابِينُ تَخَتَ تي.

(١٢)

چوٿون مَذڪُورُ سُڻُ تون، ڪاملَ لائي ڪَنُ
ٻہ لَک سَئيَسنِ سي هُئا، جي فَراشُون ڪَٽَنِ
ٻہ لَکَ آهيڙنِ سي هئا، جي لوڏ حوالي جَنِ
ٻہ لَکَ پهلوانَنِ سي هُئا، جي مون وَٽ مَلهَ وڙهَنِ
ٻہ لک پاهيڙنِ سي هُئا، جي بانَڪا بازَ ڪَٽَنِ

۾ لک ويجَنِ سي هُئا، جي دارُون دوا ڪَنِ
ڏينه تہ مُنهنجي ڏِيل، تان تي تُرت لَنگهايا تَنِ
منهنجي مُهرُ مجي مُلڪَنِ، آئون هوس تالابين
تَختَ تي.

(۱۳)

پنجون مذڪُور سُڻ تون عيسيٰ جُنگ جوانَ
جيئن هڪ بَهُتُ آڏايم بنگلا، چؤنرا ۾ چُوگانَ
تن ۾ بيحد گهٽان بورچي ساڻ وڏي سامانَ
پنج سا بنين سي هُئا، تَنِ تي تي پَڪا پَڪوانَ
اُهي سي اُپاريا مون راهہ مَٿي رَحمانَ
ڳٽي ڳٽيان ڪيترا، توسين شاه بَيانَ
ايڏي سان آخوانَ، هُس تالابِينُ تَخت تي.

(۱۴)

چي هُئين تالابينُ تَختَ تي، ڪَهڙا عَدُل ڪَياءِ
ساڻ غريبن گهوتيا، ڪهڙي وَند وَنديا‌ءِ
راوَتَ رَعيتَ سَنداءِ، ڪيئن تي داد پَهُتِي دَر تي.

(۱۵)

تان چي ڏهون بَخرو ڏهَ تي، راوت نُڪ رکيامِ
ڪَچ تُنهين تي ڪانَڪا، نڪا ڪَٽ ڪَيامِ
ضامن ضَعيفَن جا تي وَڏا غور ڪَيامِ
تَنهين تي ڪَست ڪَيام، جَنِ مجي مُهر نہ مُنهنجي.

(۱٦)

تان چي هُئين تالابينُ تخت تي، ڏنُئي پَروَر پاڇاهِي
اچي ڪِي عِزرائيل توسين ڪِهڙي ڏادِي ڏاڍائي

سُڌ سٽايَئون سائِي، مِيان پنهنجي مؤت جي.

(١٧)

تان چي ٿيَڙمُ شؤق شڪار جو، پيڙمُ ڪو پَرلاءُ
پنج سوَ پيلي ڪَنيمُ پاڻ سان، ٿي لَکَ سَٽ سپاهُ
تن ۾ شير شريف هِڪڙو هو عاقل وڏو اُمراءُ
پنج منزلون پنڌ ڪري، ڪَاهيمُ ڪوڏ منجهاءُ
تَان چڙهيو لڳن تاءُ، مَغزَ مَٿي سُور ڪئون.

(١٨)

مَغزَ مٿي سُور ڪئون سڄو ڪنڌ ڪپارُ
جَامُون جاءِ نہ پَانيئيان، پَانيمُ انڌوڪارُ
سو سَيُ وِيڙمُ وِسري، جو هُوَڙمُ شوق شڪارُ
چِڏي مُوتِيُس پُٺتي اُهو دارمَدارُ
تَان اگيان تخت تيارُ، اچي عيسيٰ اَمُر سان ٿيو.

(١٩)

تنڌهن سهسين طبيبن کي سَڏايمُ صَحِي
حاضِر سڀ حڪيم ٿيا تَنهين ويل وَهِي
دَارُون هن درد جو ڪَرِيو پاڻ پَهِي
وجي لَحظَي منجهہ لهي، هِي جو مرَضُ مَٿي جو.

(٢٠)

سي ڏين ڏسيو رَنگ ڏيل جو، تَن دَستين ڪنيو دَارُون
اَچِيوَ اُتَ اُمرائن ٿَي سوَنَ لَڌيُون سَارُون
تِن پنهنجي ئي پَارؤن، وَسَ وڏَا ئي ڪِيا.

(٢١)

وَس وڏائي ڪِيا، حِيلا حَڪِيَمنِ

سرَ منهنجي تان صَدقو، ڦريو فيل ڏيَنِ
وِرچِيو وبجَ وَجَن، ڪا ڦڪِي ڦير ئي نہ ڪري.

(٢٢)

ڦڪِي ڦيرُ ئي نہ ڪري، ڪونيو ڪُوپہِ سُجاڻُ
تان صُورت عزرائيل جي تَنهن آچِي پَسايو پَاڻُ
عيسيٰ اَمرُ ساڻُ، لَڳِي مُهر زبان تي.

(٢٣)

لَڳِي مُهر زبان تي، آيو جُنبي جُوراڻو
تَنَهن بيحد خانا بند ڪيا، پيو ساه ڪَنيائين سَاڻُو
ساَ پرَڪيائين جندڙي، جيئن مَنڌيءَ مَانڌاڻُو
جي آءُ اُتَي اَلاڻُو، تہ پَهُتي آهہ عرش ۾.

(٢٤)

هڪڙو اُلڪو اَميرَن ۾، پيو پٽُ وَزيراءُ
راڻيُون رُئن رَتَ ڦُڙا، سَهيلِيُون تَنهن وَيراءُ
بَٿَ بَنيُون بيهي رَهيُون، ڪوجو وريو واءُ
جَمِجَمَا شَاهُ، مَنَجهان لوڪَ لَڏي ويو.

(٢٥)

اَجُ اجوڪي راتڙِي، مَيَتُ آه مهمَانُ
ڏوپي واسي ڏَريو، ڪَٽِي ڪتوَلي سَانُ
جنهن تي يانيو پاڻُ، تَنهن جفَا آئي جيءَ ڪي.

(٢٦)

صُبح ڪٽي ڪتولو هَليا دانهہ دُنيءِ مَنجهانَ
مَيتَ لوڏو نہ سهي، هُنَ تي ڪاهيو ڪست مَنجهان
لَڳو رُوهہ لَڪَن سان، سُنجَ چِڪيائين سَاءُ
لِنبي لوڙُهہ مٿانءُ، ڏري وِيَمِ ڏوڙ ۾.

(٢٧)

جانَسين هُوَرٖم هُئَو، تانِسين هُوَ رٖمِ آسرو
هُوءِ هئائين هَليا، ٿيمُ پُڇاٿو پوءِ
دوزخ دَريون اُپَنيُون، رويو رويو چوءِ
عيسيٰ اُمرائنَ مان مَون کي کَمِ نہ آيو کوءِ
جَمجَما شاهہ جو خَيرُ اَگهيو هَڏ نہ کوءِ
آيا مَلَکَ مُقابِلي، تَرسُ نہ پيُرٖنَ توءِ
کهڙو دين مَجوءِ، اُتي جُواَن جَبابَ کَر.

(٢٨)

جَبابَ کون زَبان کي، آيو تَنِ اَڳيا
پَسي صورت تَن جي، دلَ ٿي دَهشتَ کا
تَنِ کَدي گُرزَ هَٿَن سان هنيا کوپَ مَنجها
تُنبَي تنبيَ ساهُ، عيسيٰ مَلَکَ اُتي ويا.

(٢٩)

پوءِ کوڙين کيئان قَبَر ۾، ٿيا بيحد بيشُمارُ
ساعَت نہ ڏنائون ساهَ کي کيڙَنِ کو قرارُ
پنج سَا وَرهَنِ دوزخَ ۾، پيو پٽ هوسِ هَزارُ
تِنهان پوءِ تَيِرٖمِ نارُ، جَڏهِن عيسيٰ اَمُر سان
اچي وِيو.

(٣٠)

عيسيٰ اَمُر سان اچي، تڏهن ڇُٽُسِ عذابَان
لاَ اِلٰهَ اِلاَ الله عيسيٰ رُوحُ الله
سَسَي جَمجَما جي هلي بهشتَن ڏانهنُ
جيَ کَلمون چُونِ مُنهان، مَرهي تَنِ مِڙنِي کي.

# قِصو ٻِلي ۽ ڪُئن جو

(١)

ساراهيان سو ڌڻي، جو قُدرتين ڪَمالُ
آهي معلومُ تنهِن کي، مڙئي حالُ اَحوالُ
سُيَمِ حڪايت هيڪڙي جو خاصو خوبُ خيالُ
تَهَدليئَن ڪري تنهن جو، مَنديو مون مثالُ
ڇا تَہَ ڪنهين شهر ۾ پيو هُئو ڪَڪَن جو ڪَالُ
اُهي ماڻهو ڪاهي مَالُ، ڪَنهِن اَوَسَر ساڻَ
اُٿي ويا.

(٢)

وَهتَ وني اُهي واهڻي جَا وير چَرڻ ويا وَسَ
ڪاَ ٻلي ٻارَنِ سانڊِي هُئِي، ڪنهن رنگ وڏي
سين رَس
سَا وِسري ويچارَن کي ويئي اُنهين هَنڌَ اَپَس
هُريرِيءَ جي هنياءُ ۾ گُوندرَ لايا گَسَ
سارِيُون سانيڙَنِ کي تي سَتُون ڏِيي سَهسَ
لائي لابارو لَسَ، ۽ ڪاهي ڪُوئَن ۾ پيئي.

(٣)

ڪارَڻِ قُوتَ پنهنجي، تي لَڪين ڏنائين لاهَ
ڪُتيو نت ڪُئَنِ کي، تي نهوڙيائين ناگاهَ
مَاريُون اچي مُوشَ سا، سَتيُون سَنجهہ صُباحَ
تَنِ جا سُڪا ساهَ، تي ٻِرنَ مَنجهہ ٻِليءَ ڪئون.

(۴)

تَڏهن ڪُئن ڪنهين ڏينهن ۾ مڙني ڪي مَصلَتَ
تہ رَن نہ رهندي ڪڏهين، جَنهن جا ڏند رَتا سِين رَتَ
ساڙي ٿـي سـاٿـيـہَ ۾، تـنـهِن هـَئِـي سَندي هَيبَتَ
ڏيهہ پنهنجي ڪئون ڏور ٿي، وجي ڪٿئين ڪجي قَسمَت
هَمَہَ ساڻ هِمَتَ، ڪو پَهہُ ڪريو پَرديس جو.

(۵)

تَڏهن رَمي هليا رات کي، ڪو پَهہُ ڪري پَريَاڻُ
ڪُلَ ڪُئَا ڪسنُورَ جا سُور ونـي ويـا سـاڻُ
پَجي پِـڳا بـاهہ ڪَئون، ڀَهَڳُڻ لائي ٻـَاڻُ
تان ڪٿئين سانگُ سَتاڻُ، وجي تِين مُولي جي مُلڪَ ۾.

(٦)

تَڏهن ٻِلي ٻاجهارِي ٿـي، جَان ڪي ٻُچڙي ٻُـڪَ
وِيُسَ قـوت ڪُئن جو، سي سـاريـائـيـن سُـڪَ
لِيَٺيو لُقمن لاءِ لُچِي، سا جيءَ جهوري تِيَسِ جُڪَ
وَنِـتِي ڏادِي ڏُڪَ، ڪـنهـن ڪـنـڌيءَ پـاسَ ڪَرِي پـيـئي.

(۷)

ڪنڌي پاسِ ڪَرِي پيئي، چڙي سَگهہَ سَرِيرَ
ڪري سـبـاجـهـا سـڏڙا سـاريـو پـيـرَ فَـقـيـرَ
هُـيَـس ڪـا ڪـادِ ڪُئن جي، اَنـدر مَنجهہ اُڪيرَ
تہ والِي واري وِيـرَ، تون قـادر آڻِ ڪـُئـنِ ڪـي.

(۸)

تڏهِن ڪُئَن ڪنهين ڏيـنهن ۾، ڪِي منجهون پِرت پَچَارَ

تہ ڪڏي مُنجو مُوش ڪي، پنهنجي ڏيهہ ڏوارَ
تہ سَهيو ڪَنِ سُجي جا ، سي وَجي پِٽيَلِ سندا پَار
تہ ڏاتَرَ ڪڏي ڏيهہ مون، ڪِي ماري موتَ مَڪَارَ
سگها آٽين سيگهہَ ۾ اها خَبَرچَارَ
پوءِ اِلاهِي توهار، اسين موٽون پنهنجي مُلڪَ تي.

(٩)

تَڏهن ڪي ڪُٺا نڪريا ڪَستَ مون، وڏي سَت سَڌَر
سي دُوسِي پَهُتا ڏيهہَ ڪَي، اُنهين پَاس پَهرَ
جتي هُئي بَاڪ ٻِليءَ جي، ظَاهرُ سانڍُ زَهرَ
سي چُٺا چڙهَيس اوچتا نَاگهہَ مَنجهہ نظَرَ
تڏهن نَڪُ گهيو گيسي ڪري، مَنجهون مَنَ مَڪَرَ
تہ ڪوڙين آهين ڪيترا، موَن تي آوهانِ جا ڏُڪَ ڏَمرَ
سي سپ بَخشِجو بِاَالله لڳِ، جي مون ڪيا
خون خَطَرَ
هاڻي هَلِيَسِ حَجَ تي، آئون سُٽي قيامَ قَبرَ
چاليهنِ تي چاليهنِ جي رڪيم چَاهُ چَهرَ
ريڙهي اَچوِ راڄِ ڪي ڇڏيو خوفُ خَطَرَ
تہ پيرين پَئِي پِرَ، آئون هيجؤن هلان حَجَ تي.

(١٠)

تڏهن مُرڪِي موٽيا مُوشَ سي، ويا رَمِي ڏي راڄَ
فقيري جي فيض سان اَڄُ ٽي بِليءَ تي باجَهہ
هاڻي خوفَ خُداءِ جي ماري ڪئي موتَاجَ
چاليهنِ سا چُور ڪِي، وِيَسِ وڙهڻ جا واجهہ
پيئي قُربِ ڪُئن جي، لائِقَ پَرِيءَ ڪي لاڄَ

پـَرَ بخشائـيندي بَخشجو، هوءِ كاڌائين جي كاجَ
حاصُل كَمُ ٿيي حَاجَ، جي اَئيـن هلو ته هوءَ
حَجَ وڃي.

(١١)

تَڏهن كـُئا كري كاهَ، موتيا پنهنجي مُلڪَ تي
بـلَيءَ ڏِنـا ڏورئـيـنَ كـري نـرت نـگـاهَ
سـرهـي ٿـي سـرَيـرَ ۾ ته آنــدا پـانَ الله
تَڏهن نَڪُ گهيو گيسيون كري، سرُ صَدقو ۽ ساهُ
ته حَرفُ بُڌَو مون هيڪڙو، جو كَنهن دُرسُ پڙهيو دانا ه
ته كُلُ نَفس ذائقَة المَوت، ٿيندو سبِ فَناءِ
تڏهن توبه كري تَائبُ ٿيس، دولهَ جي دَرگاه
هـاڻي زَاري هنَ ضَعيف جي سُٺو سيَ صَلاحَ
جيئن سوڙهاَ ٿي سَمهن كَربو، اچو لَگبِ اَللهَ
ته آئون حَج وڃان هَرِ گاهَ، پڙهي خَتمون خير جو.

(١٢)

تڏهن موشنِ كي تَنهِن مَكَرَ جِي، كانه پيئي كا كَلَ
تَنِ سَپِني ٿي سَمَهن كَئِي تَنهين ماڪِ مَهلَ
مَتِنَ بَلي پيئي بانيَ جانَ، كري هُوءِ هَكَلَ
كي هينون پنهنجي پَيت جي، دَسيَا دُز دَغَلَ
كي پيڙيائين پيرَن ۾، كَي باقي مَنجهه بَغلَ
كي واري وَرتائين وات ۾، كي چنبي ۾ چَئچَلَ
تان اِنهي تور تَهَلَ، هِنَ سَتَ كُئا سوگها كِئا.

(۱۳)

تڏهن ڪُئا يڳا ڪَرَهِ تي، جيئن جهاڙو ڏيي جَهاڙُ
ترُ نہ ترسيا ڪينڪي، پَسي ڏکُ ڏوارُ
چئي پيجو تان پيٽي ٿئي، نَتَ مارينديِ مَڪارَ
سي وجي پَهُتا پارِ، ڪاهي پنهنجي ڪُرمَ ڪي.

(۱۴)

تَڏهن ڪُئن ڪُڙمَ ڏي، پُڇو چي ڪريو خَير خَبرَ
جيئن سڳها آيؤ سيکه ۾ ڪنهن ڏاڍي ورتو ڏرَ
تڪا آيؤ تيز سان جهاڳي بيديون برَ
ڪلَ ڏيو ڪا ڪرَ، حقيقت هن حالَ جي.

(۱۵)

تڏهن ڪئن ڪُڙمِ کي ڏنو جودؤن هيءُ جَبابُ
تہ ڪاج بليءَ جو چيچڙا ، جَنهن ۾ نہ آه ثوابُ
اڳي ظالم هئي زور گهٽي، اَندر خون خَرابُ
تڏهن مارينديِ هئي هڪڙو، تکو رکي تابُ
هاڻي فقيريءَ جي قند سان چڏيائين حَرفُ حسابُ
سَت سَت ماريو ساعَتَ ۾، تي ڪُئا ڪري ڪَبابُ
دلِ دَغا دولابُ، تِي پڙهي حجَ هنُرَ جا.

(۱٦)

پرَ نہ بَليون هلَن حجَ تي نہ ڪئا سمَهہ هٽن
جي هنُر بازيون حرڪتون، تا مَڪَر رکنِ مَنِ
هي مثُل تنُ ماٺهن جو، آه قصو منجهہ قصَنِ
جي وجهئو داوَ دَغاءَ جا تا واتُن تي وڙڪَنِ
تڪينَ بيگانيون عورتون، ريجهِي سَانُ رَنُنِ

مـتِرِدَنِ جـي مَجلـيـسَ ڪي اوڏا تـا نـہ اَچـن
پيـرويءَ پيـغـمبَرَ جـي ڪـَنـا ٿا ولـها واءِ وَجـن
جي ٿـا رانـديـون ريـب رَوَن، اُوءِ پِـي آهـنِ بـولَ
ٻِليءَ جي.

(١٧)

پـَرَ جو پـاڙو تـڪي پانـهنجو، ڏُرڙو چِڏي ڏيانُ
پـاڙا نـبين ڪي پيارا ، جيئَن جاٽي جَڳُ جَهانُ
پـوءِ پڌر پونـدي ٻَالـهڙي، تـيـنـدو گـوڙ گـُمَانُ
تَڏهـن مَاءُ ڪـونـيـنـدو مـُنهـن تـي، جَان هـَـٿُ
ڏيندو حيوانُ
جَان قَسَمُ ڪندو ڪُوڙَ تـي، ڪٽي قادرُ جو قُرآنُ
جَنِ اِهڙو ديـنُ ايـمَانُ، اُوءِ پِـي آهـنِ بولَ ٻِليءَ جي.

(١٨)

پَرَ بَر بَحر جا زاهِدَ جي، ٿـا ڪَنِ سَهـسين سير سَبِيلَ
مَٽڪا مَٽڪَن تيِ هٽيو ٿا ڪَنِ تَسبِن جي تَحصِيلَ
ڪَشفَ ڪَرامَتَ سانُ ڏسَن، ٻئَا دلَ جا دُرسُ دَلَيل
سَخَا نہ آہ سـجَنِ ڪـي ڪـا ڪـوڏَيءَ قَدُرُ قـلـيلَ
جي اهـڙي بُخلِ بَخِيلَ، اُوءِ پِي آهنِ بول ٻليءَ جي.

(١٩)

پـَرَ جي شَرعَ ۾ شَفيعَ جَامَ جي، ٿا ڪوڙ ڪَنِ قاضِي
ونـئو روڪ رُپـيـنِ ڪي، ٿـا ٿين رشـوَت تـي رَاضِي
حقَ منهجئون نـاحَقُ ڪيون، ٿا ڪَنِ دَڙ ٻَڙ دَرازي
سي پـي چاندي چئبا ڪينڪي، وجي ريءُ ٿيا روازي
جي ٿـا بَـتِلائِنِ بَازِي، اُوءِ پِي آهنِ بولَ ٻليءَ جي.

(۲۰)

بعضي ڪَنِ مُلَنِ جِي، اهڙِي خوءِ آهي خَصلَتَ
جيئن مُئي ماڻهوءَ تي خوش ٿيندا اَندَر ۾ البَتَ
پوءِ واريون وقتن کي ٿا ناٿا ڪرين نت
پوءِ ڪنيو قُرآنَ ڪريمَ کي ٿا ڊوڙن ساڻُ مَيَتَ
نڪي نامِ خُداءِ جي، نہ حضرَتَ جي حُرمَتَ
جان لالچَ هوندَنِ لولَنِ جي، جان پَٽُون
ڪارڻ پَتَ
گوهر جو سي قدُرُ نہ ڄاڻَن، ڪَلَ انهين قيمت
جي اهڙي ڳالهين ڳت، اُوءِ پِيِ اَهِنِ ٻول ٻليءَ جي.

(۲۱)

پِرَ خيرشاه خواهَشَ رسولَ جي، چئي نتُ
مَدَحَ مسڪينِ
تَنهِنِ سَيِّدَ سَرَ انبياؤ جي، تون دُرسُ رَهجِ سرِ ڊين
جنِ کي حُبَ حَبِيبَ جي آه مَحَبت مهرَ مَنجهينَ
سي کَهندا ڪلمون ڪوڙ مؤن، يَڪ دلِ ساڻُ يَقينَ
اُوءِ ڪڌهِنِ ٿيندا ڪينَ، شلَ ڀَهڳُڻَ ٻولَ ٻليءَ جي.

لا اله الا الله محمد رسول الله

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳُولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَـنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَئَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙھندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جھڙن سوالن کي ھر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انھن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنھنجو حق، فرض ۽ اٽل گھرج unavoidable necessity سمجھندي ڪتابن کي پاڻ پڙھڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توھان بہ پڙھڻ، پڙھائڻ ۽ ڦھلائڻ جي اِن سھڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگھو ٿا. بَس پنھنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، ھر قسم جا ڳاڙھا توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منھنجا ياءُ
پھتو منھنجي من ۾ تنھنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)